# خط

## ع.ق. شيخ جا دوستن ڏانهن



سنڌي ادبي بورڊ

# خط

## ع.ق.شيخ جا دوستن ڏانهن

[محمد ابراهيم جويو عبدالفتاح هاليپوٽو ۽ ميرزا مراد علي 'اختر']

سهيڙيندڙ:

نجم شيخ

ٽائيٽل لي آئوٽ:

طارق عالم ابڙو


**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو، سنڌ

2010ع

كتاب جا حق واسطا قائم

چاپو پهريون جولاءِ 2010ع تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اوائن حاصل ڪيل اجازت
کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم
شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: هڪ سؤ پنجاسي رپيا

**(Price: 185-00)**

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ انچارج
مئنيجر خضر خان وگهڻي ڇپيو ۽ پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي،
سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي پڌرو ڪيو

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ جي عظيم مصور، قلمڪار، افسانہ نگار، ڪهاڻيڪار محترم ع.ق. شيخ جا دوستن ڏانهن خطن جو هي مجموعو محترم سائين محمد ابراهيم جويو صاحب، محترم عبدالفتاح هاليپوٽو ۽ محترم ميرزا مراد علي 'اختر' صاحب جن جي ذاتي رڪارڊ ۽ سنڌن ٽورن سان خطن کي ترتيب ڏيئي بورڊ پاران شايع ڪرڻ لاءِ مليا.

فن جا پارکو ڄاڻن ٿا تہ سائين ع.ق. شيخ صاحب فن مصوريءَ سان گڏ افسانہ نگار، مؤرخ سکيا ڪار بہ هئا، جنهن وٽان ورهاڱي کان پوءِ نئين نسل کي فن جي سکيا سان گڏ حسنِ اخلاق ۽ ادب جا جيءَ جاڳائيندڙ درس بہ ميسر ٿيندا رهيا، جنهن جي ادبي ۽ فني عظمتن جي جيتري واکاڻ ڪجي گهٽ آهي.

سنڌن وصال بعد 1998ع ڌاري بورڊ پاران سنڌن خدمتن جي اعتراف طور ڪهاڻين جو مجموعو "محبت جي راهہ تي" ڇپرايو ويو. ع.ق.شيخ صاحب پاران پنهنجن دوستن سائين محمد ابراهيم جويو صاحب ۽ سائين مراد علي مرزا (اختر) ۽ سنڌن آرٽ جي شاگرد فتاح

هاليپوٽي ڏانهن لکيل هيءُ خط انهيءَ دؤر جي تاريخ جي ترجماني ڪري رهيا آهن.

اسان هتي سائين محمد ابراهيم جويو صاحب ۽ شيخ صاحب جي نياٽي محترمہ نجمہ شيخ صاحبہ جا پڻ ٿورائتا آهيون جن وقتاً فوقتاً هن خطن جي ڪتاب ڪي سنوارڻ ۾ اسان جي رهنمائي ڪرڻ فرمائي.

بورڊ ع.ق.شيخ صاحب جا دوستن ڏانهن خطن ڪي انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ گڏوگڏ شايع ڪري اطمينان جو اظهار ڪري ٿو، اميد تہ اسان جو هيءُ پورهيو پڙهندڙن ڪي پسند ايندو.

02- جولاءِ 2010ع
بمطابق 18- رجب المرجب 1431هہ
ڄام شورو، سنڌ

پروفيسر سيد زوار نقوي
سيڪريٽري

# ع.ق.شيخ جي باري ۾ تاثرات

ع.ق.شيخ، ڪهاڻيڪار، مصور، تاريخدان کان سواءِ پاڻ وڏا پامسٽ پڻ هئا.

پاڻ 8_ مارچ 1941ع ۾ ٽر جي ننڍڙي ڳوٺڙي گدڙي ۾ ڄاوا. سندن والد عبدالقادر هڪ پرهيزگار بزرگ شخصيت سان گڏوگڏ مشهور حڪيم پڻ هئا. سندن لاڙو فن ادب ڏانهن هو پر انهي سان گڏوگڏ سٺا اُستاد به هئا.

پاڻ پهرين ٽر جي شهر ڏيپلي ۾ نوڪري ڪيائون. جنهن کان پوءِ ميرپورخاص ۾ پنهنجا فرائض انجام ڏنا. پاڻ به پيرا بمبئي مان آرٽ جي تربيت وٺي اچڻ کان پوءِ حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج ۾ آرٽ ٽريننگ سينٽر ۾ انچارج طور ڪم ڪيائون.

ع.ق.شيخ صاحب فن مصوري جي دنيا ۾ اوچائي تي رسيل ۽ سرفراز ٿيل هئا.

ع.ق.شيخ جو هي ڪتاب "دوستن ڏانهن خط" خط لکڻ به هڪ اهڙو فن آهي جو جهڙي تهڙي جي جاءِ ڪانهي. خاص ڪري برسٽل مان ڪنيل خط محترم ابراهيم جويو مراد علي مرزا ۽ فتاح هاليپوٽو جا اهي خط تفصيل سان آهن. پڙهي ائين محسوس ٿو ٿئي ته آمهون سامهون گفتگو ڪري رهيا هجن.

مان شڪرگذار آهيان سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري سيد زوار حسين شاهه نقوي جي، جن ڪتاب شايع ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ۽ محترم ابراهيم جويو صاحب جن جي، جنهن صاحب قدم قدم تي رهنمائي ڪئي ۽ محترم حميد سنڌي صاحب جن به مدد ڪرڻ فرمائي.

مون کي اميد آهي تہ اڳتي سنڌي ادبي بورڊ منهنجي والد صاحب جي برسٽل جي ڊائريءَ ۽ شاعري جو ڪتاب پڻ شايع ڪندو.

**نسيم شيخ**

# ع.ق.شيخ
# جا
# محمد ابراهيم جويو
# ڏانهن
# لکيل خط

## فهرست


- محمد ابراهيم جويو ڏانهن لکيل خط 9 - 104
- عبدالفتاح هاليپوٽو ڏانهن لکيل خط 105 - 237
- ميرزا مراد علي "اختر" ڏانهن انگريزيءَ ۾ لکيل خط 239 - 274

(1)

*Training College for men*
*Hyderabad.*
*24/09/1951*

**My dear Joyo,**

**I am writing this to remind you about the work of Mr Kazi Abdul Haye. His son has got scholarship but his daughter has not got it. It is presumed that the scholarship for girls have not been sanctioned as yet. Kindly see your way to help him.**

**I have already written to you a long letter about my case. I hope that due delay will be made as requested. Pir Sahib will meet you and I hope you will guide him properly. He will even and can approach Mrs Ansari.**

**Pir sahib will be coming there within two to three days.**

**Yours sincerely**
**A.K.Shaikh**

(2)

*Trining College for men*
*Hyderabad Sindh*
*6 October, 1951*

عزيزم جويہ صاحبا

هن سان گڏ ہہ سرٽيفڪيٽ سُين لاءِ موڪليان ٿو. ڏيپلائي صاحب 9 سيون آنديون هيون، جن مان چار پاڻ رکيائين جو محمد مصريءَ کي ڪپنديون هيون. باقي پنج ڏنائين ۽ چيو اٽس تہ چار سيون جلدي موٽائيندس.

مهرباني ڪري ورندڙ ٽپال ۾ احوال ڏيندا تہ سيون باقاعدي جي اتان ملي سگهنديون هجن، تہ سرٽيفڪيٽ وغيره وٺي پيا موڪلبا.

پئسن جو پڻ احوال ڏيندا تہ بر وقت موڪلي ڏيندس. اوهان کي خبر آهي تہ هن بيماريءَ سبب حوصلا خطا ڪري ڇڏيا آهن. وڌيڪ ڇا لکان.

اوهان وٽان احوال اچڻ کان پوءِ ئي علاج شروع ڪبو تنهنڪري جواب جلد ڏيندا. زياده خيريت. والسلام.

نيازمند

ع.ق. شيخ

(3)

حيدرآباد سنڌ
19/12/51

عزيز جويہ صاحب! خوش هجو شال.

توهان جو جواب مليو_ مهرباني. اميد آهي تہ جلد ئي ايڏانهن اوهان جي مشوري موجب ڪونہ ڪو ايندو. اهو جال احوال اِج پوسٽ رستي تعلق رکندڙ ڌرين ڏانهن موڪلي رهيو آهيان.

ڏيپلائي ڪان مهراڻ جي ڪور ڊزائين جا جيڏيءَ مهل پئسا ورتم، ان وقت رسيد موڪليندس. پورٽريٽ ۽ ڊزائين لاءِ جيڪڏهن اوهان وٽ گنجائش نہ آهي تہ ٺهيو جاڙي بہ جڳ سان. هن باري ۾ اوهان جي طرفان صفائيءَ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي.

پلا انهيءَ پورٽريٽ ۽ ڊزائين جو بلاڪ ۽ هن تازي ڪور ڊزائين جا بلاڪ پروف ڪاپيءَ سان گڏ روانا ڪجو. زياده يار محمد ايڏانهن درخواست بدليءَ جي موڪلي آهي، تنهن جو ڪو بلو پيٽي ٿيو آهي يا نہ؟

نيازمند
ع.ق. شيخ

(4)

*Hostel-3*
*T.C for men*
*Hyderabad.*
*29/12/1951*

**My dear Joyo,**

**I had just seen your circular letter regarding the symbol for the publications of the Board but thanks for your timely information without which I think I would have never attempted anything. Two designs are sent to you under a separate cover.**

**I was all the time here busy in drawing the specimen for drawing master's examination.**

**Our college will reopen on 2nd January 1952.**

**Yours sincerely**
**A.K.Shaikh**

(5)

*Hyderabad*
*22/1/1952*

**My dear Joyo,**

**I have received your letter through Mr Mohammad Issa. I have paid him Rs 30/=. The injections have been started, I will be highly obliged if you try to get the streptomycin phials.**

**Diplai will be coming to Karachi as soon as he is able to do so. You may send then the injections through him.**

**Yours sincerely**
**A.K.Shaikh**

(6)

*Hyderabad*
*18/2/1952*

My dear Joyo,

I have received all the three letters from you. I am extremely sorry that I have not written to you on return. It is only my laziness that I was putting off the things till tomorrow for my life these days remains disturbed. You can't realize or even imagine.

Your letters here on the contrary have been encouraging and so sympathetic. I am really very much indebted to you for taking so much interest in me.

I have got the vials which were sent by you through your peon. How much I have to pay you still? I have lost the bills sent by you.

My youngest child expired about ten days back. I have sent Nazir and Najma to Mirpurkhas. Husna has improved a bit. The heavy expenses over her have reduced me to pauperism.

The matter for "Pirah Phuti" will be handed over to the press in a day or two.

Thank you once again for writing to me, When are you coming here next?

Yours sincerely
A.K.Shaikh

(7)

*Hostel No.3*
*Training College for men*
*Hyderabad Sindh*
*18/3/52*

محترم جويہ صاحب!

توهان جو نوازش نامو مليو- مهرباني. جيئن تہ پٽي صاحب ڳوٺ ويو هليو هو ان ڪري بروقت ان سان ملي ڪونہ سگهيس. ڪالهہ شام جو موٽڻ تي مليو. ڪيس اوهان جو خط ڏيکاريم ۽ مون بہ چيومانس. چياءِئين تہ رڪارڊ مان درخواست ڳولي آرڊر ڪيدناسين. پوءِ وري ساٿس گڏ آفيس ۾ ويڻ ٿيو. اتي هن پنهنجي ٽپال ڏٺي. ان ۾ مائي بلقيس بانوءَ جي درخواست هيڊ ماستريائيءَ جي معرفت ۽ سندس چاچي احمد بخش جي خط سان ٽريننگ ڪاليج ۾ تعليم ۽ اسڪالرشپ لاءِ پڙ هئي، جا هن ڪيس موڪلي هئي.

هاڻي واقعي هنن کي ڇا گهرجي؟ جيڪڏهن نوڪريءَ جو آرڊر ڪين گهربل هجي تہ هڪ تازي درخواست انهن کي موڪلڻ گهرجي تہ ان جي آڌار تي آرڊر نڪري سگهي. اوهان کي خبر هوندي تہ آفيس تازو ُتان هت منتقل ٿي آئي آهي، جنهنڪري اڳينءَ درخواست جو ملڻ قريب قريب محال آهي.

اوهان پنهنجي دوست مسٽر ڪمالاڻيءَ کي سڄيءَ حقيقت کان واقف ڪندا. درخواست موڪلڻ بعد مون کي اطلاع ڏيندا تہ بهتر ٿيندو. مسٽر ڪمالاڻيءَ کي منهنجا سلام ڏيندا.

فوٽا لڌا يا نہ؟ بلاڪ ٺهيا هجن تہ ترت روانا ڪندا يا اِتي ڏيپلائي هجي تہ ان کي ڏيندا. مون ۽ گراميءَ جي ڪا وڌيڪ خبر رکندا.

نيازمند

عبدالله

(8)

حيدآباد سنڌ
2/5/1952

عزيزم جويہ صاحب!

اڄ مسٽر عامر صاحب، ڊئريڪٽر صاحب کي پڪي ٽيڙ لاءِ درخواست موڪلي آهي. هن سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪيو آهي. مهرباني ڪري پنهنجي اثر رسوخ سان مٿينءَ درخواست جو بهتر ۽ ترت نيڪال ڪرائيندا. احوال ڏيندا.

اڄ صابوگر جو هڪ ڊگهو خط پهتو آهي، شايد آچر تي اوهين ٺٽي ويندا. منهنجي سينيارٽيءَ متعلق اميد تہ اوهان پڇا ڪئي هوندي. زياده خيريت والسلام.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(9)

حيدرآباد سنڌ
9/7/1952

عزيز جويہ صاحب!

ڳچ ڏهاڙا گذري ويا آهن، جو حال احوال نہ ڏنو نہ ورتو اٿم. تازو اوهين هت آيا هئا، پر ان وقت آءٌ ڳوٺ رسمي عيد ملهائڻ ويو هوس. جتي بيمار ٿي پيو هوس ۽ اجان تائين بہ پيو لوڙيان. گهر بہ چاڪائي ڪانهي. نظير جو طهر ڪرايو هئم، سو بہ پيو لڏي ۽ لچڪي. ستار پرهہ ٿتيءَ لاءِ اجان تائين ڪجهہ نہ ڏنو آهي. يار محمد جي تہ سچي خبر چار هوندوَ زندگيءَ مان خوشي ۽ احساس ڪڏهوڪو موڪلائي چڪا آهن. بس رڳو پيو وقت کي ڏڪجي ۽ وقت آهي جو وري ور ور ڪريو پيو واپس ڏڪي. هنن ڏڪن ۽ ٿاٻن جي انتها ۽ آخرت نيٺ خبر ناهي ڪڏهن ٿيندي.

سنڌي ادبي بورڊ جي ڪارگذاري نظر مان گذري. نهايت تڪليف ڪان ڪم وٺي محنت ڪئي اٿوَ ۽ ماٺهن جي منهن ۾ موچاري ڏڏڙ اِچلائي اٿوَ.

منور هاٽي طبيعت ۾ ڪيئن آهي؟ اوهين خود تندرست آهيو يا نہ؟

هن سان گڏ ڊرائنگ امتحان متعلق پنهنجو سچو ڪيس اوهان کي ڏياري موڪليان ٿو. مهرباني ڪري نظر مان ڪيندا، منهنجي درخواست جو اجان تائين ڪو نيڪال ڪونہ ٿيو آهي. مهرباني ڪري ڪينءَ بہ ڪري ان جي نيڪال جو ڪو ترت تدارڪ ڪندا. اچان تہ آءٌ پاڻ ها، پر ليڪو اهو آهي جو هڙ ۾ هريڙون ۽ گوڏ ۾ پتاشا تہ وڏي ڳالهہ آهي. موجود چلر بہ ڪونهن، جو نِوڙي ڪٽي چونڊي سگهجن. تنهنڪري لاچار اوهان جهڙن

عزيز دوستن کي بيحاليءَ ۾ ٿي تڪليفن ۾ تڪليف ڏيڻ جي حُجت ڪيان ٿو.

جيڪڏهن معلوم ٿي سگهي ته اها خبر پڻ وٺندا ته اسان جي ٽيل امتحانن جو رزلٽ اتي آفيس ۾ آهي يا نه. روپاٽي صاحب جي ڪلارڪ ٻڌايو هو ته فاروق صاحب. روپاٽي صاحب سان نٿو نهي.

وڌيڪ ڇا لکان؟ ٻي ڪا خاص ڳالهه آهي به ڪانه سواءِ هن خود غرضيءَ واريءَ هاءِ گهوڙا جي ٻيو باقي رهيو به ڇا آهي. جواب لاءِ اکيون آتيون هونديون. اسحاق حيدر صاحب خبر ناهي اوهان سان مليو آهي يا نه

نيازمند
ع.ق. شيخ

(10)

حيدرآباد سنڌ
28/7/1952

عزيز جويہ صاحب!

اوهان جو خط هٿو هٿ ميان رسول بخش صاحب کان مليو. نوازش.
اوهان شروعاتي خط ۾ لکيو هو تہ درخواست ڏينهن ٻن ۾ نيڪال ٿي وينديۦ وري لکيو اٿو تہ اپيل جو نيڪال ٿي چڪو آهي. ان تاريخ 26 جي ٻي. اي. آءِ. جي ڪلارڪ سان مليو آهيان، جنهن اپيل جي پهچڻ متعلق لا علمي ڏيکاري ۽ چيائين تہ هت اها ڪانہ پهتي آهي، جنهن ڪان پوءِ خود ٻي. اي. آءِ. مسٽر روپاڻيءَ سان ملڻ ۽ معلوم ڪرڻ لاءِ ويس، پر هو صاحب جيتوڻيڪ گهر ۾ هو پر ٻاهر نہ نڪتو. تنهنڪري موٽي آيس، وري خيال اٿم تہ اج ملندوسانس، پر جيئن تہ هنن صاحبن جو دماغ آسمان تي آهي، شايد نہ ٻہ ملي، پر جيئن تہ پنهنجي ڪم لاءِ هينئر گڏهہ کي ٻہ پيرين پئبو تيئن ڪيئن ٻہ ڪري ملندو سانس.
اتي مسٽر دوست محمد پٽي آءِ. جي. ايس. جو هيڊ ڪلارڪ پنهنجي بدليءَ جي سلسلي ۾ آيو آهي، جو سياڻي اتي ٻي. پي. آءِ. سان ملندو بهتر آهي تہ اوهين خاطري ڪري مسٽر پٽيءَ هٿ زبان يا تحرير اطلاع اپيل بنسبت موڪليندا تہ واقعي اها ٻي. اي. آءِ .ڏانهن موڪلي وئي آهي يا رڳو اهي ڪلارڪن صاحبن جا دم دلاسا آهن.
اسحاق حيدر الائجي اتي ڇا پيو ڪري، هت تہ ڪافي همت پئي ڏيکاريائين.
صابوگر صاحب ٻہ لمبي چوڙي درخواست ڪئي آهي. ساڳيءَ طرح نوابشاهہ جي ڊرائينگ ماستر ٻہ درخواست رجسٽر ڪري روبرو عرض ۾

اڄ اسان جو ڪاليج ڪلي ويو آهي. رحيم بخش صاحب سان ملڻ ٿيو. ڪجهه مڙيئي ماس چاڙهي آيو آهي. ڪيئن نہ چاڙهيندو جو ٻالرن جي ديس مان ٻالر ڪمائي واپس وريو آهي.

ٻڌو اٿم تہ ڪتريءَ صاحب reversion لاءِ درخواست ڏني آهي. جنهن ڪري هڪ هيڊ ماستريءَ جي جاءِ خالي ٿيندي. ڏسجي ڪنهن کي ٿي نصيب ٿئي. هتي رحيم بخش صاحب جو نالو پيو ٻڌ جي.

اوهان جي ڪراچي ڇڏڻ جي ڪوشش جو ڪهڙو ڪرتيل نڪتو آهي؟

نظيرُ منور جي هيڏانهن اچڻ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو آهي ۽ آءٌ بہ خوش ٿيو آهيان تہ اوهان جو ديدار نصيب ٿيندو.

نيازمند

ع.ق. شيخ

(11)

*Hyderabad.*
*1/8/1952*
My dear Joyo Sahib,

I find no suitable words to express my heartfelt gratitude for taking such a keen and personal interest in me and my affairs. I am really indebted to you and at the same time am proud to possess a faithful friend like you.

All the friends here are anxiously waiting for your arrival when lots of things may be told, talked, discussed and shared.

I could not contact Mr Rupani in spite of the fact that I have been going several times to meet him in his office and even at his house. And now it is of no good to meet him. As for meeting the D.P.I is as the whole case concerns me, I should not hesitate in doing so. But there are other factors also which should not be ignored. The very first point is: what shall I ask him for? On occasion like this it will be useless to complain about the various prejudices and discurs underhand policies of examines and those of the Board. Although there are sufficient proofs and strong grounds for it all, because he being the President of the Board may take it ill. My case about condo if presented in good light is in itself self-sufficient, which you say will be done. Under there conditions, if I come to Karachi I shall have to inure any amount of expenses with the last month's extraordinary expenditure, on circumcision of Nazir, journey to Mirpurkhas with family, illness of Irfan and the constant purchases of medicine for Husna for she is still having injections. I am this day the 1st of the month I find myself totally a beggar. I have to pay my fees for examination of the Punjab University, for the supplement arty which is going be held on September the 9th instead of October as usual. I have

to fill up the form and submit it after getting it signed from principal of some arts college, and endorsed by first class Magistrate and has got to be submitted by the 5th. Those things could have been done, but were postponed because of not having the amount for fees. The forms could only be countersigned after the receipt of fees to be attached to the forms. I will do all this tomorrow. If I come to Karachi I will have to waste at least two days more of my studies also. I have only just started studies two days back being under the impression that the examination will take place in October. Under the state of affairs like this, it will only be a torture for me to come to Karachi and say to Sahib "Please condone me!" I will, therefore request you to kindly weigh all these things and instruct me if it could be avoidable for me to come to Karachi, in which case kindly to have my absence condoned. I shall never forget this obligation of yours until my last breath.

But see that you don't depend on Mr. Foruqui. I have secured 52% of marks on aggregate. Marks of written and oral are always treated as one subject in which case I fail by one mark otherwise I fail by 3 marks. I have secured 1st position in two heads and 2nd in the subject "nature drawing." The percentage of passing marks nowadays is not more than 33% or at the most 35% in most of the University examinations.

I am sure that if all these points are carried safely home to the D.P.I he will surely sympathize and do all what is wanted. I am afraid I may say away other things which may have no relevance to my problem. Now good bye with the hope that I will have very good news shortly.

Thanks.

Yours sincerely
A.K.Shaikh

(i2)

حيدرآباد سنڌ
7/8/52

عزيز جويہ صاحب!

هت تہ سيئي دوست اوهان لاءِ منتظر ۽ واجهائي رهيا آهن. خبر ناهي اوهين ڪڏهن ايندا ۽ هن انتظار ۽ اوسيئڙي جي الائجي ڪڏهن ۽ ڪيئن ڪسر نڪرندي- خير.

ڪالهہ مون سان ماجرا ٿي گذري، جو بي. پي. آءِ. صاحب سان پنهنجي ڪوشش ڪان پوءِ ڪوٺڙيءَ ۾ ملاقات جو شرف حاصل ٿيو. چوندا آهن تہ ڳوهہ کي ڪتي ڪٽندي آهي تہ ڳولهيندي آهي شڪارين جا گهر. سو مون بہ هلي وڃي پنهنجي منهن ۾ ڌوڙ پاتي. تصو هينءَ آهي تہ ڪالهہ شام جو پورن ٽن ڪلاڪن جي انتظار ڪان پوءِ صاحب ڪوٺڙيءَ پهتو تہ اوڏيءَ مهل هڪ مهاجرن جو وفد اچي نازل ٿيو. اهو وقت 7½ بجي شام جو هو. آءٌ جو اڳ ۾ وينو هوس، سو اتي گڏ وينو رهيس. گفتگو ۽ بحث ٿيندا رهيا. ذري گهٽ ڪلاڪ اچي پورو ٿيو ۽ مهاجرن جيڪو وفد اٿيو تہ ڪي ٻيا آفيسر صاحب اچي پرگهٽا ٿيا ۽ صاحب اتي اندر ويو تہ آءٌ بہ اڳتي وڌيس ۽ چيم تہ سائين منهنجو بہ عرض ٻڌو. چيائين: "چئو!" "منهنجي اپيل سائينءَ جن وٽ آهي. امتحان متعلق، مهرباني ڪري ڪو فيصلو ڪريو." مون چيو.

پاڻ فرمايائين: "بابا امتحان جو نتيجو نڪري چڪو آهي. جيڪي ناپاس ٿيا آهن، تن سيني اپيلون ڪيون آهن. سيني کي پاس ڪبو ڇا."

اتي مون چيو تہ "پين سان منهنجو ڪهڙو واسطو منهنجي "Case" غور طلب آهي. مون سان نسورو ظلم ٿيو آهي." ظلم جو اکر ٻڌندي ئي ٽانڊو لڳي ويس ۽ منهن بڇڙو ڪري حاڪمانہ انداز ۾ چيائين:

"Shut up this nonsense! I don't won't to hear anything more."

(13)

*Hyderabad*
*22/8/1952*

My dear Joyo,

I have already written to you regarding Mr Kamalani. I have again contacted Mr Bhatti, he will help in the matter as he said.

I have written directly to Mr Magsi to put in such an application etc.

All else is well. Could you make enquiries about arrival of the latest drug on T.B.?

Yours
A.K.Shaikh

(14)

حيدرآباد
28/8/52

عزيز جويہ صاحب!

اڄ ريلوي پارسل ڪري بلٽي رجسٽر ڪري موسوي پناهہ علي شاهہ صاحب ڏانهن رواني ڪئي اٿم. ڪيس اهو بہ عرض ڪيو اٿم تہ ڪتابن جي پهچ اوهان ڏانهن رواني ڪري.

منهنجو ڪم هاڻي اوهان تي آهي. صاحب کي ضرور ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کان چوارائيندا، جنهن جي چوڻ جو ستس اثر ٿئي ۽ پوءِ جيڪو نتيجو نڪري، سو اڪين تي رکبو. اميد اٿم تہ هن سلسلي ۾ اوهان کان غفلت نہ ٿيندي جو ڏيپ رهيو اهو آهي تہ وقت ڪافي گذري چڪو آهي.

آءٌ گهڻو ڪري عيد ڪري لاهور امتحان ڏيڻ ويندس. ان پاسي ڪو ڪم ڪار هجي تہ لکندا.

عقيدتمند
ع.ق. شيخ

(15)

حيدرآباد
21/9/52

عزيز جويہ صاحب!

ڪالهہ توهان جو "انٽرويو" ٿي چڪو هوندو. مقابلي جو ميدان تہ قريب قريب خالي هو. پر تنهن هوندي بہ نتيجي کان واقف ڪندا.

توهين جڏهن اڳئين دفعي هت آيا هئا، تڏهن ائين چيو هئو تہ وڏي صاحب کي ڪنهن کان چوارائبو. اسان جي پاسي ڏي هڪ بہ ماڻهو اهڙا هئا، جن جي خبر هيم تہ صاحب سان تعلقات اٿن. انهن مان هڪ قابل ذڪر پير تاج محمد ڪاماري شريف جو هڪ زميندار آهي. انهيءَ پير صاحب سان منهنجي والد صاحب جن جو البت رشتو آهي. توهان جي اچڻ کان اڳ ۾ هت جڏهن آءٌ ڪونہ هوس ۽ لاهور ويل هوس، تڏهن منهنجو والد صاحب هت ترسيل هو. جو مونکي اچڻ تي مليو. ٻين خبرن چارن وٽندي ڊرائنگ امتحان جي اپيل متعلق بہ پڇيائين. ساڻس سارو احوال اوريم ۽ کيس چيم تہ جي پير صاحب هن ڪم لاءِ وڏي صاحب وٽ هلي وڃي تہ هوند چڱو. کيس مون اوهان جي سپرد ڪيل ۽ واعدي ڪيل انجام کان بہ واقف ڪيو هو ۽ اهو بہ چيو هيومانس تہ جي اتفاق سان پير صاحب ملي وڃي تہ چئبس. باقي هاسيڪار ڪا ساڻس ملڻ جي تڪليف نہ ڪندا.

تازو توهين هت مليا ۽ خبر چار ڏني هيَوَ. مون مٿيون احوال اوهان سان ڪونہ ڪيو هو ۽ نہ وري ان جي ضرورت سمجهيم. پير صاحب جو نالو مون ورتو هو شايد اوهان کي بہ ياد هوندو. خير منهنجي والد صاحب کو پير صاحب ڏي نياپو موڪليو هو جنهن خاطريءَ جهڙو جواب ڏياري موڪليو ۽ ڪالهہ هت اچڻ جو انجام ڪيائين جو کيس خبر هئي تہ

صاحب هت آهي. والد صاحب به هت آيو ۽ آءٌ به ساڻس گڏيس. ڪيس سربستو احوال ٻڌايم ۽ حسين بخش شاهه وارو احوال ڏنومانس. تنهن تي چيائين ته فڪر ڪونهي، آءٌ 24 تاريخ ڪراچي ويندس. هيءُ ڪم پنهنجو آهي. وري هڪ دفعو ڪيس چڱيءَ طرح چئي ڏسبو. پير صاحب وڏي اميد ڏيکاري. پر پير صاحب به ايترو پڙهيل ڪونهي. پاڻ چيائون ته آءٌ شيخ عبدالمجيد کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويندس.

سو سردست هيءُ عرض آهي ته چونه هيءُ آخري ڪوشش به آزمائي ڏسجي. پوءِ نتيجو جيڪو نڪري، سو اکين تي رکبو. تنهنڪري مهرباني ڪري مون وارو Case جيئن هت فيصلو ڪيو هوسون، تنهن کي ڪجهه عرصي لاءِ پيش نه ڪيو وڃي، جيسين پير صاحب وڏي صاحب سان ملي. پيو تي سگهي ته جناب شيخ صاحب سان توهين اڳواڻ ملي، ڪيس سمجهايو جو پير صاحب ڪيس پوريءَ طرح سمجهائي ڪونه سگهندو. نڪو ڪو وري وڏي صاحب سان بحث مباحثو ڪري سگهندو جو ممڪن آهي ته شاهه صاحب وانگر پير صاحب کي به هو ٽڙڪائي، گشا وغيره ڏيئي سگهي ٿو. تنهنڪري پير صاحب رڳو هاٿيءَ جي ڏندن وانگر ڏيکارڻ جو ڪم ڪندو ۽ باقي اصلي ڪم شيخ صاحب ئي ڪري سگهندو.

يقين اٿم ته اوهان جي همدرديءَ سان جڏهن هيترو ڪم تي سگهيو آهي، ته باقي اڌورو ڪم به اوهان جي دستوري دلچسپيءَ ۽ عنايت سان ٺهي راس ٿي پوندو.

منهنجي ”ڪيس“ جي ته توهان کي بنيادي خبر آهي. پر تنهن هوندي به وري لکان ٿو. صاحب جو موجوده رويو ۽ هلت شايد انهيءَ ڪري آهي، جو بين ناپاس ٿيلن جيڪي اپيلون منهنجي ريس تي ڪيون آهن، انهن ممتحنن تي نهايت ئي سنگين الزام لڳايا آهن. منهنجي فائدي ۾ هيٺيون ڳالهيون آهن:

1- شروعات ۾ جڏهن صاحب سان مليا هئاسين، تڏهن به مون صاحب کي چيو هو ته آءٌ جيڪي پاس ٿيا آهن، تن وانگر ئي وڌيڪ رڳو هڪ مارڪ تان ناپاس ٿو ٿيان. بشرطيڪ ”اورل“ ۽ ”رننگ“ جو ٽوٽل ڪيو

وچي ۾ ڏيکاريل نتيجي موجب ٻن ڪمن ۾ ناپاس آهيان، جنهن تي پاڻ چيائون تہ ائين ڪونہ هوندو. ٻن ڪمن ۾ ناپاس ٿيل اميدوارن کي پاس ڪيو ويو آهي. اوهين اپيل ڪيو. مون ٻي ڪابہ شڪايت ڪانہ ڪئي ۽ خاموش ٿي ويس. جنهن کان پوءِ اسحاق حيدر صاحب دل کولي پنهنجو پاسو پيش ڪيو. خير- مون جڏهن تہ صاحب جي چوڻ موجب ئي درخواست ڪئي آهي. جي بروقت جواب ڏني ها تہ هوند درخواست ۽ اپيل ڪرڻ جي نوبت ئي ڪانہ رسي ها.

2- اورل ۾ رنن جون مارڪون نوٽل ٿينديون تہ ۹ڪ مارڪ تان ناپاس ٿو ٿيان.

3- جيڪي پاس ٿيل اميدوار آهن، اهي بہ 5 مارڪن تان "ڪنڊون" ڪيا ويا آهن. جڏهن پنجن مارڪن وارا "ڪنڊون" ٿي سگهن ٿا، ڇهن مارڪن وارو بہ ڪنڊون ٿي سگهي ٿو.

4- ٻيو تہ ٻن ڪمن ۾ آءٌ ٻهريون نمبر آيو آهيان ۽ 52 سيڪڙو مارڪون ڪنيون اٿم.

5- تہ منهنجي درخواست ۾ ممتحن صاحب تي ڪي الزام وغيره ڪونهن.

6- ٻين جن اپيلون ڪيون آهن، سي سيئي ڪمن ۾ ناپاس آهن.

– – –

جوڻہ صاحب، حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪڏهن ڪم جي لحاظ کان ڪو آرٽسٽ ڪم ڏسڻ وارو هجي ها تہ ههڙي حالت هرگز نہ ٿئي ها. اوهان کي ياد هوندو تہ توهان چيو هو تہ جعفري صاحب کي چوان تہ هو قاضي صاحب کي توهان جي پارت ڪري. مون چيو هو تہ مون تمام سٺو ڪيو آهي. سچ پچ تہ مون پهرئين نمبر اچڻ جا خواب پئي لڌا. پر هنن پنهنجي ڪري گذاري. پاس ٿيلن مان هڪ مسٽر عبدالسبحان نور محمد هاءِ اسڪول واري 21 Specimen مان رڳو 5 ڏنيون هيون. حالانڪ انهن 21 Specimen تي 3 مهينا ڪم ڪيو آهي. تڏهن تيار ٿينديون آهن. تنهن کان سواءِ 40 روپيا امتحان جي فيءَ ۽ وڏي ڳالهہ ۽ وڏو نقصان تہ اهي سيئي

امتحان ۾ پاس ڪيل مون کان سينيئر ٿي ويا. جيتوڻيڪ آءٌ انهن کان اڳ ۾ Confirm ٿيل هوس ۽ سينئر پڻ هوس. پر هاڻي سڀني کان جونيئر. لياقت جي لحاظ کان امتحاني ڪمن ۾ جيڪي پاس ٿيا آهن ۽ جيڪي اسان جا ممتحن صاحب آهن، تن ۾ ۽ مون ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. پر هت قصو آهي ”اي روشنيءَ طبع تو برمن بلاشدي.“

ٻيو پاس ٿيل اميدوار مسٽر گل محمد رٽائرڊ ڊرائينگ انسپيڪٽر جو پٽ آهي. مسٽر گل محمد امتحان جي دوران هرهڪ ممتحن جي در تي دونهين دکائي ويٺو هو.

ٽيون اميدوار جنهن اورل ۾ هڪ به جواب ڪونه ڏنو هو سو موجوده انسپيڪٽر روپاٽيءَ جو منظور نظر آهي. سندس نالو زبيري صاحب آهي. مسٽر عبدالسبحان جو تہ ڪيس نسورو نابيسني نُرر هوا هُن اسپيڪٽر صاحب جون ڏوم ڏام سان پارٽيون بہ ڪيونَ هيون. هڪ امتحان کان اڳ ۽ ٻي پوءِ انهن حالتن کي مدنظر رکندي ارمان تہ گهڻو ٿو ٿئي، پر مٺي بہ ماٺ، مُٺي بہ ماٺ، اهي ڳالهيون صاحب کي ڪونہ ٻڌائبيون.

جواب ورندڙ ٽپال ۾ ڏيندا تہ تسلي ٿئي پنهنجي انٽرويو جي مفصل خبرچار پڻ ڏيندا. خط البت ڊگهو ٿي ويو آهي.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(16)

حيدرآباد سنڌ
24/9/52

عزيز جويہ صاحب!

السلام عليڪم- عرض تہ اڄ پوري هفتي کان پوءِ حيدرآباد موٽيو آهيان. نئين ٽريننگ اسڪول ميرپور خاص لاءِ نقشا ۽ خرچ جو تفصيل انجنيئر صاحب جمڙائو ميرپورخاص، کان گهربل هئا. خير- توهان جا ٻئي خط اڄ مليا. اپيل درخواست جو اتان نيڪال ٿئي تہ آءٌ ڪٽي روبرو بہ اچان، پر موجوده حالت ۾ جڏهن مارڪون آهن ئي ڪين تہ منهنجو اچڻ رڳو مالي نقصان ٿيندو. حالت اها آهي جو جي گهٽا پئسا هجن ها تہ هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ضروري ڪم ٿي سگهي ٿو! عجب آهي تہ سيني ناپاس ٿيل شاگردن اپيلون ڪيون آهن ۽ رجسٽرڊ پوسٽ ڪيل آهن. مگر جواب پوڙ نڪو ڦوٽ. اهي حالتون جتي ڪٽي آهن. ڪا ڳالهہ نئين ڪانهي. اوهين اتي، جي ڪوشش ڪندا تہ آفيس وارا رزلٽ گهرائي سگهندا. جي ڪجهہ نہ ڪري سگهو تہ بي ميار آهيو. باقي اطلاع ڪجو.

حسن علي مليو ڪونهي، اميد تہ اڄ هو ملندو ۽ سياٽي سعيد صاحب وٽ ويندس. يار محمد جون ڳالهيون رڳو 50 روپين ڪري ٽٽي پيون آهن،جن جي هنن جي مائٽن تقاضا ٿي ڪئي. پورو هفتو گذري ويو آهي، جو هو مون سان نہ مليو آهي. هو ظاهري طرح تہ ٻيو هلي، پر دل جو ڌڪ کو ڪاپاري آهي، نہ دوستَ نہ دلاسو نہ ٻيو ڪو آسرو ئي انهيءَ جو علاج ٿي سگهي ٿو. باقي وقت شايد آهستي آهستي اهو ڦٽ ڇُٽائي. اوهان ڏانهن هن جي عقيدت گهٽي آهي. مهرباني ڪري هن خط ڏسڻ شرط ڪيس ڪو دلداريءَ ۽ همت افزائيءَ جا بہ ٽي اکر ضرور لکندا.

شامل خط آٽيندڙ هڪ دوست آهي. ماستر صاحب آهي. هن سندس

پٽ کي اسڪالر شپ ملڻ لاءِ درخواست اتي بي. پي. آءِ کي ڪئي آهي. مهرباني ڪري اتان ڪيس خبر وٺي ڏيندا تہ اهو فيصلو ٿيو آهي يا نہ. هن جي ڇوڪري کي اسڪالر شپ ملي آهي يا نہ. جي اڃان اهو فيصلو نہ ٿيو هجي تہ پنهنجي پڇت سارو ڪيس مدد ڪندا.

اوهان مفصل احوال لاءِ لکيو آهي، حسن بانو بهتر آهي باقي سورن ۾ اسان گهٽايو ڪونهي، تن جو ذڪر ڪري بہ اوهان جي دماغ سوزيءَ ۾ اضافو ڇو ڪيان؟

ٻڌون پيا تہ انسپيڪٽريس گرلس جي آفيس ايڏانهن ٿي اچي. ڇا اها ڳالهہ سچي آهي؟ اهڙو جي. آر. نڪتو آهي ڇا؟

جواب ٿي سگهي تہ هن دوست هٿ موڪليندا. هي مختصر خط تڪڙ ۾ لکيل آهي. نظير صاحب جا منور کي سلام ڏيندا.

نيازمند

ع.ق. شيخ

(17)

حيدرآباد
5/11/52

عزيز جويہ صاحب!

هڪ نياپو اوهان جي نوڪر ۽ پيو زناني ڪاليج جي ڪلارڪ کان مليو. مگر ذڪر ڪيل خط مون هٿ ڪاني ڳولا ڪئي آهي، نہ مليو آهي. جنهنڪري هيڪاري انتظار زياده آهي.

ٻچا دال ۾ ڪجهہ ڪالا هوگيا هي؟ خير- جيسين تائين اوهان وٽان ڪو احوال عنايت ٿئي، تيسين پريشاني دور ڪانہ ٿيندي.

نيازمند

ع.ق. شيخ

(18)

حيدرآباد
9/11/52

عزيز جويہ صاحب!

توهان جو ٻيو خط پهتو ۽ ڪالهہ اڳيون خط پهتو جو جنسي لفافو موڪلي رهيو آهيان. خبر ناهي ڪيئن ڪوئيٽا مان گهمي ڦري آيو آهي.

ڪم جي باري ۾ صاحب سان سومرو صاحب، وائيس پرنسپال صاحب، ملي چڪا آهن. اسان جي صاحب قاضي صاحب ڪي سڏائي چڱيءَ طرح چيو آهي. هائو هائو جي تہ بک ڪانهي، پر منهنجي سمجهہ ۾ آهي تہ ڪوري اٽندو اهوئي جيڪو من ۾ اٿس. مون پنهنجي وسان بہ منٿن ڪان ڪين گهٽايو آهي. اڃان بہ ڪوشش ڪندس. ڪالهہ اسان جي صاحب ٻڌايو تہ قاضي صاحب چوي ٿو تہ انصاري صاحب جو هٽ 12 ڪان 18 تائين اچٽو آهي، ان سان ملي فيصلو ڪنداسين. وائيس پرنسپال ڪي روپاٽي صاحب چيو تہ بورڊ جي ميٽنگ ڪري فيصلو ڪنداسين وغيره. هاڻي ان صورت ۾ هنن ماڻهن تي ڪهڙو اعتبار آهي؟ ڪجهہ ڪٿي نٿو سگهجي. تنهن هوندي بہ نتيجي ڪان بي نياز ٿي پنهنجي وسان ڪين گهٽائيبو. بي. پي. آءِ. صاحب جي ڪئمپنگ ڪلارڪ سان اوهان جا تعلقات هوندا ۽ جيڪڏهن اِتي هجي تہ ڪيس منهنجي پارت ڪندا تہ روپاٽيءَ صاحب ڪي صاحب سان ملڻ ڪان اڳ ۾ ڪجهہ چويس. هيءَ ڳالهہ نہ وساريندا.

ڪالهہ خط ملندي ڏيپلائيءَ سان ملڻ ويس، جو ڪونہ مليو. اڄ يا سڀاڻي ملي اوهان جي سامان لاءِ مفصل احوال ڏيندس. "پرهہ ڦٽيءَ" جو ٻيو پرچو هفتي ڪن اندر نڪري ويندو ۽ ٽئين پرچي جو مئٽر بہ تيار ٿي ويندو. قاضي عبدالحي صاحب ڪي انڊَ پيبن متعلق ٻڌايو اٿم.

اوهان کي ڪافي تڪليف ڏني اٿم. اوهان هيتري دلچسپي نہ وٺو ها تہ هوند ڪجهہ بہ ڪونہ ٿئي ها. اوهان جو نهايت احسامند آهيان جو دوستيءَ جو پورو حق ادا ڪيو اٿوَ. هاڻي جيڪڏهن ڪٿي ڪجهہ نہ بہ ٿئي تہ ارمان ڪونہ ٿيندو.

مون جيڪو انٽر جو لاهور مان امتحان ڏنو هو ان جو نتيجو اچي ويو آهي ۽ آءٌ پاس ٿيو آهيان.

نظير جا منور کي سلام ڏيندا.

نيازمند

ع.ق. شيخ

(19)

حيدرآباد
25/11/52

عزيز جوڻ صاحب!
خيال هوم تہ اجهو ٿو منهنجي اپيل جو فيصلو ٿئي ۽ اجهو ٿو توهان کي احوال ڏيان. پر نہ ڪو ان جو فيصلو اڃان تائين ڪيو ويو آهي ۽ پڪ بہ ڪانهي تہ ڪڏهن ٿيندو ۽ ڇا ٿيندو؟ تنهنڪري بهتر آهي تہ موجوده صورتحال کان اوهان کي واقف ڪيان.
شروعات ۾ هفتو کن تہ ائين پئي چيائون تہ تنهنجي درخواست آئي ڪانهي وغيره. پوءِ وري چيائون تہ بي. پي. آءِ. صاحب هٿ ايندو ان سان ملي فيصلو ڪنداسون. بي. پي. آءِ. صاحب هٿ بہ ٿي دفعا آيو پر رهيو ٿورڙو وقت تنهنڪري ڪين ان سان نہ ملڻ جو بهانو ملي ويو. هاڻي موجوده وقت ۾ چئي رهيا آهن تہ بورڊ جي ميٽنگ ڪري پوءِ فيصلو ڪنداسين.
رئيس صاحب جي اٽ کي ڪير چوي تہ هُلي آهي. سو جيئن وڻين تيئن پيا ڪن. ڪانئن ڪير آهي جو پڇا ڳاڇا ڪري؟ اڳيون بورڊ تہ ختم ٿي چڪو آهي. عجب اهو آهي تہ اسان جي امتحان جو رزلٽ بورڊ جي ميٽنگ ڪري ظاهر ڪونہ ڪيو ويو. نئون بورڊ ممتحنن جي چونڊ ۽ پيپر ڏيندڙ ۽ پيپر جانچيندڙ (گريڊ امتحان) جا سواءِ ڪنهن ميٽنگ ۾ فيصلا تازا سواءِ ڪنهن دستوري ميٽنگ جي ٿي چڪا آهن. پر شيخ جي اپيل جي درخواست بورڊ جي ميٽنگ ۾ فيصل ٿيٺي آهي! حالانڪ اڳئين بورڊ جو فيصلو موجود آهي. روپاڻي صاحب کي ذاتي طرح ڪافي منتون ڪيون اٿم. قاضي صاحب جون بہ ڪافي خوشامدون ڪيون اٿم. روپاڻي صاحب کي اسان جي صاحب، وائيس پرنسيپال صاحب پڻ سفارش ڪئي آهي. دمن دلاسن جي بک ڪانهي، پر هنن جي روش ۾ ظاهري ڪو ڦيرو نظر نٿو

اچي. ساڳيءَ طرح قاضي صاحب کي بہ هت پرنسپال صاحب پڻ ۽ وائيس پرنسيپال چيو آهي. مطلب تہ هن سڄي مهيني ۾ ناجائز خوشامد، چاپلوسي ۽ منتن ڪندي جو وقت گذريو آهي، سو ساريءَ عمر ۾ پهريون دفعو آهي. اهڙي ذليل روش ڪري آءٌ خود پاڻ تي ملامت ڪري رهيو آهيان. هنن آسماني صاحبن جو دماغ ۽ اسان جي بي حسي زنده باد_ نہ نہ، مرده باد.

اوهان جي مهربانين جو احسان مند آهيان. تنهنڪري اوهان کي مختصر طور احوال ڏيڻ لازمي آهي. ورنہ هي زمانو ايترو تہ ظالم آهي جو دل کولي روئڻ جي مروت بہ نصيب ڪانہ ٿي ٿئي.

منهنجي اپيل جي باري ۾ بي. پي. آءِ. جي آفيس وارن جو نوٽ هو تہ: Return immediately، پر پورو مهينو ٿيو آهي جو روپاٽي صاحب اها گوڏي هيٺان رکيو ويٺو آهي. ڊسمبر مهيني ۾ انهيءَ امتحان لاءِ درباره درخواستون گهرايون وينديون. ڇا آفيس ان باري ۾ ڪانئس جواب جي تقاضا ۾ پڇا ڳاڇا ڪانہ ٿي ڪري سگهي؟ ڏيپلائيءَ کان باقي احوال ملي چڪا هوندوَ. وڌيڪ ڇا لکان.

هيترين تڪليفن ۽ محنت کان پوءِ مون واريءَ اپيل جو حشر الف سُلَ خَف ب هيٺ نقطوا

نيازمند

ع.ق. شيخ

(20)

حيدرآباد
1/12/52

ناز اٹھے کب دیدہ تر کے
ہنس ہنس کے کھائے ہیں چرکے
کس کے سر الزام دھرو گے
بے پروا اندازِ نظر کے
تھک گئیں آنکھیں منزل تکتے
پاؤں ہوئے ہیں من من بھر کے
ٹوٹی مالا کون سمیٹے!
بکھرے سپنے جیون بھر کے
موتی بکھرے سپنے ٹوٹے
کیا کیا ہیں احسان سحر کے
آج دیوانے کھل کھیلیں گے
عمریں بیتیں آہیں بھر کے

عزيز ساٿي! اڄ مون کي هٿ پنهنجي صاحب بهادر جي نوٽ ڏسڻ جو موقعو مليو. ڪمبخت اڃا گوڏن هيٺان رکيو ويٺا آهن ۽ شايد اڄ روانو ڪن. سيئي منٿون ايلاز خوشامدون، آزيون بيڪار. هنن فرعونن جو دماغ آسمان تي آهي هو ڪيئن زمين ڏانهن ڪنڌ جهڪائي ڏسن. خير. نوٽ ڪافي لمبو چوڙو آهي، مختصر ته هي لکيو ويو آهي:

-1 اوّل امتحان ماسٽرس لاءِ پاس ڪرڻ نهايت ضروري آهي، جو اهو

مکيہ ڪم آهي، جنهن ۾ اميدوار 3 مارڪن تان ناپاس ٿو ٿئي.

-2 بين ڪمن ۾ بہ اميدوار Distinction جو مارڪون ڪونہ ڪنيون آهن.

-3 Distinction ۾ بورڊ ٻن اميدوارن جا نالا سفارش ۾ آندا هئا، پر پريزيڊنٽ صاحب پاڻ خود انهن کي ناپاس ڪيو.

-4 ٻئي سال جو امتحان بلڪل ويجهو آهي. اميدوار کي ان ۾ ويهڻ گهرجي.

مٿئين نوٽ کان پوءِ هنن جي نوازش جو ڪهڙو ذڪر ڪيان. سهڻ جي بہ آخر ڪا حد ٿيندي آهي. قوت برداشت جواب ڏيئي چڪي آهي. پر خودداريءَ جو دامن، جو سچائيءَ سان پرپور آهي، اجا آسائتو آهي. هاڻي ڏسان تہ توهان جي حڪمت عمليءَ جو نتيجو ڇا ٿو نڪري. جي ڪجھ نہ ٿيو تہ بہ ارمان ڪونہ ٿيندو. وڏيڪ ڇا لکان؟

اِڪ نهين دو نهين، صد نهين هزار نهين
زخم جو دل مين هين اُن ڪا ڪوئي شمار نهين

نيازمند

ع.ق. شيخ

(21)

حيدرآباد

3/12/1952

خط لکي پوسٽ نہ ڪري سگهيو آهيان. منهنجي درخواست پهچي چڪي هوندي.

منهنجي خيال ۾ تہ هاڻ هنن کي ڪجهہ تنگ ڪرڻ کان سواءِ چارو ڪونهي. اخبارن ۾ مضمون ڏجي وغيره. مسٽر صابوگر جي درخواست ۾ ڇاڻايل الزام بلڪل سؤ في صدي سچا آهن. جيتوڻيڪ هن ويچاري جو ڪم بلڪل گهٽ هو.

انهيءَ درخواست تي صاحب جو مزاج ڪافي بگڙيل هو. مون کي ڊرائنگ انسپيڪٽر جي ڪلارڪ کان معلوم ٿيو تہ هو سمجهن ٿا تہ اها درخواست اوهان ڪيس لکي ڏني آهي. اهوئي شايد سبب آهي جو اوهان جي چوڻ آکڻ کي بہ هن نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. مٿينءَ درخواست جو جواب روپاڻي صاحب ڏنو آهي، اهو بلڪل مختصر آهي ۽ گول مول آهي. ڇونہ اهو واپس هٽايو وڃي ۽ ڪانئس هرهڪ لڳايل الزام جو نقطي بہ نقطي واضح طور جواب ورتو وڃي. بلڪل آسان ڳالهہ آهي، اوهان جو رڳو اشارو ٿيندو. ننڍو صاحب صحيح ڪري ڇڏيندو ۽ پوءِ هنن جو ڪجهہ هوش ٺڪاڻي ايندو. ڪمبخت سمجهي چا ٿو مون کي اهو يقين نہ هو تہ هيءُ صاحب ايترو ڪمزور هوندي بہ ايترو ڪنور بہ ٿي سگهندو. پٽر جو جواب پٽر سان ڏيڻ ڪري هنن کي ڪجهہ پنهنجي حراماپائيءَ جو احساس ٿيندو نہ تہ اهي نٽ مستيون هنن جون ختم ئي ڪونہ ٿينديون.

اِتان ريمائينڊر بہ هنن کي پهچي چڪو آهي. چاچو گل محمد گڏيو هوندو.

نيازمند

ع.ق. شيخ

(22)

ميرپور خاص

28/12/52

عزيز جويہ صاحب!

اوچتو هيڏانهن اچڻ ٿيو آهي جو پهرينءَ تاريخ واپس حيدرآباد وڃڻ جو خيال اٿم.

سير ڪوهستان جو ”ڊسٽ ڪور“ تيار ڪري، علي بخش اوهان واري پريس مئنيجر وٽ چڏيو هو؟ هيسين تائين اهو اوهان ضرور ڏٺو هوندو. خبر ناهي اوهان جي پسنديءَ موجب ٺهيو آهي يا نہ.

ڊزائين ڏيڊوٽي آهي، جا ڪتابي سائز تي ننڍي ٿيندي. ڇپائي ٽن رنگن ۾ وڌيڪ جاذب ٿيندي.

1- ڳاڙهو (گل — گهاٽو رنگ) جبل (بلڪل هلڪو) (Tone)

2- سائو ٿوهر،ليڪا، جبل، رڏون وغيره

3- نيرو پٽو (هيٺ... ) آسمان وغيره

رنگين ڇپائيءَ لاءِ آرٽ پيپر کپندو. اهو بلاڪ هڪ رنگ ۾ بہ ٺهي سگهندو. بهرحال اوهان انهيءَ متعلق پنهنجي راءِ کان ضرور واقف ڪندا.

چاچو گل محمد بہ اسان سان گڏ آيو آهي. هت اوهان جي خط جو انتظار آهي. مهرباني ڪري مفصل احوال ورندڙ ٽپال ۾ موڪليندا تہ ان موجب ڪوشش ڪجي يا ماٺ ڪري ويهي رهجي.

زياده خيريت ۽ پيار

نيازمند

ع.ق. شيخ

(23)

3/1/53

عزيز جويہ صاحب!

آءُ ڳوٺان اڄ ئي هت پهتو آهيان. اِتي اوهان جي خط جو ڪافي انتظار ڪيم. خير وڏيڪ حال احوال کان يڪدم واقف ڪندا تہ ان موجب خيال ڪجي. چاچو گل محمد ايڏانهن اچڻ لاءِ تيار هو جنهن کي اڄ خبر موڪلي اٿم تہ في الحال ترسي.

اوهان جو ڪم 10 تاريخ جي اندر ضرور پورو ڪندس. خاطري ڪندا. وري اوهان کي احوال ڏيندس.

متعلق ماٺهو هيسين تائين ضرور واپس وريو هوندو. ان ڪري مهرباني ڪري احوال کان واقف ڪري، انتظار دور ڪندا تہ نوازش.

نيازمند

ع.ق. شيخ

(24)

*Hyderabad.*
*27/1/1953*

My dear Joyo,

You will find herewith the monogram design of "Sindhi Adabi Board". As for as other dust covers are concerned, I shall try to prepare them in due course of time.

I am enclosing also the details of my "service." Kindly consult someone on whom you can really and at the same time who may keep the matter in confidence until the proper time. After necessary consultation on the whole case, you will kindly communicate and suggest the proper line to my uncle Mr Gul Mohammad who is at present at Karachi and whom I am writing today to contact you.

One more thing – I am in need of money as I have to send my fees for "Honur's in Urdu" exam of the Punjab University. Kindly send me a suitable amount for the design of "Sair Kohistan" and the monogram of S.A. Board, as soon as possible.

Thanks.

Yours sincerely
A.K.Shaikh

(25)

حيدآباد سنڌ
5/2/53

عزيز جويہ صاحب!
اوهان جي اچڻ جو انتظار هو تنهنڪري جنهن صورت ۾ ڪو خاص حال احوال بہ ڪونہ هو خط ڪونہ لکيم.
اڄ تازو صاحب گهراڻي جاء جي ڪنجيءَ جي تقاضا ڪئي، جوڪي صاحب هٿ اچي رهيا آهن. ڪنجي تہ توهان کي خبر آهي مون وٽ ڪانہ آهي. تنهنڪري ڪيس ٻڌايمر بہ ائين. وڌيڪ اهو پڻ ٻڌايومانس تہ اوهين با قبائل سياٽي اچي رهيا آهيو. تنهنڪري جلدي اچڻ جي ڪوشش ڪريو.
ڊزائين جي معاوضي متعلق لکيو اهو آهي تہ جيسين سائو ڪٽي ساه، تيسين بکيو ٺئي پاهہ وارو معاملو آهي. خير مرضيءَ جا مالڪ آهيو.
منهنجي متعلق بورڊ وارو فيصلو اڃا نہ پهتو آهي. ٻڌو اٿمر تہ هڪ ٻئي ڊرائينگ ماستر جنهن جو نالو بہ سفارش هيٺ هو هن بہ هينئر سجاڳ ٿي اپيل ڪئي آهي. ڀلي ڪنهن کي فائدو ٿئي.
مهرباني ڪري واسطي رڪنڊڙ ڪلارڪ کي هدايت ڪندا تہ منهنجي اپيل بابت ٿيل فيصلي جو ليٽر ڪيڍي.
زياده حالات روبرو— عزيز حسن علي صاحب جا سلامر

نيازمند
ع.ق. شيخ

(26)

حيدرآباد
3/4/1953

عزيز جوڀ صاحبا خوش هجو شال.

عزيز يار محمد جي چونڊ تي ”گل شڪر“ جي ڊزائين جي پيسن لاءِ لکي موڪليو اٿم. ماپ جي قدري غلطيءَ ۾ هڪ بلاڪ جي ڇاپي جي تاثر کان ساري رنگيني چڪناچور ٿي ويئي آهي. تنهنڪري مون کي ارمان آهي تہ غلطي تہ منهنجي آهي. اميد تہ آئينده اهڙي تڪڙ کان ڪم نہ ورتو ويندو.

گهربل ڪتاب مهرباني ڪري هٿ ڪجو. پليجي صاحب لاءِ گهربل آهن.

خاص ڪم هيءُ آهي تہ بي. پي. آءِ. صاحب جن جي آفيس مان ٻہ فارم ٽيڪسٽ بوڪ ڪميٽيءَ ۾ ڪتابن منظور ڪرائڻ جي درخواست جا وٺي موڪليندا تہ احسان مند رهندس. اهي فارم هڪ دوست کي گهربل آهن. آفيس ۾ سڏو بار بار لکيل آهي، پر ڪوبہ جواب ڪونہ ٿو ملي.

اوهين هٿ وري ڪڏهن ٿا اچو؟

نيازمند
ع.ق. شيخ

(27)

حيدرآباد سنڌ

11/4/53

عزيز جويه صاحب! اوهان جو خط ۽ فارم پهتا. نهايت مهرباني.

موڪليل بل جي ادائيگيءَ جي انتظار ڪان وڌيڪ اهو خيال اٿم تہ متان ڪٿي اوهان جي خلوص ۽ مهربانيءَ تي ڪا انگشت نمائي يا ڪا حرف گيري ٿئي. جيسين اوهين اچو ۽ سمجهايو اها اڻ ترڻ تيسين ڪانہ لهندي.

هن وقت اردو امتحان اديب فاضل جي پڙهڻ ۾ مشغول آهيان. ڪاليج ۾ مئترڪ امتحان هلي رهيو آهي.

بيو ڪو خاص احوال قابل ذڪر ڪونهي. روبرو حال احوال ڏبا. پليجي صاحب لاءِ ڪتابن جي ڪوشش ڪجو. ابوبڪر صاحب جي اپيل واريءَ درخواست تي ڪا وڌيڪ پڇا ڳاڇا ٿي آهي جو هت قاضي هدايت الله صاحب پيو ميارون ڏئي تہ " تون اجان اسان تي پروڙا پيو ڪرائين." ابوبڪر صاحب تازو هت آيو هو. اهڙو ڪو احوال تہ ڪونہ ڪيو هئائين. مهرباني ڪري اها خبر وٺيو اچجو تہ اسان جي ڊرائنگ ماسترن جي امتحانن جي ڪا تاريخ بہ مقرر ڪئي اٿن يا نہ يا ماڳهين هن سال اهي امتحان ٿيندا ئي ڪونہ. مون کي مئي جي وچ ڌاري لاهور امتحان لاءِ وڃڻو پوندو جي انهن تاريخن تي امتحان ٿيو تہ ڏڪ ڪيڏي چڙهيندا.

اسحاق حيدر جو ڪهڙو حال آهي. ٻڌو اٿم تہ انسپيڪٽر صاحب جي ڪافي خوشامد شروع ڪري ڏني اٿس.

مخدوم طالب المولي، شفقت حسين موسوي ۽ شاهہ صاحب بنا مقابلي چونڊجي ويا آهن. ڏادو سٺو ٿيو جو خرچن ڪان ڇٽي پيا.

نيازمند

ع.ق. شيخ

(28)

حيدرآباد سنڌ
7/5/53

عزيز جويہ صاحب!

تازو ڪالهہ اسان جي صاحب ڳالهہ ڪئي تہ ڊرائنگ ٽيچرس نارمل ڪلاس ۾ "جي آر" اڃي ويو آهي. مون ڪيس عرض ڪيو تہ اها مقرري اوهان ڪي ڪرڻي آهي. منهنجو خيال رکجو. آءٌ سينئر ماڻهو آهيان. پاڻ چيائون تہ انهي جاءِ جو اسڪيل هڪ سؤ ڪان آهي، توهين تہ وڏيڪ ڪٽو ٿا. مون چيو تہ آءٌ "جي آر" ڏسان. ۽ جي آر ۾ برابر اهو اسڪيل اسان جي موجود ڊرائينگ ٽيچرس وارو گريڊ هو!

ٻئي ڏينهن تي وري صاحب ٻئي ڪنهن ڪم سان سڏايو ۽ اها ڳالهہ ٻڌايائين تہ شام جو روپاٽي صاحب آيو هو تہ مون کي اها جاءِ ڏيو. مون چيومانس تہ اسان تہ ائين ٻڌو آهي تہ D.P.I صاحب سندس Extension جي درخواست تي اهو جواب ڏنو آهي تہ No extension and no re-employment. چيائين اهو تہ ظلم ٿيندو صاحب تڪڙو هو جو پوءِ لهي ويو. آءٌ سڀاڻي لاهور امتحان لاءِ وڃي رهيو آهيان، جو وري 20 مئي ڌاري واپس ورندس.

ايسين تائين هن غير حاضريءَ ۾ روپاٽي صاحب متان صاحب تي زور بار آڻي پنهنجو ڪم پختو ڪري وٺي. توهان سان صاحب جا تعلقات آهن. مهرباني ڪري ڪيس هن باري ۾ ڪجهہ لکندا. يا جيڪڏهن هن پاسي جلد اچڻا هجو تہ ساڻس ملندا.

هن نوڪريءَ ڪري مون کي رڳي 12 روپيا وڌيڪ ملندا. ڪم جي لحاظ کان نهايت جوابداري گهڻي آهي. ٻيو ڪو ماستر صاحب سڃهيم ڪونہ ٿو جو رئوڪڏائي اها ذميداري پاڻ تي کڻندو. بهرحال اوهان جي صلاح موجب اِن لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي، سو ڪبي. اوهين مهرباني

ي پنهنجي همدرديءَ سان نوازيندا.

لاهور پهچي وري خط لکندس ۽ ائڊريس پڻ ان ۾ ڇاڻايل هوندي.

اِتي هيڊ آفيس ۾ روياٽيءَ متعلق ڪافي خراب اثر ويٺل آهن، جتي ها ڳالهہ تہ هو وري نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ٿو ڪري، ٻڌائڻ گهرجي.

هيو شايد اسان جو صاحب اتان آفيس مان سينارٽي لسٽ گهرائي تہ ن جو بہ خيال رکبو.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(29)

لاهور
9/5/1953

عزيز جويہ صاحب!

اوهين اليڪشن جي ڊيوٽي ڏيئي واپس وريا هوندا. منهنجو پهريون خط مليو هوندو. نارمل اسڪول جي ڊرائنگ ماسترس لاءِ جعفري صاحب کي چوندا. ڪيس روپاٽيءَ پنهنجي لاءِ چيو آهي. جي ڪجهہ چئي ـگهوسر تہ چئجوس، نہ تہ ٺهيو. هيءَ نوڪري اهڙي ٿيندي، جو معاوضو بلڪل ڪونہ ۽ جوابداري گهٽي.

مان اڄ ٻين ٻن دوستن سان هتي امتحان جي سلسلي ۾ پهتو آهيان حسن علي صاحب بہ مون سان گڏ آهي. لاهور بلڪل اجڙي ويو آهي منجهس اها رونق نہ رهي آهي. اسلامي ليڊر[1] کي مارشل لا ڪورٽ ڦاسي جي سزا ڏني آهي.

آءٌ 19 تاريخ لاهور ڇڏيندس. هن طرف ڪو ڪم ڪار هجي تہ لکندءِ مٿئين ڪم متعلق ٻڌ احوال ڏيندا. معرفت علي حسين قريشي، هائوس نزديڪ مزار پنج پير بازار سيد مٺها، اندرون لوهاري گيٽ، لاهور.

نيازمند
ع.ق. شيخ

---

[1] مولانا ابوالاعلي مورودي، جماعت اسلامي جي بانيءَ کي فيلڊ مارشل ايوب خان جي دور ۾ موت کي سزا ڏني وئي، جيڪا پوءِ معاف ڪئي وئي.

(30)

لاهور
19/5/1953

عزيز جويه صاحب!

اوهان جو خط مليو. امتحان اڄ پورو ٿيو آهي. سڀاڻي شام جو لاهور ڇڏي 21 تاريخ حيدرآباد پهچندس.

ميمڻ صاحب لاڙڪاڻي ٽريننگ اسڪول جو هيڊ ماستر ٿيو آهي. اوهان کي ته اڳ ۾ ئي خبر هوندي. ان صاحب کان معلوم ٿيو ته جعفري صاحب مسٽر روپاڻيءَ جي مقرريءَ لاءِ سفارش ڪئي آهي.

ان صورت ۾ هاڻ ڪهڙي ڪوشش ڪجي! ٿهيو افسوس رهڳو اهو آهي ته جڏهن انهيءَ جاءِ لاءِ اڳ ۾ ئي ڪاتي ۾ نوجوان ماڻهو موجود آهن ته هڪ پوڙهي ماڻهوءَ کي رکڻ سان ٻين جي حق تلفي ئي ته ٿئي ٿي.

سچ ته هن ملازمت لاءِ مون کي ڪو شوق ڪونهي. پگهار ٿورو جوابداري گهٽي. محنت وڌيڪ. تنهن کان سواءِ خير جيڪي ٿيو سو چڱو.

باقي ائين نه ٿئي ته اسين ائين ئي ويٺا رهون ۽ ساڳيءَ طرح Prized post به پيا ڪٽي وڃن.

اميد ته هي خط اوهان کي وقت اندر ملندو. وڌيڪ احوال حيدرآباد ۾. سڀاڻي صبح جو نسبت روڊ تي ڪتابن لاءِ ويندس. حسن علي صاحب جا سلام.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(31)

حيدرآباد سنڌ
14/7/53

عزيز جويہ صاحبا خوش هجو شال.

آءٌ وري مسٽر علي بخش سان "حيات النبي" جي گرد پوش جي ڇپائڻ متعلق مليو هوس. هن اوهان ڏانهن رنگ لاءِ لکيو آهي، جو هتي پيلو رنگ ڪونہ ٿو ملي. منهنجو خيال هو تہ ڊزائين ٺاهيندڙ جي هنيل رنگن مطابق ڇپائي ڪجي. خبر ناهي هن سلسلي ۾ اوهين ڇا ٿا ڪريو! جي اوهان وٽان جلدي جواب نہ آيو تہ پوءِ جيڪي رنگ هتي آهن، تن سان ڇپائبو وري ڊزائين ٺاهيندڙ سان صلاح ڪري ترت احوال ڏيندا تہ جيڪڏهن گهربل رنگ نہ ملي سگهن تہ ڪهڙن موزون رنگن ۾ ڇپائي ڪجي. ڇو جو ٺاهيندڙ جي صلاح وڌيڪ ڪارگر ٿيندي. بهرحال پنهنجي آخرين هدايت جلد رواني ڪندا تہ اهو بار لاهجي.

منهنجي درخواست Prized post لاءِ پهچي چڪي هوندي. اوهان وٽان احوال ۽ خبر چار اچڻ لاءِ نهايت منتظر آهيان. ڇو جو انهيءَ کان پوءِ چاچي گل محمد کي بہ تيار ڪرڻو اٿم. هونءَ اڳيان سولي ڌر ڪانهي. اوهان جي همدرديءَ ۾ پروسو اٿم، مگر متان ڪٿي سستيءَ ڪري بنهہ دير نہ ٿي وڃي. اتان جي صورت حال کان جلد واقف ڪندا تہ ان موجب خيال رکجي. چوندا آهن تہ "ڏيريءَ وارو اڳ ۾ پلاٽي" منهنجو حال تہ اوهان کان ڳجهو ڪونهي. هلندي اهڙي آهي جو رڳو مسخري جي چوڻ وانگر تہ "چنين تي پيا ڪم هلن، پاڻ وڃي تہ پادر ڪائي اچي"، تنهنڪري اوهان کان جيڪي پال پلائجن تنهن ۾ دير مدار نہ ڪندا. هاڻي تہ وقت بلڪل تنگ رهجي ويو آهي.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(32)

اداره انسانيت،
الهندو ڪچو حيدرآباد سنڌ
20/7/1953

عزيز جويہ صاحب! خوش هجو شال.

حيات النبيءَ جو ڪور چپجي-ويو آهي. جيڪي رنگ ميسر ٿيا، اهي ڏنا اٿئون. منهنجي پسند موجب نهايت اعليٰ ٿيو آهي.

”ڪلياتِ حمل“ جو ڊزائين اميد تہ هفتي اندر ٺاهيندس. مون کي ياد آهي، پر ڪتاب جي پاسي يعني مقدار جي خبر ناهي تہ ڪيڏو ٿيندو. مسٽر علي بخش پڻ اندازو نہ لڳائي سگهيو آهي جو ڊاڪٽر صاحب خبر ناهي تہ ڪيترا صفحا ڏيندو. وري بہ مسٽر علي بخش سان صلاح ڪندس.

آءٌ ”اديب فاضل“ ۾ پاس ٿيو آهيان. هاڻي سيپٽمبر ۾ فائنل بي اي جي تياري آهي. چاچو گل محمد ايڏانهن اچي رهيو آهي، سندس رهبري ڪندا. يار محمد مون سان ڪونہ مليو آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ توهان جو خط ڪيس پهچي چڪو هوندو. جو مسٽر علي بخش مون کي ڏيکاريو هو تہ يار محمد خط لاءِ مون وٽ ايندو آهي.

ٻيو ڪو خاص احوال ڪونهي. چاچي گل محمد هتان يا ڏيپلائيءَ هتان احوال ڏيندا تہ عنايت.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(33)

حيدرآباد
28/12/1953

محترم دوستا السلام عليڪم،

واضح هجي تہ مان 24 تاريخ ”ڊاڪٽر صاحب“ جن سان ملڻ لاءِ ويس تہ پاڻ شام ڪان اڳيئي ڳوٺ هليا ويا هئا. 25 ڊسمبر موڪل هئي، تنهنڪري چنچر جي ڏينهن تي آفيس ۾ ويس، پر وري بہ سندن ملڻ نہ ٿيو بهرحال هينئر ساڻن گڏجي آيو آهيان. سندن ڏنل هدايت موجب اڄ پين وڳي ڪان پوءِ وري بہ آفيس ۾ وڃي حاضر ٿيندس ۽ ڪم ڪندس. اوهان جي ڪيل مهربانيءَ جو احسان، جو انهيءَ ڪار سان لڳي آءٌ پنهنجي موجوده پريشانين وغيره ڪان ڪجهہ وقت لاءِ پاڻ کي بي اونو ضرور سمجهندس. سواءِ ڪم جي بيڪاريءَ واري زندگي ڪيڏي نہ بي مزه بنجي ٿي پوي.

ميان علي بخش هينئر ٻڌايو تہ ”گناهہ ۽ سائنس“ جي رهيل ترجمي جو ڪم پڻ اوهان منهنجي لاءِ ڇڏي ويا آهيو. مان اُميد تہ انهيءَ ڪم جي پوري ڪرڻ لاءِ بہ هر ممڪن ڪوشش ڪندس.

ٻيو سڀ خير آهي، اُميد تہ اوهين پڻ خوش هوندا. هتي جي دوستن جا سلام مطالع ڪندا. فقط والسلام

اوهان جو نيازمند
ع.ق. شيخ

(34)

*Hyderabad.*
*22/1/1954*

My dear Joyo,

I have searched every shop here and have inquired from every friend about the book "Adabi Khazano" but it is not available.

One of the friends has promised me to procure it. The moment I get hold of it I will dispatch it to you. But forget not that the book will be returned.

I have not yet started your work. Very shortly I will do it.

All my children are well with the exception of Husna who has again fallen victim to her previous illness.

Have you seen the printed wrapper of "Kulyat Hamal." Block makers have totally spoiled it. If I had been in your place, would not only get it prepared again but would ask them to make good of the loss for all their delay and prostrations etc.

How are you and your children. When are you coming to this side?

Yours sincerely
A.K.Shaikh

(35)

*Hyderabad.*
*29/1/1954*

My dear Joyo,

Very many thanks for your kind remembrance. I thank you for sympathetic words which you have been good enough to write to me with regard to the illness of my dear one. There is no other go than to continue the so -called patient struggle. But how long? And how far? A permanent torture for helplessness to suffer, endure and perish! But this has become a part and parcel of life. Life, so precious and dear! has Become inseparable from these miseries But the only ray of hope that it shall never be so in future keeps me lively and enthusiastic about it and its struggle.

I have seen the design of pamphlet sent from you through Diplai. It will serve no purpose; I hope to send you one design before you arrive here for "Chachnama"

I have not yet got "Adabi Khazana" I am trying to get it.

As you may write to Mr Solangee's boy. There is Congestion in every hostel The Student are finding easy mean, to pour in pan now.

I am very glad to know that you will soon get the quota of your paper. The work here is now at standstill as Mr Ali Bux told me the other day.
Salam from Nazir to Munawar and Muzzafar.

Yours sincerely
A.K.Shaikh

(36)

حيدرآباد
13/3/1954

عزيز جويہ صاحب!

هن سان گڏ هڪ درخواست جا آءٌ ۽ مسٽر پناڻ هتان رواني ڪري چڪا آهيون، تنهن جو نقل توهان ڏي موڪليان ٿو. اوهان ڪان هن باري ۾ جيڪي پڇي سگهي، سو يڪدم ۽ ترت ڪندا.

روپاٽي صاحب قاضي اڪبر صاحب وزير ۽ سندس پاءُ محمد عابد معرفت اسان جي جعفري صاحب ۽ نظاماڻيءَ تي بار وجهي چڪو آهي. اجا ڪالهوڪي ڳالهہ آهي. صبح جو سادي يارهين بجي نارمل ڪلاس جي نئين مقرريءَ لاءِ ذڪر چوريم. پاڻ چيائين. ”آءٌ روپاٽيءَ مان ڪڪ آهيان. ٽين بجي وري ملجو تہ ڳالهيون ڪري هن جي رٽائر ٿيڻ ڪان ڏهاڪو ڪن ڏينهن اڳ ۾ تنهنجو آرڊر ڪيڍي ڇڏيون، وغيره.“ ٽين بجي جو ونس پهتس، ڪڪو وکو ٿي چوڻ لڳو تہ ”شيخ صاحب اوهان جي وڃڻ ڪان پوءِ روپاٽي قاضي عابد جو خط ڪٽي آيو. اڳ ۾ بہ هن جا ۽ ٽي ڪم ڪونہ ڪيا اٿم، ناراض آهي ۽ اهي ماٺهو تمام خوفناڪ آهن. هاڻي ٿهيو.“ وڏيڪ ساڻس بحث ڪونہ ٿيو. ان وقت مسٽر نور محمد پناڻ بہ گڏ هو ماٺ ڪري اٿي آياسين. اڄ صبح جو ٻنهي جدا جدا هن نموني درخواست ڪيس ڏنيسين. لاچار ڪٽي صحيح ڪيائين ۽ چوڻ لڳو تہ ”درخواست موڪليو تہ اثر رسوخ هلايو نہ تہ موڪلڻ جو ضرور ڪونهي.“ هاڻي منهنجي ڊوڙ توهان تائين آهي. روپاٽيءَ جي درخواست تہ شايد ڪلهہ رواني ٿي هوندي يا پاڻ سياڻي رواني ڪندو. پر هن جي درخواست مهلت لاءِ رواني ٿيل آهي.

اسيمبليءَ جو اجلاس چالو آهي. اتي ڪنهن تي بار رکندا تہ قاضي اڪبر صاحب جي ڌيان تي اها ڳالهہ آڻي تہ هو هن جي پنيرائيءَ ڪان باز اچي، هن ڪافي ڪاتي ۾ رهي فائدو حاصل ڪيو آهي. هن جي هجڻ ڪري ٻين ٻن ڄڻن جو پروموشن ۽ هڪ سينئر جي جاءِ والارجي ٿي. ممڪن آهي

ته هن کي انهيءَ ڳالهه جي خبر نه هجي. جيڪڏهن هن ڪم ۾ ٿوري غفلت ٿي ته پوءِ پرائزڊ پوسٽ وانگر اهو روپاٽي ڪپ ڪوڙي ويهي رهندو. مهرباني ڪري نظاماڻيءَ تي يا قاضي اڪبر تي ڪنهن نموني يا ڪنهن طريقي تي بار وجهو.

باقي اسان وارو صاحب هڪ ته اڳئي اهڙو هو وري جو اخبار ۾ مضمون پيو آهي، تنهن هٽي ڪيس بيزار ڪري ڇڏيو آهي.

نارمل ڪلاس لاءِ اسٽاف جي هن ريت اڳ ۾ جدا لکپڙهه هلايل آهي ته هڪ ڪلاس II Post ۾ هڪ وڏيڪ پرائينرڊ پوسٽ ۾ هڪ پارٽ ٽائيم ماڻهو مقرر ٿين. روپاٽيءَ جي هوندي گذريل سال وانگر ڪوبه اسٽاف مقرر ڪونه ڪندا. ٻيءَ حالت ۾ هن جي وڃڻ کان پوءِ ٻيو ضرور ڪو اِن جاءِ تي رکندا ۽ پوءِ اسٽاف وڏيڪ جلدي مقرر ٿي سگهندو. گذريل ڊرائنگ بورڊ جي ميٽنگ ۾ اهڙو سوال پيش ڪيو ويو جنهن تي ايئن فيصلو ڪيو ويو. روپاٽيءَ کي Class II جيترو پگهار+ پينشن ايئن ملي ٿي، جي اها اسڪيل منظور ٿيندي ته ڪيس ان جو به فائدو ملندو. هن جي وڃڻ کان پوءِ نئين اسڪيل يا مقرريءَ واسطي قدم کڻبو. رواجي حالتن ۾ روپاٽي جولاءِ 1954ع ۾ سال لاءِ مقرر ٿيل هو مگر اسان جي صاحب لکيو هو ته هن کي اپريل 54 تائين هلايو وڃي. اها رپورٽ بي. پي. آءِ. لکي ۽ اتان اهڙو آرڊر به نڪري ڪڍهوڪو روپاٽيءَ کي ملي به چڪو آهي. هينئر جو سيڪريٽري سندس دوست آيو آهي ته هيءُ هيڪاري به گڏڙ مان ڦري شينهن ٿي پيو آهي. سچي پچي ته هن مان راضي ته ڪير به ڪونهي، پر اسان جا صاحب اهڙا بي وس ٿي ويا آهن، جو پنهنجي ڪل بچائڻ خاطر ناجائز ڪم ڪان به نٽا گسن ۽ ڏنو وائنو ٻين سان ناروا سلوڪ پيا ڪن.

مهرباني ڪري ترت جواب ڏيندا جو انتظار رهندو. اسان درخواستون انصاري صاحب جي اسمي سرنامي تي موڪليون آهن.

نيازمند

ع.ق. شيخ

(37)

حيدرآباد سنڌ
20/3/1954

محترم جويہ صاحب!

تازو خبر پئي اٿم تہ اوهين ناچاڪ آهيو. ان ڪري انتظار ٿي بيٺو آهي. مهرباني ڪري پنهنجي خير خيريت جو احوال جلد ڏيندا تہ تسلي ٿئي.

تازو اوهان ڪي جذباتي هڪ خط درخواست سميت موڪليو هوم. ان جو خيال نہ ڪندا- ٺهيو. روپاڻي صاحب جا هينئر پير پختا ٿا ڏسجن.

رات هت ڪاليج جو ڊرامو ”ليلان چنيسر“ ٿي گذريو. سڀني دوستن هت توهان کي ڏاڍو ياد ڪيو. پنهنجي تندرستيءَ جو احوال ڏيندا.

نيازمند

ع. ق. شيخ

(38)

ٽريننگ ڪاليج فارمين
حيدرآباد سنڌ
12/4/1954

عزيز جويہ صاحب!

عرض تہ توهان جي ڇاٽايل ائڊريسون جن ڪان پنجون، ڇهون ۽ ستون درسي ڪتاب ملي سگهندا، وسري وئي آهي. مهرباني ڪري شامل خط تڪليف ڪري، انهن کي پهچارائي ڏيندا تہ نوازش.

الوحيد وارن کي پڙ 2، 3 ۽ 4 درجي لاءِ اج ٿي پنجاه پنجاه ڪاپين لاءِ لکيو اٿم. انهن ڏانهن اڳ ۾ 125 روپيا گذريل ڪتابن جي حساب ۾ رهيل آهن. اوهان جو انهن سان ملڻ پيو ٿئي. مهرباني ڪري انهن کي تاڪيد ڪندا تہ اهي پئسا ڪاٽي باقي پئسن ۾ ڪتابن جي ہلٽي وي پي يا بئنڪ رستي رواني ڪن.

مٿين ٻنهي پبلشرن جي خبر ڪانہ ٿي پوي تہ ڪتابن جي وڪري جو ڪهڙو بندوبست ڪيو اٿن. ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ هنن کي سول ايجنٽ مقرر ڪيا آهن. مون کي تہ ڪابہ خبر نہ پئجي سگهي آهي. انهيءَ ڪري توهان کي ئي خوامخواهہ تڪليف ڏيڻ جو سبب ٿيو آهي.

يار محمد پنهور جي اهليہ محترمہ کي پيش آيل مشڪل کان واقف ٿيا هوندا. مهرباني ڪري هن جي ڪا مدد امداد ڪندا. هن جو تازو خط آيو آهي تہ هوءَ مائي اسڪول بہ ڪانہ وڃي رهي آهي.

ڪتابن ۽ الوحيد ۽ ٻئي پبلشر متعلق احوال ڏيندا تہ نوازش.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(39)

حيدرآباد
10/5/1954

عزيز محترم جويہ صاحب! خوش هجو شال.
توهان جو خط عرصي کان پهتل آهي. پر پريشانين ۽ سستيءَ ڪري جواب ڏيڻ ۾ دير ٿي وئي آهي. تنهنڪري معافي طلب آهيان. مون واري ڪڪي حسن بانو وري ساڳيءَ بيماريءَ ۾ مبتلا آهي. دوائن جو خرچ ڪري هاڻي تہ ڏيئي وٺي ويهي رهيو آهيان.
توهان مسٽر عباسيءَ کي خط پهچائي ڏنو آهي، ان لاءِ شڪريو- اوهان وارو خط تعلق رکندڙ دوستُ مسٽر حافظ ڏي ڪٽي ويو هو جنهن کيس ڪافي تسلي ڏني.
هن سان گڏ ڊرائننگ بورڊ جي ميمبريءَ لاءِ ٻن درخواستن جو نقل موڪلي رهيو آهيان. اسان جا صاحب پنهنجن مصروفيتن ۾ نهايت مشغول آهن، انهن کي اهڙن معاملن لاءِ وقت ڪٿي ا هي. سڄو قصو آهي ڪلارڪن جي هٿ ۾. اهو ڪم اڳي بي. پي. آءِ. جي آفيس ۾ ڪلارڪ مسٽر علي گوهر ڪندو هو. جنهن کي سنڌي فائنل ۽ ٻين امتحانن جو ڪم پڻ سونپيل هوندو هو پر هو صاحب اتان بدلي ٿي ٿي ڪنهن آفيس ڏي ويل آهي. ان جيِ جاءِ تي ضرور سان ڪو صاحب آيو هوندو. جيڪڏهن ڪنهن نموني ۽ ڪنهن طريقي سان ان تي اثر رسوخ هلي سگهي تہ دستوري همدردي ۽ ڪوشش ڪندا. مهرباني ڪري ان ڪلارڪ جو نالو وغيره بنسبت مون کي پڻ اطلاع ڏيندا ۽ شامل درخواستون نظر مان ڪيڊي پڻ واپس ڪندا تہ احسان.
رات يار محمد لڏي سان هٿ آيل هو جو وري رات جو ٿي ٽنڊي ڄام

روانو ٿي ويو. هن جو معاملو ائين ئي آهي. تازو مسٽر پليجي سارو ذڪر اوهان سان ڪيو هوندو. ان ڪري هت ان جي اپٽار ڪرڻ واجبي نٿو سمجهان. نٿي ڇڏڻ لاءِ هن جي برخلاف مشترڪ محاذ قائم ٿي ويو آهي. هو دوست ٻن ڏينهن بعد وري واپس نٿي ويندو.

گرامي صاحب ڇٽي رهيو هو تہ اوهان ڪيس جواب نہ ڏنو آهي.

”چچ نامہ“ ۽ ”ديوان بيدل“ جون ٻرائنون اميد تہ آئيندي هفتي تائين تيار ٿي وينديون.

نيازمند

ع.ق. شيخ

(40)

حيدرآباد
21/5/1954

عزيز جويہ صاحب! خوش هجو شال.

اڄ مون واريون بورڊ جي ميمبريءَ واريون درخواستون سراج صاحب کان مليون. جن سان گڏ ڪوبہ احوال ڪونہ هو. شايد غلطيءَ کان يا از خود ايئن ٿي ويو آهي. بهرحال ڪجهہ بہ هجي، اهي واپس مون کي ملي ويون آهن. تازو مسٽر نور محمد پٺاڻ اتي پنهنجي Prized post جي ٽرانسفر لاءِ مسٽر جعفري صاحب ڏانهن ڪوارٽر جي لاءِ انصاري صاحب وٽ آيو هو. ان ڳالهہ ڪئي تہ توهان جو يعني منهنجو نظاماڻي صاحب ڏي لکيل خط مسٽر لَکڻ وٽ هو. جنهن چيو تہ هيءُ نظاماڻي صاحب مون کي ڏنو آهي تہ ڪو فيصلو ٿئي، پر هن ايئن بہ چيو تہ جڏهن فرصت ملندي، تڏهن ٿيندو. لَکڻ صاحب "الله ڏئي بندو نہ سهي" وارو معاملو سو ڪهڙو فيصلو ۽ ڪڏهن ڪندو اِن تي ڪهڙو اعتبار؟ خيال اٿم تہ ڪنهن کان چٽي چپاٽي وٺان، پر ايم ايل صاحب پنهنجي جوڙ توڙ ۽ ڊڪ ڊوڙ ۾ آهن. اڄهو 26 تاريخ بہ آئي، پوءِ ڏسبو. اوهان هن سلسلي ۾ ڇا ڪيو آهي؟

اڄ ڇچ نامہ جي Cover design ٺاهڻ شروع ڪئي اٿم، ہي خبر تہ ٻڌيو مرزا تجمل گذريل آچر تي گذاري ويو. هن خودڪشي ڪئي. معاملو سچو عشق بازيءَ جو هو. افسوس اهو آهي تہ هڪ نوجوان ساٿي انتهائي مايوسيءَ کان پوءِ مقابلي جي همٿ هاري پنهنجي عزيز زندگي پاڻهي ختم ڪري ڇڏي. زياده ڪهڙي خيريت ڪجي ۽ ڇا ٻڌائجي.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(41)

حيدرآباد سنڌ
25/1/1955

عزيز محترم جويہ صاحب! خوش هجو شال.

عرض تہ ڪالهہ مس مس شام جو ڪور پيج چپيندي ڏٺم. بائينڊر تيزيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن. اميد تہ اڄ ڪجهہ ڪاپيون ضرور تيار ڪري وٺندا. نظر بد دور گيٽ اپ نهايت شاندار ٿيو آهي، پر ميان منو سڏائڻ سولو آهي. ڏسجي تہ بيا ڇا ٿا چون.

توهان کي روبرو منهنجي ڀائٽيءَ ارباب ڏيءَ محمد عثمان، اسسٽنٽ مسٽريس هڊسن گرلس اسڪول، ميرپورخاص. جنهن ڊرائنگ ماستريءَ لاءِ درخواست ڏني آهي، تنهن لاءِ عرض ڪيو هوم. اميد تہ هاڻي ان متعلق ڪو تدارڪ ڪندا. I.G.S صاحبہ کي روبرو عرض ڪيو هوم، جنهن هائوڪار ڪئي هئي.

ٻيو تہ ڪنهن ڪم سانگي مون کي ايڏانهن ٻهرين فيبروري يا 3-2 فيبروريءَ اچڻ جو خيال آهي. مهرباني ڪري اها خبر ونئي موڪليندا تہ D.P.I ۽ آءِ. جي. ايس. انهن تاريخن تي اتي هوندا يا نہ.

ٻيو سارو خير- ننڍن کي پيار ۽ گهر سلام ڏجو.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(42)

حيدرآباد
10/2/1955

عزيز جويہ صاحب! خوش هجو شال.

عرض تہ اج اوهان جي "ايمليءَ" جا اٽڪل 22 صفحا عليم صاحب پروف ڏسڻ لاءِ ڏنا آهن. اميد آهي تہ آءٌ پنهنجي وس آهر چڱيءَ طرح ڏسندس. ڪتاب 12 پائنٽ مصري ٽائيپ ۾ ڇپجي رهيو آهي. ڪوشش اها ڪئي وئي آهي تہ صفحن جو تعداد ساڳيو رهي، پاسن کان قدري حاشي وڏيڪ آهي.

آءٌ ايڏانهن اچڻو هوس، پر هاڻي اچڻ جو خيال لاهي ڇڏيو اٿم. جو ڪم هتي ئي ٿي وڃڻ جو آسرو آهي. ڪتابن جو ڪم اڃان شروع نہ ڪيو اٿم جو امتحان شروع ٿي ويا آهن. جيئن فرصت ملندي، تيئن پهرين انهيءَ ۾ هٿ وجهندس.

"مهراڻ" جي فقط هڪ ڪاپي زوريءَ گرامي صاحب کان ڪنئي اٿم، جا بر وقت گل محمد (سنڌي سپاجهڙي) کي ڏني اٿم. هندستان ۾ بہ بهترين سنڌي آرٽسٽ هڪ منهنجو استاد ۽ ٻيو منهنجو دوست آهي، جي گنجائش نڪري سگهي تہ ڪين مهراڻ موڪليو وڃي. مون کي يقين آهي تہ ڪانئن مهراڻ لاءِ بهترين تصويرون ملنديون، نہ تہ بہ جي اوهان مون کي اجازت ڏيو تہ رسالي موڪلڻ کان سواءِ ئي ڪين تصويرن موڪلڻ لاءِ عرض ڪيان.

اوهين ڪڏهن تا هن پاسي اچو. زيادہ خيريت و سلام

نيازمند
ع.ق. شيخ

(43)

*Hyderabad.*
*2/4/1955*

My dear Joyo Sahib,

I am very sorry that I have not been able to send you design. You know that I was busy with invigilation work and then Sattar also came here and I had to waste time with him. With all that I have finished the whole design. It is only to be outlined and coloured. I hope that the same will be dispatched to you on Monday or Tuesday positively.

I have spoken to Mr Soomro about your cousin, and he has promised to admit him. Hostel is not under his charge, but he said that he would try his level best to get him accommodation.

I will send you the press copy of Sindhi Adabi Anjuman's leaflet along with the design.

Yours sincerely
A.K. Shaikh

(44)

حيدرآباد
19/1/56

عزيز جويہ صاحب!

مس مس جهڙي تهڙي ٻڌائين ”خوش خصلت خاتون“ جي ٽائيٽل پسند پوي تہ بلاڪ ٺهرائيندا. بلاڪ متعلق هدايتون ٻڌائين جي پٺئين پاسي تي ڏنل آهن. ٻڌائين ٽاهڻ ۾ غير معمولي دير ٿي وئي آهي، ان لاءِ معاف ڪندا. محمد چوڪرو تي ڏينهن ٿيا آهن تہ آيو آهي، ڪيس بہ نميصون ۽ سٽڻون ٺهرائي ڏنيون اٿم. ڪجهہ طبيعت ۾ مڙيئي ٺيڪ نہ هو ڪيس دوا وٺي ڏنيم، اڄ چيائين تہ ٺيڪ آهيان.

”مهراڻ“ جي ڪور ٻڌائين متعلق جڏهن اوهين هت ايندا تہ روبرو صلاح ڪري ٺاهيندس. ايي بارڊر ٻڌائين ٺيڪ رهندي. جي تڪڙ هجي تہ اوهين پنهنجون هدايتون موڪليندا.

”تاريخ ريگستان“ لاءِ جنسي ڪٽيءَ تان بلاڪ ٺهرائيندا تہ وڌيڪ چڱو ٿيندو جو ان ۾ بهترين عڪس نڪرندو.

”ڪهہ ڪٽوريءَ“ جون بہ ڪاپيون مٿر مسٽر علي بخش کي ڏيان ٿو جو اوهان ڏي روانيون ڪندو. اوهين ڪڏهن هيڏانهن اچي رهيا آهيو؟

”ڪروڙپتيءَ“ جون چار يا پنج ڪاپيون سراج صاحب کي ڏيندا ۽ کيس منهنجي پاران عرض ڪندا تہ مختصر تبصرو لکي، اتي جي مقامي سنڌي اخبارن کي ڏئي.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(45)

حيدرآباد
15/2/1956

ادا سائين! خوش هجو شال.

تازو مسٽر نظاماڻي صاحب سان مليو آهيان. ساٽس بورڊ جي ميمبريءَ متعلق ڳالهه ٻولهه ۾ ڪيل درخواست جو ذڪر ڪيم. سندس ڳالهائڻ مان ائين معلوم ٿيو مذڪور درخواست سندس ڏيان تي اڃا نہ آئي آهي. ڇياڻين منهنجي اوهان سان هر طرح همدردي آهي. اهو ڪم امتحانن وغيره جو مسٽر غلام رضا صاحب وٽ آهي. اوهين ڪيس سچي ڳالهہ سمجهايو. آءٌ بہ هتي مسٽر غلام رضا سان گڏبس. پر اوهان جي پارت وڏيڪ وزنائتي ٿيندي.

زياده خيريت

نيازمند
ع. ق. شيخ

(46)

حيدرآباد سنڌ
1956

عزيز جويہ صاحب! خوش هجو شال.

هن دفعي تہ بنهہ بس، ڪو حيدرآباد اچڻ کان قسم ڪٽي ڇڏيو اٿو. اتي ايترو مصروف آهيو ڇا؟ مهراڻ جي ٻئي پرچي لاءِ ڪور ٻزائين متعلق اوهان سان صلاح ڪرڻي هئي. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ اوهان جي ڌيان ۾ هجي تہ لکندا، نہ تہ مون کي ئي ڪٽي اجازت ڏيندا تہ ٺاهي پيش ڪريان، پوءِ پسند پوي تہ واهہ نہ تہ بهتر.

هتي جا اسڪول، ٻوڏ جي ستايلن سان پرجي ويا آهن. ڪٽڪ ۾ ڪائين جي تنگي آهي. تنوير توهان کي حال احوال موڪليو هوندو.

اوهان کي هڪ سؤ ڪاپيون "ڪروڙ پتيءَ" جون ڏنل آهن. گذريل دفعي سرڪيءَ کي بہ عرض ڪيو هوم. مهرباني ڪري اهو حساب ڪتاب صاف ڪندا، جو ٻئي ڪتاب ڇپائڻ جي تيارين ۾ آهيون.

محمد چوڪري متعلق بہ اوهان ڏانهن ڪجهہ رقم رهيل آهي. سمجهان ٿو ضرورت وقت ملي ويندي. في الحال تہ ضرورت نہ آهي.

ڪڪي رشيده متعلق بہ ڪا صلاح ڏيو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي. ٻيو ڪو حال احوال- ڪم ڪار هجي تہ لکندا.

نيازمند
ع. ق. شيخ

(47)

حيدرآباد سنڌ
23/2/1956

اج اوهان جو ڪارڊ پهتو

ادا ابراهيم! اجهو وٺو پنهنجون ڊزائنون. مون جي ڪٽي ماٽ ڪئي آهي ته گهٽايو اوهان به ڪونهي. ٻه ڊزائينون عنقريب تيار ٿيڻ تي هيون. سراج صاحب کي چيو هوم ته ڪنيو ويچجان، پر ڪم جي گهٽائيءَ سبب شايد اها ڳالهه دل تان لهي ويس. وري شڪر آهي جو ڪنهن بهاني سان ته ياد ڪيو ٿا.

ٻيو دير جو اهو به سبب هو ته جيڪا شيءِ تيار ڪجي، سا رڳو ڪم چلائو نه هجي. ڊزائنون جيڪي ٺاهيون اٿم، اميد آهي ته پسند پونديون "آفتاب ادب" واري ڊزائين بلڪل نئين آهي ۽ معنيٰ واري. "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" واري ڊزائين به ڪافي سوچ ويچار بعد ٺاهي اٿم ۽ بلاڪ ٺهڻ کان پوءِ اميد ته نهايت سهڻي ٿيندي. ڏسي سمجهي شاباس ضرور ڏجو ٿورو گهڻو رنج يا ڪاوڙ هاڻي اميد اٿم ته لهي ويندي.

"مهراڻ" لاءِ ڊزائين متعلق اوهين روبرو ايندا، تڏهن ڏيندس.

هن گڏ ٽن ڊزائينن متعلق بل عرض رکان ٿو. توهان کي بار بار عرض پئي ڪيو اٿم ته مون لاءِ ڪي "Short stories" جا ڪتاب خريد ڪيو پر اوهين آهيو جو هڪ ڪن کان ٻڌيو ٻئي ڪن مان ڪڍيو ڇڏيو. هاڻي چاليهارو روپيه ڪن سرڪيءَ کي ڏيندا ته هو اهو ڪم ڪري يا اها تڪليف سراج صاحب کي ڏيندا.

عرض توهان کي ڪيو هوم ته منهنجي ڪڪي رشيده، جا هينئر ڊرائينگ ٽيچرس جي ٽريننگ ۾ آهي، تنهن جي جاءِ تي ٻه مهينا ڪن ٿيندا جو هڪ مهاجر ٽرينڊ ماسترياڻي Import ڪري رکي اٿن. سنڌي زناني ڪاليج ۾ ائين سوچي ويچاري قاضي صاحب جي چرچ تي ڪيو ويو آهي.

زنانہ ڪاليج هن وقت D.P.I جي چارج ۾ آهي. هاڻي تعلق رڪنڊڙ ڪلارڪ سان صلاح مشورو ڪري صلاح ڏيو تہ ان باري ۾ ڇا ڪجي، جو پوءِ هٽ هٽڻا نہ پون. ٻيءَ صورت ۾ هن کي گهر ۾ وهڻو پوندو ۽ اسڪالرشپ جدا پري ڏيٽي پوندي ۽ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ ٿي پوندي. مهرباني ڪري هن متعلق ترت احوال ڏيندا.

محمد ڇوڪرو بہ ڏينهن ٿيا آهن جو مهيني ڪان پوءِ پيدا ٿيو آهي. بيمار ٿي ڪو ڳوٺ هليو ويو هو. هاڻي ٺيڪ آهي، ڪالهہ اسڪول في وٺي ويو.

بلاڪ ڊزائين وارا ذرا خيال ۽ پريم سان ٺهرائجن ۽ ڪاتب ڪان اکر ضرور لکائجو ۽ ڪيس اهو بہ تاڪيد ڪندا تہ اکر سڌا سنوان ڪري لکي.

نيازمند

ع.ق. شيخ

(48)

حيدرآباد سنڌ
4/3/1956

عزيز جويہ صاحب!
ڪالهہ ٻزائين رجسٽر پارسل ڪري موڪلي اٿم. پنهنجي پسنديءَ
۽ پهچ کان جلد واقف ڪندا.
ڪتاب ٻہ گهربل آهن:

1. Grigin of Family, State and Private Property
2. One Gotha Programme

ضرور هٿ ڪري موڪليندا. ٻيو سارو خير آهي.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(49)

حيدرآباد
13/3/1956

عزيز جويہ صاحب! خوش هجو شال.

ڪالهہ ڊزائين تيار ڪري ڇڏي هيم، صبح جو پريس ۾ خبر چار وٺڻ واسطي ويس. ڊيپلائي سن ڪان نہ موٽيو هو. علي بخش ڪي پوري پوري خاطري ڪانہ هئي تہ ماٺهو ڪهڙو سامان ڪٽي ڪراچيءَ ويندو. آءٌ مسٽر علي بخش کي تاڪيد ڪري هليو آيس ۽ ڪيس چيو هوم تہ ڪلاڪ اڌ ۾ ڊزائين تيار ٿي ويندي. جيڪو ماٺهو ڪراچيءَ وڃي، سو ڪنيو وڃي. پر سج لٿي تائين ڪو ماٺهو ڪونہ آيو. اڄ صبح جو پريس مان معلوم ٿيو تہ حضرت ڊيپلائي ايڏانهن هليو آيو آهي. مسٽر علي بخش کان اها ڳالهہ وسري ويئي ۽ ڊيپلائي صاحب پڻ ياد ڪين ڪري سگهيو. اڄ مسٽر علي بخش گهربل ڊزائين پوسٽ رستي رواني ڪندو شل سلامتيءَ سان پهچيوَ.

رشيده لاءِ چا ٿي سگهيو آهي. جي زناني ڪاليج ۾ نہ رکن تہ اهو معاملو هن ريت حل ٿي سگهي تہ پاڻ بهتر. هٽ گرلس هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ شاگرديائين جو تعداد تمام گهٽو آهي، هيڊ مسٽريس ٻيءَ ڊرائينگ ماستريائيءَ لاءِ بار بار گهر ڪري چڪي آهي. هن باري ۾ D.P.I يا I.G.S کي نئين ڦير گهير ۽ ون يونٽ جي جيڪڏهن هڪ اهڙي رواجي نئين پوسٽ پرڻ يا رکڻ جي اختياري هجي تہ اهڙي قسم جي سفارش سان درخواست تي جيڪڏهن D.P.I آرڊر ڪري سگهي يا ٻيءَ صورت ۾ D.P.I جي سفارش سان اهڙو ليٽر I.G.S کي روانو ڪيو وڃي.

گرلس اسڪول ۾ Mr. Jaruqni جي ڏيءَ اڳ ۾ ئي ڊرائينگ ماستريائي آهي. يا جي ائين نہ ٿي سگهي ۽ جي هاءِ اسڪول واري موجوده ڊرائنگ ماستريائيءَ جي بدلي ٿئي، پر هر ممڪن ڪوشش هوندي بہ جي ڪجهہ نہ

تي سگهي تہ پوءِ ”غريب جي ماءُ پل ڪنڌ ۾ روئي.“ ميرپور جي شهر ۾ گهرو ماحول ۾ آءٌ رشيده کي ڪنهن بہ صورت ڪونہ ڇڏيندس، جو هوءَ اتي تباهہ ٿي ويندي. پوءِ 900 روپيہ اسڪالر جا قسطن تي پيا ڀربا ۽ ڪيس هتي ڪنهن اسڪول ۾ ڪٽي داخل ڪرائبو. سمجهبو ائين تہ سندس زندگيءَ جا ٻہ عزيز سال هٿ وٺي مون برباد ڪيا آهن.

توهان کان سواءِ اسان جو ٻيو ڪير آهي جو مجبورين جو اندازو لڳائي ۽ هڪ انساني همدرديءَ جو هٿ ڏگهيري.

نيازمند

ع.ق. شيخ

قلم تازو:

”آفتاب ادب“ وارو پوش اڄ ڇپجڻ شروع ٿيو آهي، نموني جي هڪڙي ڪاپي هن سان گڏ آهي. اميد آهي تہ ڏينهن ٻن ۾ جنهن وقت مسٽر علي بخش تيار ٿيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ وارو پوش ڇپائيندس. ”آفتاب ادب وارا اکر“ مون لکيو هو تہ اسڪرين ۾ ڪٽيل هجن، جي صفا اڇا اکر هجن. پر موجوده بلاڪ ۾ اهي ابتڙ بيهاريل آهن.

(50)

حيدرآباد سنڌ
21/4/1956

ادا سائين! خوش هجو شال.

اڄ پريس متعلق خوشخبري ٻڌي. نهايت خوشي ٿي. توهان کي مبارڪون هجن.

اڄ رشيده جي ميرپور خاص جو آرڊر پڻ مليو. اميد آهي ته هوءَ سومر ڏينهن وڃي اتي دخلڪار ٿيندي، جو جلد ئي اونهاري جي وئڪشين ٿيندي، پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان — زياده خيريت

نيازمند
ع.ق. شيخ

(51)

حيدرآباد
26/4/1956

ادا سائين! خوش هجو شال.

اڳئين خط جي سلسلي ۾ اوهان جي ڏيان تي اهو آڻڻ ضروري ٿو سمجهان تہ I.G.S دلاسو ڏنو هو. مگر اجان سوڌو ڪوبہ حڪم نہ مليو آهي. اج هوءَ ايڏانهن ڪراچي ڏانهن آيل آهي.

فاروقي صاحب ڪوشان آهي تہ سندس ڪڪيءَ کي گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان زناني ڪاليج ۾ بہ نہ رکيو وڃي. آءٌ سمجهان ٿو تہ هيٺري جا دير ٿي آهي، سو قصوروري بہ ابتو ۽ اونڌو ضرور ٿيندو. مهينو ٿي ويو آهي تہ ڪجهہ نہ ٿي سگهيو آهي.

اوهان پنهنجي خيريت جو احوال ڏيندا.

پريس متعلق ڇا ڪري سگهيا آهيو. اوهان وارو ڇوڪرو محمد ڪالهہ مس مس موٽي آيو آهي. ڪالهہ صبح جو ڪجهہ ڪتاب وٺي ڏنا اٿمانس. هن جي بلي ٽيهہ روپيہ خرچ ٿي چڪا آهن.

اوهان جنوريءَ کان پوءِ سندس خرچ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ ڏنو آهي. شام جو محمد پنهنجي هڪ عزيز سان آيو جي محمد جو ننڍو ڀاءُ سخت بيمار آهي، ڪٺي آيا آهيونس ڪنهن ڊاڪٽر وٽ سول اسپتال هلو. مون چيومانس تہ صبح جو سويرو اچجو تہ هلنداسون. پر هينئر اتڪل ٻارنهن ٿي رهيا تہ واپس ڪونہ آيا آهن.

محمود کان پڇا ڪيم. جنهن کان معلوم ٿيو تہ رات ڪنهن خانگي ڊاڪٽر وٽ ويا هئا. وڌيڪ ڪو خاص احوال ڪونهي. رسيد موڪلي اٿم ۽ مهيني جي پڇاڙي هئي، پر اوهان ڪجهہ نہ موڪليو.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(52)

حيدرآباد
7/6/1956

عزيز جوڀ صاحب! خوش هجو شال!

گذريل دفعي عيد کان اڳ ۾ خيال هو تہ ڳوٺان جلد تي اچي حيدرآباد ۾ وري ملبو، پر تيو ائين جو هن طرف وقت تي اچي ڪونہ سگهيس. آءُ هتي پهتس تہ اوهين ڪراچيءَ روانا ٿي ويا هئا.

اوهان ڏانهن ٽي درخواستون اورينٽل امتحان جون روانيون ڪيون هيم. مهرباني ڪري انهن جو ڪو ترت تدارڪ ڪندا. هت پهچڻ سان گرامي صاحب ۽ مسٽر علي بخش، افساني، مهراڻ جي ڪور ڊزائين ۽ ”سنڌ جي سينگار“ لاءِ چيو. افسانو هڪ شروع ڪيو اٿم. پورو ڪري اوهان ڏانهن روانو ڪندس. مهراڻ جي ڊزائين لاءِ اڳ ۾ فيصلو ڪيو هوسين، پٽر جي اکر واري پٽي ٺاهيندس. باقي سنڌ جي سينگار لاءِ هيترا ڏينهن تہ ويچار ۾ هوس، اڄ خيال آيو اٿم تہ انهيءَ لاءِ سنڌ جو نقشو اچو رهي ۽ چوڌاري ڪا نفيس ۽ هلڪي ڊزائين ڏجي. ڪتاب جي پٺ لاءِ مسٽر علي بخش پوري ماپ جو پورو اندازو ڪونہ لڳائي ٿو سگهي. بهرحال جي اهو نمونو ڊزائين جو پسند هجي تہ لکندا.

مهراڻ جون ڪاپيون ٻن آرٽسٽ دوستن ٿي بمبيءَ موڪليون ويون هيون. انهن کي بروقت خط بہ لکيا اٿم، ڪين تصويرن موڪلڻ لاءِ اوهان جي ائڊريس ڏنل آهي، خبر ڏيندا تہ وٽائن ڪو حال احوال آيو آهي يا نہ؟ ٻيءَ صورت ۾ ورندڙ ٽپال ۾ اطلاع ڏيندا تہ وري ڪين لکي عرض ڪيان.

اوهين وري ڪڏهن تا هيڏانهن اچو؟ زياده خيريت اوهين هن وقت ميٽنگ هئڻ ڪري هوندا تہ مصروف. پر مٿين سيني ڳالهين جو جلدي احوال ڏيندا تہ نوازش.

شامل خط مسٽر دوست محمد پٽي، هيڊ ڪلارڪ، اِي آءِ حيدرآباد واري کي جيڪو هن وقت اتي D.R.I نٽي جي آفيس ۾ انسپڪيشن تي آيل آهي، ان کي ٻهچارائي ڏيندا تہ احسان.

نيازمند
ع.ق. شيخ

(53)

حيدرآباد سنڌ
6/8/56

عزيز جوڻيہ صاحب! خوش هجو شال.

توهان جي هٿ پهچڻ لاءِ اکيون پايو ويٺا هئاسين. پر سراج جي اچڻ کان پوءِ نيٺ آسرو ٽٽو. هوڏانهن يار محمد پنهور بہ پڌمر تہ توهان جو انتظار ڪري رهيو آهي. ڪالهہ هن وٽان هڪ مختصر خط ۽ آءِ جي. ايس. جي ليٽر جي ڪاپي آئي هئي: هن جو چوڻ هو تہ جي اوهين هتي هجو تہ توهان کي پهچائي خبر ڏيان. هاڻي اهو نقل جنسي اوهان ڏي ڏياري ٿو موڪليان. انسپيڪٽريس، مائي سڪينہ جي پنيان هٿ ڌوئي لڳي آهي، اوهين هت هجو ها تہ ڪيس ڪجهہ چئي سگهو ها. اڄ ڏيپلائيءَ کي ان متعلق عرض ڪيو اٿم. جنهن چيو تہ آءُ ڪيس قاضي احمد محمد کان چوارائيندس.

منهنجي ڪڪيءَ رشيده جنهن کي ميرپورخاص ۾ ڊرائنگ مسٽريس ڪري رکيو ويو آهي. ان لاءِ اتي ٽرينڊ ماسترياڻيءَ جو هڪ سئو ربئي وارو گريڊ ٿي ڪونهي ۽ هوءَ فقط اَن ٽرينڊ ماسترياڻيءَ جو فقط 60 روپيہ وارو پگهار کٽي رهي آهي. سبب اهو آهي جو گورنمينٽ غلطيءَ کان G.R ۾ فقط 140-4-60 وارو گريڊ منظور ڪيو آهي. هن باري ۾ گورنمينٽ وري جڏهن درستي ڪري ۽ اها درستي موجوده صورتحال ۾ تہ محال نظر ٿي اچي. عجب تہ وري اهو آهي جو منظور ٿيل گريڊ اَن ٽرينڊ ڊرائنگ مسٽريس واريءَ اسڪيل جو بہ نہ آهي!

هتي ور ور ڪريو مينهن پيو وسي. غريبن جي ستياناس ٿي وئي آهي. رسالي ”مهراڻ“ جو ڪَوَر مس مس ڪالهہ ڇپيو آهي ۽ مٽر جا باقي پنيان اڄ صبح تائين چار صفحا رهيل هئا ۽ بجلي ڪانہ هئي. مينهن ڪري بجليءَ ۾ بہ رولو آهي. مهراڻ جي ڪور لاءِ، مهينو نمبر ۽ سال وارو نئون

بلاڪ ڪور لاءِ موزون ڪونهي. انهيءَ لاءِ مون مسٽر علي بخش ۽ سراج صاحب کي عرض ڪيو هو تہ انهيءَ جي عيوض مٿان اکر ڪمپوز ڪري رکجن ها، پر هنن نئون بلاڪ ڇپرائي ڇڏيو آهي. شل توهان کي پسند پوي.

ڏيپلائي صاحب کي خبر ناهي ڪهڙو اچي گمان- ويٺو آهي. هڪ دوست جي حيثيت ۾ جتي هن کي هيترو وقت آزمايو اُتي اوتري ڪجهہ مهلت ڏيئي سگهوس تہ چڱو. پوءِ بہ تہ ڪيس آزاد ڪري سگهجي ٿو. ايندڙ ميٽنگ ۾ شايد هن جي پگهار گهٽائڻ جو سوال آندو ويندو. جي اهڙي رٿ ايندي تہ ان جي تائيد ضرور ٿيندي. ڀلا جي پگهار گهٽجيس تہ ڇا ٻيءَ ريت سندس مدد نٿا ڪري سگهو؟ گهٽ پگهار جي صورت ۾ هن جي واقعي پورٽ ڪانہ ٿيندي. باقي رهيو ڪم جو سوال، جنهن لاءِ چوي ٿو تہ آءٌ هاڻي توجهہ ڏيندس. هڪ دوست ۽ پنهنجي هئڻ جي حيثيت ۾ هيءُ سڀ ڪجهہ لکيو اٿم. وڌيڪ مرضيءَ جا مختيار آهيو.

زياده خيريت

نيازمند

ع.ق. شيخ

(54)

حيدرآباد سنڌ
11/9/1956

عزيز جويہ صاحب! خوش هجو شال.

تازو هتي اوهان جو ڪڪو 'منور' مليو. معلوم ٿيو تہ اوهين خير سان لاهور ويا آهيو. لاهور جو اکر پڙهي دل تي ڪيترين ئي يادگيرين تري آيون. خبر ڏيو اوهان ڪي ڪِي لاهور وٽيو؟

سمجهيم ٿي تہ اتان ورندي هتان مڙيئي ڪو پيرو ڪندا، پر ڪالهہ خبر پيم تہ اوهين سکر کان ٿيندا سڌا ڪراچيءَ هليا ويا آهيو. گذريل خط ۾ اوهان لکيو هو تہ حيدرآباد ڪهڙي للانگهري تي اچان. واه! واه! سبب تہ ٺاهوڪو ڏنو اٿوَ. دوستن کي ميارون ڏيئي سگهو ٿا. پر ائين اچاتريون ڳالهيون ڪي ٺهن ٿيون؟ سچ پڇو تہ هتي اڪثر دوستن جون حالتون اهڙيون آهن، جو پنڻ کان پڙهڻ ياد ڪونهي. اوهين آهيو جو رڳو سرائيءَ وانگر ٻچ تي زور. حجت کي هزارين وانون، حقيقت کي نقط هڪ ئي رستو هوندو آهي. سو حقيقت تہ اها ئي آهي تہ هر ڪو پنهنجيءَ پنهنجيءَ هڻ وٺ ۾ چِن پٽ ۾ پورو آهي. تنهن هوندي بہ سيني دوستن کي چيو اٿم. اميد اٿم تہ ٿوريئي عرصي ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ جي ڪوشش ڪندا.

"مهراڻ" جي ٻڌائين متعلق هيسين تائين اوهان جو آسرو رکيو ويٺو هوس، هاڻي اميد آهي تہ جلد ئاهي روانو ڪندس.

اوهان وارو چوڪرو محمد جيئن سندس ياءِ گذاري ويو آهي، تيئن وري واپس نہ وريو آهي. هن جي حساب ۾ اوهان جنوري 1956ع ۾ ٽيهہ روپيا روانا ڪيا هئا، جنهن کان پوءِ اوهان کان ڪجهہ وصول ڪونہ ٿيو آهي. هو مٿي مهيني تائين هت هو. انهن مهينن ۾ هن تي ڪيل خرچ جي اوهان ڏانهن 0-10-54 روپيا بقايا آهي.

اوهان وارو عزيز محمود ماستر صاحب عيد جي موڪلن ڪان پوءِ مليو هو. سندس ڪي ڏور وڃائجي يعني چوري ٿي ويا هئا. سندس هڪ پٽ پڻ گڏاري ويو هو. ڏاڍو ڏڪويل هو. مون ساڻس ڪجھ وقت ويهي ڳالهيون ڪيون ۽ پرپايومانس. انهيءَ ڪان پوءِ وري جيئن محرم جون موڪلون ٿيون تہ مٿان وري پوڏون ٿيون، وچ ۾ هڪ ٻہ ڏينهن ڪاليج ڪلي وري بند ٿيو اهي. سو سياٽي ڪاليج ڪلندو. ٻڌو اٿم تہ ايڏانهن اوهان جي ڳوٺن ڏي پوڏن ڪري ماڻهن سان ڏاڍا هاڃان ٿيا آهن.

هن خط سان گڏ هڪ عدد درخواست موڪليان ٿو. مهرباني ڪري اها نظاماٽي صاحب کي روبرو ڏيندا ۽ ڪيس چوندا. مون بہ هت ڪيس عرض ڪيو آهي، پاڻ چيو هئائين تہ "اهو ڪم ڪنداسين. بلڪل رواجي ڳالهہ اهي." حقيقت اها آهي جو ميرپورخاص جي اسڪول ۾ ڊرائنگ ماسترياڻيءَ جي جاءِ آهي، پر ان جي G.R ۾ لکيل اسڪيل آهي 140-4-60، اها اسڪيل نہ تہ ان ٽرينڊ ڊرائنگ ماسترياڻيءَ جي آهي ۽ نہ وري ٽرينڊ ماسترياڻيءَ جي. مون کي ظاهري طرح تہ ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ اها اسڪيل منظور ڪرڻ لاءِ لاهور وارن جي منظوري گهرجي، جيڪڏهن اوڏانهن لکپڙهہ ٿي، تہ پوءِ بس اميد بنهہ ڪانهي. وڌيڪ ڇا لکان. اوهان جيئن موزون سمجهو تيئن ڪيو.

نيازمند

ع. ق. شيخ

(55)

حيدرآباد سنڌ
5/8/57

عزيز جويہ صاحب!
السلام عليڪم- توهان جا ۽ مون پنهنجا پئسا تاريخ پهرين آگسٽ جي بئنڪ ۾ جمع ڪري ڇڏيا آهن. نصرالله صاحب اڃان تائين مون وٽ نہ پهتو آهي. پنج سؤ روپيہ مون وٽ آهن ۽ چالان بہ مون وٽ آهن. مون خيال ڪيو هو تہ نصر الله ايندو تہ لطيف آباد وڃي چالان ڏبا ۽ هن جي چالان تي صحيح ڪرائبي. هاڻي جيئن اوهان جو حڪم هجي. توهان وٽ سنڌس ائڊريس هجي تہ ڪيس اطلاع ڪندا ۽ مون کي بہ خبر ڏيندا تہ آءٌ هن جي لاءِ وڏيڪ ترسان يا لطيف آباد وڃي وڌيڪ معاملي کي اڳتي هلائجي.
هن سان گڏ هڪ بل بہ شامل آهي. مهرباني ڪري ان جي مجرائيءَ جو جلد بندوبست ڪندا تہ نوازش.
زياده خيريت.

نيازمند
ع. ق. شيخ

(56)

حيدرآباد سنڌ
11/8/57

عزيز جويہ صاحب!

توهان جو خط مليو. آءُ چالان ڪاپي لطيف آباد ڪٽي ويو هوس ۽ نصرالله جي چالان تي صحيحون وٺي آيو آهيان. جنهن وقت هو آيو تہ پئسا پيارڻا. پنهنجي چالانن جون ڪاپيون 8/8/57 تي محرم جي موڪل ڪان پوءِ ڏئي آيو هوس. محمد اسماعيل چيو تہ هفتي کن ڪان پوءِ الاٽمينٽ آرڊر ملي سگهندو. هيترو وقت انهيءَ ڪري ڍرائي ڪئي هيم تہ من نصرالله اچي وڃي تہ گڏجي وڃي پلاٽن جي چونڊ ڪجي، پئسا 1/8/57 تي جمع ڪرايا هئم.

گذريل دفعي مون جڏهن اوهان ڏانهن خط لکيو هو انهيءَ ئي ڏينهن نصرالله جو "ايفيڊيوٽ" ۽ فارم وغيره هتي گهر ڏيئي ويو هو شايد هو اهي پريس ۾ ڇڏي ويو هو.

انهيءَ ڏينهن جيڪي پلاٽ ڏٺا هئاسين، توهان جو ساڳيو 33 نمبر ۽ مون البت متائي ڇيڙي وارو چونڊيو آهي. 33 جي بلڪل پرسان ڪوبہ پلاٽ خالي نہ آهي ۽ البت 37 نمبر خالي آهي. يا جيڪڏهن انهيءَ لائين ۾ نہ چونڊجي تہ ٻيءَ ڪنهن لائين ۾ لاڳيتا ملي سگهندا. پر هت نہ تہ اوهين هيو ۽ نڪي نصرالله. سو مون تہ انهيءَ اڳئين پلاٽ نمبر 33 جي فارم تي گهر درج ڪرائي آهي. جنهن مهل پئسا مليا يا نصرالله آيو تہ هن جا پئسا پيارا ويندا. آءُ توهان جي ساهرن جي گهر نياپو ڇڏي آيو آهيان. زياده خيريت.

پلاٽن جي چونڊ جي سلسلي ۾ جيڪا صلاح ڏيٺي هجيوَ سا موڪليندا. مون تہ محمد اسماعيل کي چيو تہ توهانجو فارم ترسائي تہ جيئن بيو دوست نصر الله اچي ۽ جيڪڏهن مون سان هلي سگهي تہ صلاح مشوري سان پلاٽ چونڊجن. هن چيو تہ فارم پلي منظوريءَ لاءِ داخل ٿي ڦيرڦار پوءِ بہ ڪري سگهبي. هاڻي رڳو نصر الله جي اچڻ يا پئسن ملڻ جو انتظار آهي.

نيازمند

ع. ق. شيخ

(57)

*Hyderabad.*
*21/8/1957*

My dear Joyo Sahib,

It was by chance that Shamsher met me. He told me that Jabbar had received a trunk call from Karachi and that you had instructed him to take some amount from me. I accompanied Shamsher to the press, but then unfortunately Jabbar was no there. He had gone to take his meals. I later received your letter also.

I made enquiries from Mr Ali Bux. He told me that Jabbar would leave on Saturday for Karachi. The fact is that I had credited rather deposited your money the remaining amount meant for Nasrullah into bank.

I withdrew the amount on Saturday morning because I thought that that was the proper time, and as I went to the press I came to know that Jabbar had left on Friday. Hence your money is lying with me which I shall be able to give you as and when we meet next. Mr Nasrullah has not turned up as yet.

When are you coming here?

Yours sincerely
A.K. Shaikh

(58)

*Hyderabad.*
*8/9/1957*

My dear Joyo,

I do not know as to why I have not received uptill now that copy of the allotment of your plot as you told me on telephone. Please send me the same to enable me to carryout your directions.

I hope you must not have forgotten our lmutual friends Messers Murad Ali Akhtar and Mohammad Kassim Shaz. Mr Murad Ali has submitted his application No: E-54 dated: 2.1.57, through the Director of Settlement, survey and record officer Hyd.

Your children came here yesterday. I have requested the head master of primary school to allow them to attend the classes. He has been kind enough to accommodate them.

Yours sincerely
A.K.Shaikh

(59)

حيدرآباد
23/9/1957

سائين!
لطيف آباد ڏانهن ٻہ ٽي پنڌ ڪيم. پر ڪو نتيجو ڪونہ نڪتو. نيٺ هتي هڪ ٺيڪيدار ۽ عمارت ساز وٽان احوال ۽ ڪانئس گهربل تفصيل ورتو ويو آهي.
نقشي جو خاڪو هن گڏ آهي، جنهن ۾ اتر ڏکڻ ۽ هوا جو رخ ڄاڻايل آهي. اوهان جي پلاٽ جي ڏکڻ واري پاسي کان رستو آهي. ٻيا سڀ پاسا بند آهن. پر هرهڪ پاسي جاءِ جوڙائيندڙ کي پنج فوٽ ڇڏڻا آهن. توهان جي ٻڌ وارن پلاٽن ۾ بہ ساڳيءَ طرح اهي پنج فوٽ مفاصلو ڇڏيندا. انهيءَ ڪري ٻن لاڳيتن پلاٽن جي وچ ۾ ڏهن فوٽن جو ويڇو ٿيندو. ٻيو اصول اهو آهي تہ جاءِ جي ڪليل پاسي کان پڻ ڏهہ فوٽ جاءِ ڪليل ڇڏبي. جاءِ جي اڏاوت چاليهہ سيڪڙو ايراضيءَ تي ٿيڻي آهي. هيءَ آهي مختصر تفصيل! وڌيڪ جيڪا گهرج هجي، تنهن لاءِ لکندا تہ هاڻي ان جي يڪدم پوئواري ڪري سگهجي.
هتي تازو ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ بي. اي. جي. آفيس ۾ پرڪيءَ تان بندش لهڻ جا آرڊر پهچي ويا آهن. تنهنڪري مرزا مراد عليءَ جو خيال رکجو.
لاهور ۾ ڇا ڪري آيا آهيو. هن پاسي ڪڏهن اچڻ ٿيندو؟

نيازمند
ع.ق. شيخ

(60)

*Hyderabad.*
*29/10/1957*

My dear Joyo,

Thanks for your post card of 27/10. Mr Hassan Ali had contacted Mr Mohd Bux Jamandar as instructed by Yar Mohammed. That, fellow had told him that the needful has been done. This information has been sent to Mr Yar Mohammed. The difficulty is this that Mr Hasan Ali can't have access inside the office as it is inside the jail premises. However I have requested him to try again to meet the same Jamandar Mohammad Bux.

It will be better of D.E. I also make an official reference.

I am not keeping fit hence. I am not in a position to go to Khairpur. If at all I happen to go I will deliver your message to Shah Sahib.

Yours sincerely
A.K. Shaikh

(61)

حيدرآباد سنڌ
13/1/1958

عزيز جويہ صاحب! خوش هجو شال.

ادا سائين! اوهان ۾ اميد رکي هڪ خاص تڪليف ڏيڻ جو فيصلو ڪيو اٿم. گهڻو ئي پاڻ کي روڪيو اٿم، پر مجبور ٿي جيڪڏهن اوهان جهڙن دوستن سان بہ دل جو احوال نہ اورجي تہ پوءِ ٻئي ڪنهن لاءِ واجهائجي؟

ڳالهہ هن ريت آهي تہ اسان جي ڊرائنگ بورڊ جي ميمبريءَ تي تازو قاضي صاحب هڪ اهڙو ميمبر مقرر ڪرايو آهي، جو تمام جونيئر آهي. 1953ع ۾ ڊرائنگ ٽيچرس هتان پاس ڪيائين ۽ منهنجو انهيءَ ساڳئي ڪلاس ۾ بہ مهينا شاگرد ٿي رهيو آهي. مزو تہ اهو آهي جو نہ رڳو اهو پر ٻيا بہ ميمبر صاحب مسٽر اسحاق حيدر ۽ مسٽر زبيري پڻ مون کان جونيئر آهن. بہ سال ڪن ٽيندا تہ مسٽر نظاماڻي صاحب کي منٿ ميڙ ڪئي هيم، ان مون کي ميمبر ڪري چونڊيو هو. پر پوءِ رڳو قاضي صاحب جي زباني ڳالهائڻ ڪري وري نڪو مون ڪوشش ڪئي ۽ نڪي ڪو هنن پاڻ ئي مون کي وڏيڪ عرصي لاءِ چونڊيو. ڳالهيون ڏکيون آهن، جن مان اڪثر وقت بہ وقت اوهان جي ڌيان تي پڻ آندل آهن. تنهنڪري وڌيڪ پٽاڙ ڪونہ ٿو ڪيان.

ميمبر هئڻ جي حيثيت ۾ هوند ڊرائنگ امتحانن جا پيپر ڏسڻ لاءِ ملن ها، جن ما گهٽ ۾ گهٽ 300 روپيہ ۽ وڌ ۾ وڌ 600 روپيہ ملن ها. اڄ ڪلهہ هن دور ۾ پئسي جي ڪيڏي نہ ضرورت ۽ گهرج آهي. پر قاضي صاحب جو ضد ۽ نظاماڻي صاحب جهڙن ماڻهن اڳيان هٿ ٽنگ اجائي سمجهي خاموش رهيس. هن وقت محسوس ڪريان ٿو تہ اها منهنجي غلطي

هئي مون کي ڪجهه نه ڪجهه ڪوشش ڪرڻ گهرجي ها. پوءِ نتيجو ڪٽي نه نڪري ها. آگسٽ 58ع ۾ قاضي صاحب رٽائر ڪندو. انهيءَ وقت Prized Post خالي ٿيندي. ٻڌو اٿم ته انهيءَ لاءِ اسحاق حيدر صاحب ڪوشش ڪري رهيو آهي. ڊرائنگ بورڊ جي ميمبري به هڪ ڪئاليفڪيشن سمجهي وڃي ٿي.

هن وقت امتحانن جو ڪم مسٽر غلام رضا جي هٿ هيٺ آهي. تازو بورڊ جي ميٽنگ وغيره ۾ هو صاحب به شامل هو ۽ خود مذڪور جونيئر ميمبر جي ميمبريءَ تي پڻ هن بحث مباحثو ڪيو ۽ منهنجي متعلق به ڳالهيون ٿيون. توهان سان هن جا تعلقات آهن. اوهين مهرباني ڪري ڪيس ڪجهه ڳالهيون ذهن نشين ڪرائيندا. جيڪڏهن هو ٿوري همٿ ڪندو ته ڪم سولائيءَ سان ٿي سگهندو. بورڊ جي موجوده چئن ميمبرن مان ٽي ميمبر مون کان جونيئر آهن. جيڪڏهن هن جو رخ همدرديءَ جو هجي ته پوءِ آءٌ يڪدم هڪ عدد درخواست اپيل طور ڏياري موڪليان.

تڪليف معاف- ڪم جي پوئواري ڪري جلد جواب جي عنايت ڪندا ته مهرباني- زياده خيريت و سلام.

نيازمند

ع. ق. شيخ

(62)

حيدرآباد سنڌ
11/5/1958

عزيز جويہ صاحب!

مهراڻ جي ڪور ڊزائين پهچي چڪي هوندو. آءٌ سمجهان ٿو تہ توهين جلد ئي هيڏانهن اچي رهيا آهيو. وڌيڪ احوال روبرو ٿيندا.

مرزا صاحب توهان کي ڪتابن متعلق لکيو هو. انهن جو ڇا ٿيو؟ اميد اٿم تہ توهين ڪيس ڪونہ ڪو جواب لکندا. اهي بہ روبرو ڳالهيون ٿينديون. بهتر آهي تہ ڪيس جواب ڏيو. هو ڪافي خال احوال لاءِ منتظر آهي.

ٻيو سارو خير

نيازمند
ع.ق. شيخ

(63)

حيدرآباد سنڌ

2/9/1958

عزيز جويہ صاحب! خوش هجو شال.

مهراڻ جي ڊزائين لاءِ مون ڏيپلائيءَ کان 23 رپيا ورتا هئا. اوڏيءَ مهل ائين ٻڌايائين تہ اوهين هيڏانهن اج سيان ۾ اچڻ وارا آهيو. وري اوهان جي آفيس مان بہ معلوم ٿيو تہ اوهين اچي رهيا آهيو. انتظار ڪندي هيسين تائين تہ اوهين ڪونہ آيا آهيو.

هت گهٽا ئي هل پيا ٻڌون. اوهان ڪي شايد هيڏانهن موڪلين ٿا. هينئر بہ آءٌ شايد هيءَ خط نہ لکان ها. هڪ تہ اوهان کي ورتل پئسن جي رسيد موڪلڻي هيم. ٻيو تہ آءٌ پاڻ ايڏانهن چوٿين تاريخ ڊرائنگ بورڊ جي ميٽنگ تي حاضر ٿيندس. تنهنڪري هيءَ خط لکي رهيو آهيان. رسيد بہ هن گڏ شامل آهي. رسيد تي تاريخ ڪانہ وڌي اٿم. جا اوهين مٿس لکي ڇڏيندا.

آءٌ گهڻو ڪري سياڻي ٻنپهرن جو يا شام جو ايڏانهن اچڻ لاءِ روانو ٿيندس. اميد آهي تہ اوهان سان چوٿين تاريخ صبح جو آفيس ۾ ملاقات ٿيندي.

ٻيو سڀ خير — زيادہ احوال روبرو

نيازمند

عبدالله

(64)

*Hyderabad.*
*1/1/1960*

My dear Joyo,

Might, this be a surprise to you that I am writing to you after a long time. Many a time. I have tried to write to you but then your messages that you would be soon arriving here delayed my writhing to you. In fact this has been the basic cause of not writing to you.

But now when actually I am writing to you I really am very much hesitant as to what, and what not to write to you. To relate you my own things, may not interest you superficial to you and I did not want therefore to do either of the two.

You know already that Mr Ghullam Raza has taken over here the charge of Principal cum Educational Inspector Training Institutions. On my first meeting with him, he asked me about you. He since then has been inquiring about you. The other day he told me to write and remind you about his book, the translation work. If gone through may be sent to him.

Rabbani had written to me that you were publishing an article on "مهراڻ جو مائيٽو منڊ" in Gul Phul and he wanted a picture painting it from an artist. As the student in my mind for it was not here, I could not reply him earlier. It is only today that my student has arrived here and has shown his interest in the work His name is Rashid.A.Warsi. He is student of drawing teacher's class and belongs to Larkana. His age is in twenties.

I myself feel that a senior student like him should not be introduced through columns of Gul Phul. However it is left to your choice. I will be awaiting a work the student may start his work as expected

May I avail this opportunity to remind you for expedition disbursement of a small pending payment to another student of mine Mr Ali Nawaz Phulpoto for his work published in Mehran.

Yours sincerely
A.K Shaikh

(65)

*Hyderabad.*
*17/8/1960*

My dear Joyo,

You must have seen enough of Abbotabad and Peshawar, the places of our country, where nature must be in its full bloom and full of beauty and hospitality. It is certain that you must be having good company of friends and co-workers also. I wish all of you the best of the time and gainful stay there.

I was very glad to know that you have been promoted to class II after all, although taking into consideration your services and abilities, it is only your right which you should have got long before August. 1958. But whenever, that turns to be appreciate possible one has to and welcome it large heartedly.

I had finished the cover design of "Mehran" and had instructed Mr Ali Bux to get other entries from some local calligrapher that has been done the other day only. I hope that the same will be dispatched today to Karachi.

How you and I were glad about my final selection of going abroad! The British consulate would arrange payment of all expenses to be incurred there and that our government, as I have received information. would pay for air passage and treat the period of my training abroad as duty. How grand it looks!

I have dispatched my passport forms etc after the arrival of Mr Bhutto our principal. The only problem which has now cropped up is that of a house, where I should leave my children. One of my girls has joined M.B.B.S. the other is in matric class. My younger brother is also living with me. Mr Bhutto has refused point blank, and asked for the house to be vacated from

the day one! The D.E of Hyderabad Region Mr Ghullam Mustafa Shah who is authorized to stay this order in out of station and is in the chair who at is expected here back on 24th

In the present circumstances, it is very hard to get a house in Hyderabad and if the present house is vacated, it will never be given back after my return and the government will take at least six months to sanction my pay which means another problem. But this house problem has upset my plans.

I wish and request you that you should speak on my behalf with Ghullam Mustafa Shah. The only consideration in my favor is that I am going on duty under instructions of the department and the government itself. If I continue to occupy the house there will be no dislocation of any kind for there is one room lying vacant in the hostel and It will be very easy to place any member of the teaching staff of the fallege without family in the hostel charge.

I do not know if you know that house masters of hostel No:1, 3, 4 are residing not in house masters quarters and there is no family quarter in hostel No:5 too.

If Mr Ghullam Mustafa Shah is willing to oblige me to retain the same house then I may submit such application otherwise the chapter of this daydreaming of mine may vanish in thin air and get shut once and for all.

I hope you will surely try to help me in this matter and send me the good reply immediately.

Thanks.

Yours sincerely
A.K. Shaikh

(66)

*Karachi*
*Dated: Oct: 06, 1960.*

My Dear Shaikh,

I got your letter a few days back. I was a Hyderabad then and your letter was redirected by M Rabbani to me there. Your letter carried good news o your safe arrival in U.K. The question of death i paradise doesn't arise, for, paradise means life_ and th "Vilayat" where you now are provides all necessar conditions for good life. Therefore, live there well an enjoy life's good things there to your heart's content There will be enough time to die, where every momen brings a new death with it you are in any way returnin here after twelve months.

I have been sending Mr Ramzan, our clerk, almos every day to the Comptroller's office.

Till yesterday they were asking for your servic book, they have today forwarded there. This I am tol by Director of Education's Office there. Now I think, i nothing untoward crops up, your L.P certificate will b issued within the next one week or so.

Bablani of Delhi and I am going to attend to hi queries as urgently as circumstances may permit. Yo may rest assured on that account.

We have to pay $ 20/= to Mr H.T. Lambrick Pickets Heath, Boars Hill, Oxford on account of som work he has done for our (Sindh Adabi) Board. We are of course. applying to our State Bank here for grant o necessary foreign exchange, but I am afraid we may fai to get it, I would, there fore, like that you may examin possibilities for making this payment on our behal

there and we will reimburse to your family here as and when you may desire to do.

There is another piece of service, which I wish you may consider doing. I need about half a dozen bulbs of the following description and patent for use in our office microfilm reader. These bulbs are not available here and a lot of our work remains held up for want of these bulbs. Could you not buy some three of these bulbs in the first instance and send them to us by air. You will hardly have to spend about one pound on the cost of the 3 bulbs, their packing and postage etc. We will pay whatever import duty or penalty, we may have to pay here, on the arrival of the package.

Bulbs required:

"PHILIPS LAMPE"

8 V 6 AMP. E. 11/2 SPHER EXCITATRICE RECTILIGNE 34 36.

I think it is too much, taking to involve you. But I have asked you for it, knowing that you will not feel worried if you are not able to do the needful and that I on my part too would not mind in that case.

In any case you will keep on writing to me even if I don't promptly reply for, as always, you will ignore my lapses in that regard and keep up to your noble habit of sending me your good news. A place in paradise even otherwise should be full of good news.

If I myself have any, believe me, I will not fail to share it with you immediately.

With best wishes,

Yours sincerely,
(MOHAMMAD IBRAHIM JOYO)

Shaikh A. K.
British Council Residence, Room No. 45,
38/39 Queens' Gardens,
London W. 2.

(67)

*Bristol*
*15/10/60*

My dear Joyo,

I really thank you for lovely typed- letter. It is a fact that I was anxious to hear from you earlier. Well never mind, you are very busy and preoccupied but rest assured, you can never be excused on that account every time.

My dear, why this cutting remark over my tiny feelings of death in paradise? Perhaps, by terming life on earth and hence this earth a paradise, you have constructed worst of a paradox.

I am really enjoying life but it is obvious that it is not going to be up to my heart's content. For, the heart is never satisfied, it craves for more and more always.

My dear, I am prepared to live even where every moment brings a new death.

After all I am here only by chance, it is a place which I can't claim to be my own. Even there I happen to be by mere chance. But there is obvious satisfaction of something to call my own and thus feel superior in spite of all sorrows and dissatisfaction.

I have to thank you and all the more Mr Mohammad Ramzan for taking keen interest in that Comp roller's affair. Kindly be more serious about it for still it has to go through the office of the Pakistan High Commission at London. When I remember my children without money and when I feel myself living here like a lord. I do feel the pinch which you can very easily imagine.

I have to be very outspoken on the problem of spending pounds here. I would and I could, wish to be of some use to friends like you, when they require something to be done, especially when it involves certain expenditure

here. Life here is very expensive and I do not get so much as to make a saving out of it. In spite of this I do not hesitate to tell you that for the present. I am not able to pay to Mr Lamb Rick, I will see and try to save and thus make good the payment before the time of my departure. In the mean while you may apply to the State Bank, but perhaps as the circumstances stand, you may not even get a copper coin.

In fact I have been doing a lot of enquires about your bulbs for micro film reader. I get only Saturdays to attend and do little shopping. Sundays the shops are dead closed. And the rest of the days I am got up with my studies.

Today I did a lot of roaming, moving from one shop to another. But the net result was that I should see the firm of "Philips" itself who have got a branch here. But it is closed on Saturdays. I am, therefore, dropping a letter to them asking for the bulbs and fix up the time for collection. I hope you will kindly wait up till then.

I had been to a theatre too. It was Shakespeare Tempest which I was at. I had read Tempest for my B.A, but this performance was more pleasing and interesting. I have seen here the museum; it has got an art gallery also. There is a fine giant size full portrait of Raja Ram Mohan Roy, the first Indian reformer who had died here in Bristol. I have seen another beautiful spot "Suspension Bridge" over rive Avon I will send its photo to you very shortly. It is pillarless concerned. It has a span of 700 feet and it is about 400 feet high from the ground. It has a marvelous scene.

Give my salaams to Messer's Rabbani, Ramzan and Abdul Jabbar.

Yours sincerely
A.K.Shaikh

(68)

*Bristol.*
*31/10/1960*

My dear Joyo,

All is quiet on your side! I am well aware of your busy life there. Therefore you can't be blamed. I am hearing a lot of things from Mr Panhwar our friend about hard propaganda. Is this the reward for your sincere and honest untiring services?

I would like to hear something from you. If you don't want to share something with me then it is allright, never mind.

But what about my pay correspondence? If Mr. Mohommed Ramzan, in spite of his efforts, is unable to help me then let me know it frankly. I will now try to pursue it myself. In that case, let me know the exact branch of comptroller's office and the name of person concerned.

I am sending you a copy of the reply received by me from the Philips Electric Ltd. Regional Office, Bristol. Kindly see it carefully and give me definite instructions.

I had been to London once and also the record time again to a friend this weekend. I had a jolly good time and was able to see something of 1. River Thames 2. Albert Museum 3. Tate Hall 4. Trafalgar Square 5. Bond Street, 6. Wall Street, 7. Hyde Park, 8. Parliament House, 9. Buckingham Palace, 10. Royal Music Hall, 11. Piccadilly, etc.

Give my salaams to Messer's Rabbani, Abdul Jabbar and Mohammed. Ramzan.

Bye, Bye.

Yours brotherly
Abdullah

Co  of letter

Dear Sir,

We thank you for your letter of 15th instant and would apologize for delay in writing to you. With regard to the projector lamp required, we would advise that we are unable to identify the reference3436 and would advise that the nearest equivalent we can offer is a 8v48w (6amp) E14 micro film projector lamp type 6019……."

My dear Joyo, kindly now see and tell me if this type of bulbs will be useful to you, well this is for your Board.

Tell me, rather ask me for something personal. Would you?

Yours sincerely
A.K.S

(69)

*Bristol*
*23/1/1961*
*11 P.M*

My dear Joyo,

It is nearly over more than four month may I hear from you in 1960 and that now it is 1961. Just imagine, is it fair? All this time I have been anxiously and patiently expecting a few words from a friend like you. But all in vain. Well you can afford but I can't. Doesn't matter much, you can find an easy excuse, but I won't ask for one. O.K. I simply say:

"رنا ئي رهن پر شل هجن حياتي."

I am having a very busy and a good time here. My studies here consist of attending lectures on educational theory, psychology (Educational) participating in seminars, going out teach and observe various institutions. Do experimental craft (this is modern approach of exploiting, creative experience activating through various mediums portrait painting and Fabric design 'ractical).

The studies start right from 9.30 A.M and extend invariably up to 4-6 p.m. The sun sets here at 4P.M. The study task involves writing of lecture notes, seminar discussions and essays etc including observation reports. Saturdays and Sundays are off work days.

Life here seems to run race and I find it very interesting. I have just returned from my club. On my way back, I had just a pint of pale ale in university ban with two Ugenda friends and Now I am back in my room, electric heater is on, I have changed my dress, The radio in my room is on, Just now there was a song:

"Money is root of all evil,
Take away, take away, take away...."

Sometimes I take and avail of the opportunity to go to local theatres, cinema or clubs. Although this

phere is limited but it is indeed a great experience. Jnlike other Pakistanis some of whom I came to know n my way here, I take and eat whatever comes to me.

I have been trying to speak in schools and social gatherings and yes right to say I had a lecture on painting and popular dances of Pakistan in my college well this in nutshell, what I am doing here. Some aspects of life here are enchanting and entertaining no doubt but all is not gold that glitters. I am anxious to be back in my country and be among my people. But with what feelings I will depart, well it will be useless to describe now.

What about those bulbs that you needed? Did you check the number Do you want the number which L referred to.

How are you? How is your hand? And how are your children? I would like and love to hear from you.

My daughter Rashida who is very keen for her transfer had informed me some time back that you, how you have been helping her. If any such orders have been issued then well and good. But I think she has made a very wrong choice to ask for that is the college for women. I had written to her to inform you that this won't suit her. You know that Miss Tilli will simply torture her. But I think she has not told you anything in this respect. It will be very convenient if she is transferred to Girls High School, Hyderabad.

Kindly convey my best regards to Mr Ghullam Raza Bhutto and my salaams to Messer's Rabbani, Jabbar and Mohammad Ramzan.

Yours brotherly
Shaikh

ع.ق. شيخ

جا

عبدالفتاح هاليپوٽو

ڏانهن

لکيل خط

(1)

حيدرآباد سنڌ
9/10/1959

عزيز عبدالفتاح!
خوش هجين شال. واقعي خط لکڻ کان پوءِ تہ توکي ڪافي انتظار ڪرڻو پيو آهي، جواب لاءِ. سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ "اجهو هينئر بس اچ"، ڪندي جواب ڏيڻ ۾ دير ٿي وئي آهي. خبر ناهي تہ تون ان مان ڪهڙا مطلب ڪيين. پر هڪ ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ سستيءَ ۽ ڪاهليءَ جو نتيجو آهي. انهيءَ جو اهو مطلب ڪونهي تہ توکي وساري ڇڏيو اٿئون.

هتي ڪيترائي پيرا تنهنجي متعلق محمد عيسيٰ ۽ ٻين شاگردن کان ٻڌا ڪئي اٿم، پر ڪا خاص معلومات ڪانہ ملي. توهان جي خط اچڻ تي سموري احوال جي خبر پئي. ڏاڍو وقت ورتو اٿئي، هاڻ تہ جلدي چاڪ ٿي، هيڏانهن اچ! توکي ڏاڍو پيا ساريون.

شايد توکي ائين پڙهڻ تي تعجب ٿيندو هجي تہ "مروان موت ملوڪان شڪار" همدردي بجاءِ خود، الٽو 'جلدي چاڪ ٿي، هليو اچ!' هائو پر اهو هڪڙي نموني تي سگهي ٿو تہ تون ناچاڪائيءَ واري عرصي ۾ مڪمل آرام ڪر، وقت تي ٿي دوا وٺندو ڪر ۽ ڪا ٻي ڳڻتي يا فڪر وغيره نہ ڪندو ڪر. دوا تہ تون وٺين پيو باقي رهيو سوال آرام جو يا ڳڻتيءَ ۽ فڪر جو ان لاءِ البت چئي نٿو سگهجي. ڀلا تون ئي ٻڌاءِ تہ تون ڪيتري قدر آرام ڪندو آهين يا تنهنجي دل ۾ ڪو الڪو ڪا ڳڻتي! ٺهيو توکي معاف آهي ٻڌائڻ جي ضرورت ڪانهي، توتي اعتبار آهي. چوڻ رڳو ايترو آهي تہ هاڻي توکي چڱي ڀلي ٿيڻ لاءِ گهڻي آرام جي ضرورت آهي، تہ هفتو ئي ائين ڪيئي، تہ ليٽي ويٺي اٿي ڪڙو ٿيندين.

مهينو ڪن ٽيندو هتي ڪلاس ۾ ٻه انگريز پاڪستان جي فني تعليم جا صلاحڪار آيا آهن. تنهنجون تصويرون بورڊ تي رکيون هيون سين. ڏاڍو تنهنجي ڪم کي پسند ڪيائون ۽ توکي ويٺلن شاگردن ۾ نهارڻ لڳا. پر مون ٻڌايومان ته توهين غير حاضر آهيو. غير حاضريءَ ڪلاس جي شايد توکي خيال ٿيندو هجي ته پٺيان ڏاڍو ڪم ٿيندو هوندو. ڪم ته ڪجهه نه ڪجهه ٿئي ٿو پر ڳاڙي اتي جو اتي بيٺي آهي، رڳو ڏهه پندرنهن جاميٽريءَ جا Constructions ٿيا آهن. اهو آهي نئون ڪم.

مون کي اهو معلوم ڪري نهايت خوشي ٿي آهي ته توهان ڪجهه تخيل تيار ڪيا آهن. شوق ته اهڙا بيماريءَ ۾ به ڪرا هن پاسي اچو ته مهرباني ڪري اهو ڪم پاڻ سان گڏ کڻي اچجو ته ديوار ڪجي.

مهرباني ڪري جيڪڏهن طبيعت ناچاڪ آهي ته پاڻ تي ايترو قياس به نه ڪر، جو هرويرو پاڻ کي ولوڙ جي به نه. هاڻي گهڻو ٿي چڪو. آرام ڪري، اتي ڪڙا ٿيو ۽ هيڏانهن اچو. تنهنجي انتظار ۾ هتي اسين سڀ آهيون. سڀني دوستن جا سلام

الراقم

ع. ق. شيخ

(2)

حيدرآباد سنڌ
15/11/1959

پيارا فتاح! شال خوش هجين.

تنهنجو پيارو خط مليو. وڏي مهرباني. منهنجا معصوم دوست! تنهنجي خط جي اشارن مان ڪافي ڄاڻ پئي. تنهنجي نوازش، جو پنهنجو سمجهي دل جو احوال اوريو اٿئي.

منهنجي تخيل جي دنيا تہ تو بابت ڪافي اندازو لڳائي ورتو آهي، پر اڃان بہ اهو داستان اڌورو ۽ اڻ پورو آهي. مون کي يقين آهي تہ تون هينئر اڳي کان بهتر آهين.

دنيا جو دستور آهي تہ ڪلڻ وارن سان گڏ هر ڪو ايندو پر روئڻ وارن سان ڪوبہ ساٿ ڪونہ ڏيندو. تون اڃان اداس آهين. نرم نازڪ دل، احساسن جي دنيا، حسين تمنائون، تنهنجو ڪهڙو تصور؟ واقعي تون مجبور آهين. پر مانجهي مرد سيڪجهہ برسر ڪري، ميدان تي اڙل ٿي بيهي رهندا آهن. رڳو همت ۽ فيصلي جي ضرورت آهي. هڪ ضدي ۽ نٽر ہار وانگر حقيقتن جي دنيا کان بي نياز ٿي، آسمان تي پهچڻ جا خواب في الحال وساري ڇڏ. خيالي محل، جن جو وجود ئي ڪونهي، تن کي ٻيجي ٻوري اجلائي ڇڏجي. ڪانئر ۽ گيدي آهين تہ پوءِ انهيءَ رنگ محل کي سينگاري ٻڪاري سيني ۾ محفوظ رکي ڇڏ. توکان اها دولت ڪوبہ ڦري ڪونہ سگهندو. محبت ۾ سيڪجهہ روا آهي. اهي لقب القاب تہ ڏاج آهن.

مون کي توکان اڃان ڪجهہ پڇڻو آهي. تون سوال ڪندين ڇو؟ تون ڪير آهين؟ وڏو بزرگ ۽ صالح بنجي ويٺو آهين دل آزاري ڪرڻ؟ واقعي توتي ڪابہ ميار ڪانهي، جي تون مون کي اهڙو رکو جواب بہ ڏين.

جيڪڏهن توکي سچ پچ اهڙو گمان ٿئي ته پوءِ ٺهيو. پر جي دل محسوس ڪريئي ته ڪو همدم آهي جو تنهنجي غم کي پنهنجو ڪري سمجهي ٿو ته پڏا اهو بار جيڪو تون ينهنجي پاڻ تي ڇئن سالن کان اڪيلو ٿي، اڪيلو تن تنها، کڻيو وتين، سو ڪجهه عرصي لاءِ مون کي سونپ. فقط ايتري لحظي لاءِ جو ساهي پٽي، تازه دم ٿي، ٽڪ پيجي، وري تازو توانو ٿي، نئين سر اهو مقدس فرض بجا آڻي سگهين. يقين رک! اها امانت توکي با سلامت موٽائي ڏبي. ڪيئن آهي اعتبار ۽ اعتماد؟

خبر ناهي، پر مون کي پڪ آهي ته تو پنهنجي دل جو احوال ڪنهن سان ڪونه اوريو آهي. نه ته هوند تنهنجا ههڙا حال هرگز ڪين ٿين ها. ٺهر درويش، بر جان درويش، سيڪجهه پاڻ تي وسايو اٿيئي. هاڻي پاڻ تي نه پر، پين تي رحم ڪر. توکي ڪير پنهنجو نٿو ڪري ته گهٽ ۾ گهٽ مون کي پنهنجو ڄاڻ. خاموش شمع وانگر ته ڪافي جليو ۽ ڪاميو آهين.

پنهنجي دل جو داستان، ڇئن سالن کان سانديو ٿو گهمين! ائين سيڪجهه ڪيئن ٿيو؟ آءٌ سرتاپا ۽ سراسر منتظر رهندس. ڪجهه ته پڏاءِ!

ٽڏا شوڪارا نه پر. پي ڳالهه ته خدارا هي غمزده تصويرون پنن ۽ ڪاغذن تي جيڪي تون چڏين ٿو اهي في الحال بند ڪر. زندگيءَ جي پيو رخ ۽ پئي پهلوءَ تي به نظر ڪر.

تو حسن جي شڪايت ڪئي آهي. سچ آهي جيڪي تو لکيو آهي، پر ڪي قدر تنهنجو به ڏوهه آهي. تو حسن جي هڪڙي جهلڪ کي ڏٺو آهي ۽ ان جي پٺيان ان کي پنهنجي ڪرڻ جي ناداني ڪئي اٿيئي. حسين شين جا هزارين ويس آهن. جي هرهڪ شيءِ تي نظر وجهڻ شروع ڪرين، ته انهيءَ خوبصورتيءَ جي جائزي وٺڻ لاءِ هيءَ اسان جي ننڍڙي زندگي پوري ڪانه پوندي. پر تصور ڪر ته دنيا جي بيشمار حسين شين کي ڏسندي، لطف وٺندي، نظارو ڪندا رهون ته اها زندگي ڪهڙي نه لطيف ۽ عزيز هوندي!

اڄ تنهنجو اجنبيءَ ڏانهن لکيل جواب ڏٺم. دل ۾ ڏاڍو رنج ٿيم ته ماٺهو پين جي جذبات سان راند ڪرڻ ۾ ڪهڙي خوشي ٿا محسوس ڪن. اهو اجنبي به تو جهڙو ئي هڪ پيارو دوست آهي. جنهنڪري ڪيس

تو وارو جواب پڑهي رکو حقارت سان نهاري واپس ڪيم. چوندا آهن تہ بيوقوف دوست کان داناءُ دشمن بهتر آهي. اهو دوست علي اڪبر منگي آهي، جو تازو هتي علي نواز رستماڻيءَ جي جاءِ تي خيرپور مان بدلي ٿي آيو آهي. ڪيس فراخدل ٿي، معاف ڪري ڇڏ. ڇو جو هو بہ دل جو سچو آهي، عقل ذرا مونو اٿس.

وڏيڪ ڇا لکان، تولاءِ پيار. سيني ڪلاسين جا سلام.

الراقم

ع. ق. شيخ

(3)

حيدرآباد سنڌ
30/12/1959

پيارا عبدالفتاح! شال خوش هجين.

السلام عليڪم! تنهنجي 25 تاريخ جي، يعني سيني خطن جي پڇاڙيءَ واري خط مون کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. ڇو؟ منهنجي اڻ ڄاڻائيءَ، خبر نہ آهي مون کي ڪهڙيءَ خوش فهميءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. خير اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي. دل تہ ائين چاهيندي آهي تہ تنهنجي خطن جو بروقت جواب ڏيان. پر مجبوري اهڙي آهي، جو تازو بي انتها مصروفيت هئڻ ڪري توکي رڳو رسمي طور بہ ٻہ سٽون لکي نہ سگهيس. توکي ڪيڏو انتظار ٿيو هوندو. تون ڪهڙا گمان ڪيندو هوندين. مون بهتر ٿي سمجهيو تہ توهان سان روبرو حال حَوالي ٿيندس. خبر ناهي هن مختصر آسري تي ڇو هيڏي دير ٿي وئي آهي.

اڄ هڪ ڪتاب تي نظر ڦيرائيندي، انگلنڊ جي هڪ جڳ مشهور شاعر جون سٽون پڙهيم، جن جو مطلب ڪجهہ هن ريت آهي:

"تون چوين ٿو تہ آءٌ غلطي ڪري رهيو آهيان،
تون ائين چوڻ وارو ڪير ٿيندو آهين؟
ڪو مون کي ٻڌائي بہ ڇو تہ آءٌ غلطي ڪري رهيو آهيان؟
نہ نہ، مون ڪابہ غلطي ڪانہ ڪئي آهي." (ڊئوڊ هربرٽ لارينس)

مٿيون چار سٽون توڏانهن فقط انهيءَ ارادي سان لکي رهيو آهيان، جو اهي توسان ڪيترو نہ ٺهڪي اچن ٿيون ۽ ڪيتريءَ حد تائين تنهنجي غمزده دل جي ترجماني ڪن ٿيون. فرق رڳو اهو آهي جو تون، تو ۾ شايد ايتري جرئت ڪانهي. جو جيڪي توتي وهي واپري ٿو تنهن جو صحيح جائزو وٺي ڪو موزون حل ڳولي ڪڍين. پر ڪمبخت دل کي ڪير

سمجهائي. بقول شاعر:

"سنبھلتا ہوں، سنبھلتا ہوں، بہت ہی میں سنبھلتا ہوں،
مگر وہ مسکراتی ہیں، میں دل کو دے ہی دیتا ہوں"

رنگين تخيل جي جذبات. خيالي حقيقت جي ڪائنات. دين دنيا. آخرت ۽ عقبيٰ کان بي پرواهه چڙواڳ ڇڏي ڏبي، ته سواءِ ڦتڪڻ جي ڪجهه به نصيب نه ٿيندو. پر اها لوچ پوچ به ڪنهن قسمت واري کي حصي ۾ ملندي آهي. انسان لاتعداد صدين جي پيدائش، تجربن ۽ آزمائش جي وڏي قربان گاهه تي بي انتها قربانيون ڏيندو گهڻو ڪجهه سکيو آهي. سڪڻ مان مراد آهي ڄاڻ ۽ معلومات، يعني اڻ ڄاتل شين جو علم. ارمان رڳو اهو آهي ته اسان جا وڏا اسان لاءِ جيڪي وراثت ۾ ڇڏي ويا آهن، تن جو اسان نهايت سطحي طور احترام به نٿا ڪيون. بجاءِ انهيءَ جي جو جيڪي اسان وٽ اڳ ۾ ئي موجود آهي، جيڪي اسان کي وڏين قربانين کان پوءِ حاصل ٿيو آهي، تنهن کان بي خبر وري انهيءَ لتاڙيل رستي تي هلي، تباهيءَ ڏانهن گهلجي پيا ٿاهڙجون ۽ برباد ٿيون. جيڪڏهن ڪو پنهنجي پنيان پاڻ هٿ ڏوئي لڳي ته ڏوهه ڪنهن کي ڏجي؟ عقل، علم ۽ تجربات سان اسين پنهنجا اڪثر مسئلا حل ڪري سگهون ٿا. قدرت هر درد جو علاج ميسر ڪيو آهي.

تنهنجي ڪنهن هڪڙي خط ۾ محبت جي تشريح: ليلي ۽ مجنون، شيرين ۽ فرهاد، سسئي ۽ پنهونءَ جي ثنا پڙهيم. ڪاش اُنهن صدين جي پراڻي روايتن کي عقل جي ڪسوٽيءَ تي رهڙي ڪجهه حقيقت واري نظر ته وجهين ها! منهنجا دوست،

"کہہ دو یہ کوہکن سے کہ مرنا نہیں کمال
مر مر کے ہجرِ یار میں جینا کمال ہے۔"

الراقم

ع. ق شيخ

(4)

حيدرآباد سنڌ
17/4/1960

منهنجا معصوم دوستا خوش هجين شال.

عيد کان پوءِ هتي ڪيترن ئي دوستن جا عيد ڪارڊ مليا. ڪوشش ڪري سيني کي جواب ڏنم. دير تہ ڪافي ٿي ويئي هئي. انهن مڙني دوستن مان اوهان وٽان ئي جواب مليو. مهرباني.

خط کولڻ کان اڳ لفافي تي پيل ليکا ڏٺم. تيز رفتار موٽر جي اڳيان هڪ انسان. جابلو چوٽيءَ جي مٿان هڪ بيٺل شخص ۽ هيٺان اجهاڳ سمنڊ. ہہ حسرت زده چهرا. هڪ چيڙي تي قبر ۽ ٻئيءَ ڪنڌ تي شعر پڙهي ٽڏو شوڪارو پري. خط کولڻ کان سواءِ. خيالن جي دنيا ۾ غرق ٿي ويس. تنهنجي خيالي صورت اڀري سامهون آئي ۽ بس آءٌ خاموش توکي ڪا مهل، ڪو عرصو ائين تڪيندو رهيس.

خبر ناهي ڪيترو وقت انهيءَ طلسم ۾ جڪڙيو رهيس تہ علي اڪبر جو خبر ناهي ڪيڏيءَ مهل اچي منهنجي پرسان بيٺو هو تنهن رڙ ڪئي، "چا پيا ڏسوا" بس انهيءَ حجتي آواز مون کي توکان جدا ڪري ڇڏيو. هٿ ۾ توهان وارو بند لفافو مون علي اڪبر کي وڏائي هٿ ۾ ڏنو ۽ چيومانس تہ ڏس ۽ پڙاءِ تہ ڪنهن خط لکيو آهي. هن خط ورتو. مٿس نظر ڦيرائيندي، واڪا ڪندي، هن چيو تہ فتاح جو آهي؟ مون ڪنڌ لوڏي. هائو ڪار ڪئي.

انهيءَ ڏينهن مئٽرڪ جي امتحان تي ڊيوٽي هئي، جا ڪالهہ پوري ٿي آهي. اڄ آچر جو ڏينهن آهي. گهر ۾ ميرا ڪپڙا ڌوبجي رهيا آهن. ٻارڙن جو گوڙ پيو پوي، ۽ آءٌ توسان مخاطب آهيان. ڪالهہ شام جو اٽڪل سوا چئين بجي صاحب جو پرزو پهتو تہ آفيس ۾ جلدي اچ، جو تنهنجو ٽرنڪ

ل آيو آهي. تڪڙ ۾ وچي حاضر ٿيس. نصير آباد ڪان اميد علي اچڻ
ئي رهيو هو "سائين! هيءُ کهڙو بغداد آهي. مون کي ناپاس ڪيو
" "بيا کهڙا ناپاس ٿيا آهن، رفيقہ پاس ٿي آهي؟"

اسان وٽ ڪاليج ۾ رزلٽ ندارد. اهي آهن آفيسرن جا حال. شام جو
ۓ صاحب ڪان پڇيم، جنهن ٻڌايو تہ اميد علي، پير صاحب، سردار علي
ء ر ناپاس ٿيا آهن. بيا سڀ پاس.

انهيءَ رزلٽ لاءِ ميٽنگ هئي ڪراچيءَ ۾. خبر اڳ ۾ ئي هيم، تنهن
ي طبيعت برداشت نہ ڪيو تنهنڪري آءٌ خود اوڏانهن نہ ويس. توهان
ۓ محمد عيسيٰ کي مبارڪون هجن.

نارمل ڪلاس، جنهن جي هر هڪ شيءِ سان منهنجو پيار هو اهو
ي پنهنجي عروج تي پهچي نفرت ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. شايد آءٌ لاچار
ڪي ڇڏي ڏيان.

تنهنجو خط مون اڃان تائين نہ کوليو آهي. مهرباني ڪري ٻڌاءِ تہ
. ڇا لکيو اٿيئي؟ اڳتي جا ڪهڙا ارادا آهن؟ محمد عيسيٰ ڪهڙن
ن ۾ آهي؟ استاد محمد بچل کي سلام. امتحان جي مارڪن يا ٻئي
ـ لاءِ سڌو ڊرائنگ انسپيڪٽر کي لکندا. ڇڱو هاڻي سدائين گڏ.

الراقم
ع. ق. شيخ

پڇاڙيءَ واري سٽ تي ٿورو ويچار ڪر. آءٌ پاڻ کي نصيبن وارو سمجهان ٿو جو تون مون ڏانهن ڪجهه تہ لکين ٿو. تو جواب نہ ڏنو تہ انتظار هوم. ڪنهن جو انتظار ڪرڻ منهنجي عادت ٿي چڪي آهي. سچ تہ انهيءَ انتظار جون يادگيريون وڌيڪ قيمتي آهن.

آءٌ حسن کي هرجائي سمجهان ٿو. ۽ ان کي هر هنڌ ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ۽ بس. حسن فقط نظاري لاءِ ئي محدود سمجهندو آهيان. خوشنما گل کي جيڪڏهن ٽاريءَ کان ٽوڙي جدا ڪبو تہ ڇا ٿيندو؟ مغرب ۽ مشرق، اتر ۽ ڏکڻ، دنيا جي هر ڪنهن ذري ۾ ڪانہ ڪا سونهن، ڪانہ ڪا خوبصورتي سمايل آهي. آءٌ ايتري ۾ بہ راضي ٿي ويندو آهيان. پنهنجو تنهنجو خيال آهي. حسن ۽ نفرت! ڪوڙو ئي نٿو لڳي.

ٿي فولڊر مليا. مهرباني. جيڪي مون کي گهربو هو اهو تون موڪلي نہ سگهيو آهين، پر مهرباني ۽ نوازش، جو ڪجهه تہ موڪليو اٿيئي. ٻين دوستن ڏانهن ڪجهه شين لاءِ لکيو هوم. پر اهو تون ئي آهين، جو پنهنجو واعدو پهرين پورو ڪري چڪو آهين.

ڏس، رجسٽر رستي تو ڪيڏو نہ خرچ ڪيو آهي. حالانڪ مون توکي لکيو هو تہ رواجي پوسٽ ۾ روانو ڪج. هاڻي ٻي ڳالهہ تي ٻڌ مون کي هاڻي ڪجهہ بہ نہ کپي. جي ڪجهہ موڪليندين تہ آءٌ ناراض ٿيندس.

تنهنجي دوست رضوان علي صاحب کي سلام ۽ پيار. محمد وريل لاءِ، سلام ۽ پيار سيني کان وڌيڪ تو لاءِ......

الراقم

ع. ق. شيخ

(7)

برسٽل
2/12/1960
5.PM

پياري ڏيءَ رشيده، خوش هجين شال.

واقعي توکي خط جو انتظار ٿيو هوندو. هتي قصو آهي تہ جي بر وقت ڪو ڪم ڪيو تہ واهہ نہ تہ ڇٽو. هينئر ڪاليج مان موٽي آيو آهيان. شام جي چانهن پيتي اٿم. رات پئجي چڪي آهي. آءٌ گهر جي اوطاق ۾ ويهي هيءُ خط لکي رهيو آهيان. بُخاري ۾ ڪوئلا ٻري رهيا آهن. ڪوٺي گرم آهي. ريڊيو تي انگريزي ڌُن وڄي رهي آهي. پرسان هڪ مصر جو شاگرد جو ڊاڪٽري پڙهندو آهي، جنهن کي نچڻ جو مرض آهي، سو هڪ انگريز ڇوڪريءَ "جينفر" کي ڊانس سيکاري رهيو آهي.

ڏاڍي همٿ ڪئي اٿيئي، جو ڊئريڪٽر سان ملي آهين. "جويو صاحب کي جيڪا درخواست ڏني اٿيئي، ان ۾ ڪهڙي اسڪول جي گهر ڪئي اٿيئي. ڏس متان زنانہ ڪاليج ۾ بدلي ٿيئي. تلي ٻائي توکي سنگُن تي ڪٽي ڏيندي. پر آءٌ سمجهان ٿو تہ تو ضرور گرلس هاءِ اسڪول حيدرآباد جي گهر ڪئي هوندي. بهرحال جي ڪنهن بہ اسڪول جي گهر نہ ڪئي اٿئي تہ هڪدم هڪ خط جويو صاحب ڏانهن لکڻ گهرجي، جنهن ۾ پنهنجو احوال ڏيڻ گهرجي.

ڪرسمس جون موڪلون سڄا سارا ٽي هفتا 14 ڊسمبر کان ٿينديون. في الحال تہ ڪيڏانهن بہ وڃڻ جو پروگرام ٺهي نہ سگهيو آهي. سمجهان ٿو تہ اهي ڏينهن هتي ئي گذارڻا پوندا.

خبر ناهي ڇو توکي ڪتاب اڃا نہ مليا آهن. آفتاب ۽ ادا عثمان جي خط ۾ لکيل هو تہ ڪتاب ڪونہ پهتا آهن، ٻہ هفتا ڪن ٿيا. جو دڪان وارن کان پڇيو هوم تہ ڪتاب موڪليا ويا آهن يا نہ؟ هنن ٻڌايو تہ اسان روانا

چاچا سائين!

السلام عليڪم! ڪهڙو حال آهي؟ ڪافي ڏينهن ٿي ويا آ توهان جي طبيعت ۽ تندرستي ڪيئن آهي. هتي مزي جو وقت پيو گذر سخت سيارو سرڪندو اچي. پارو پيو پوي. باقي برفباري بہ ڇاڻ آئي آئي.

حيدرآباد ويندا آهيو يا نہ. ڪراچيءَ ڏانهن وڃڻ ٿيو آهي يا نہ.

دعا ڪندا رهندا تہ خير سان وطن موٽي اچان. وڏيڪ پيرن تي هٿ من خان ۽ ڀين سيني کي سلام ۽ پيار.

الراقم

ع. ق. شيخ

(8)

برسٽل
12 ڊسمبر 1960ع
9 بجي رات

منهنجا دوستا! تو واري خط جي پيشانيءَ تي "موم کي پتليوں پہ ايسی طبيعت—" پڙهيم. خوش آهيان، جو مون کي ائين نوازيو اٿيئي. مهرباني. تنهنجي خط کي اڄ جيڏيءَ مهل به فرصت ملي اٿم پٽي پڙهيو اٿم ۽ هاڻي جڏهن قلم کڻي توسان مخاطب ٿيڻ ٿو چاهيان، تہ واقعي منجهي پيو آهيان تہ توڏانهن ڇا لکان ۽ ڪيئن لکان.

پنهنجو پنهنجو نقطي نظر آهي. محبت نہ پر عشق جڏهن هڪ هنڌ، هڪ مخصوص شيءِ لاءِ محفوظ ٿو ٿئي تہ حرص ۽ هوس بنجيو پوي، پيا بہ تہ گهٽائي ان جا حصيدار آهن. محبت جو هر ڪو بکيو ۽ پياسي آهي. پوءِ هڪڙو فرد واحد، صرف هڪ ئي هستيءَ ۾ اهڙو محو ٿي وڃي، جو ٻين کي، سيني کي، حقارت ۽ نفرت سان ڏسي ۽ هر ڪنهن کي پنهنجو دشمن يا ڌاريو ۽ پرايو سمجهجي. محبت يقينن اهڙين غليظ حد بندين کان پاڪ ۽ آزاد آهي.

تنهنجو خيال بلڪل صحيح آهي. محبت کي سمجهڻ برابر ڏکيو آهي. پلا جيڪڏهن ڪو ان کي سمجهي بہ نٿو سگهي تہ پوءِ هڪ ناممڪن شيءِ جي پويان مجبور ٿي جستجو ڪرڻ مان ڇا حاصل ٿيندو؟

نہ پکڑے سے کبھی پکڑی گئی ہے
محبت پیا کی. . .
اور بُو پھول کی

دنيا جنهن ۾ اسين رهون ٿا، ان ۾ هزارين شيون آهن. هرهڪ کي پنهنجي پنهنجي جاذب خوبي بہ آهي. آءُ، جڏهن منهنجي سامهون ويجهو

دويدو ڪو ذرڙو بہ اچي ٿو تہ منجهس لطيف حسن نمايان ڏسان ٿو. روح کي تسڪين اچيم ٿي ۽ بس منهنجي لاءِ اهوئي ڪافي آهي.

تو ہی ناداں چند کلیوں پر قناعت کرگیا
ورنہ گلشن میں علاج تنگی داماں بھی ہے۔

محبت هڪ حقيقت آهي، سوچڻ انساني شيوو آهي. مگر اڪيلائي ان جو وڏو عذاب ۽ بدترين سزا آهي. ڪنهن جي اڪيلائيءَ جو تصور تو ڪيان تہ دل مان آهہ ٿي نڪري. فتاح، اوري ٿي تہ توکي پنهنجي هتي جي اڪيلائيءَ جو واقعو ٻڌايان. ڇنڇر جو هڪڙو ڏينهن هو. صبح کان پنج بجي تائين گهر جي اوطاق ۾ گپ شپ، چرچي گهڙي ۾ گذريو. ڳايوسين، ڪي نچيا، ڪن پيانو وڄايو پر جيئن پنج ٿيا تہ آهستي آهستي هرهڪ اٿي ٽڙي پکڙي ويو. آءٌ اڪيلو ائين سوچي رهيو هوس تہ اٿي پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وڃي ڪاليج جي لکڻ جو ڪم پورو ڪريان. هتي آچر جي شام هرڪو ٻاهر نڪري ويندو آهي. گهڻو ڪري سئنيما، ٿئيٽر، ڪلب، هوٽل يا شراب خانو يا ٻاهر شهر کان پري ويندا آهن.

آءٌ اٿڻ تي هوس تہ اوطاق تي هڪڙي ڇوڪري 'ڊڦني'، جا انگريز آهي، سا تيار ٿي ٻاهر وڃي رهي هئي، تنهن اندر اوطاق ۾ جهاتي پاتي ۽ در تان بيهي پڇڻ لڳي: "شيخ! اڄ رات تون ٻاڻ ئي آهين ڇا؟" مون بهانو ڪندي چيو "پياري! مون تنهنجو مطلب نہ سمجهيو." هوءَ اندر گهڙي آئي ۽ اکيون اکين ۾ ملائي ڏاڍيان چوڻ لڳي، "ڇا تون اڄ رات اڪيلو آهين." مون مختصر جواب ڏنو: "هائو!" هوءَ منهنجي جواب تي حيرانيءَ وچان خاموش ٿي ويئي. پر لحظي کان پوءِ حقارت سان رڙ ڪري چوڻ لڳي: "شرم نٿو اچيئي."

مون سنجده ٿيندي چيو "هن ۾ شرم جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. مون کي لکڻ جو ڪم آهي جو پورو ڪرڻو اٿم."

"پر آچر جي رات- بيهودا اٿا!" هن منهنجي ٻانهن کي ڇڪيندي اٿاريندي چيو. "تيار ٿي اڄ تہ ٿئيٽر ڏانهن هلون، تو وٽ پئسا نہ هجن تہ فڪر

وڏيڪ توسان کهڙو بحث ڪريان. تون ٻڌڻ ۽ سمجهڻ لاءِ تيار نہ آهين. آءٌ ۽ توسان ناراض! فتاح! مون کي واقعي هاٿي ڪتابن جي ضرورت نہ آهي. تنهنجا خلوص وارا خط ئي مون لاءِ ڪافي آهن. تنهنجي هڪ نہ پر ٻہ تصويرون نمائش وقت گروپ فوٽن واريون اتفاقاً هتي منهنجي ڊائريءَ ۾ موجود آهن. اجهو هينئر اهي منهنجي سامهون آهن. انهن ۾ منهنجون ئي تيار ڪيل تصويرون بہ ڏسڻ ۾ پيون اچن.

تنهنجي دوست رضوان کي سڪ ڀريا سلام! مهرباني ڪري هن جي همشيره جو نالو سيٽ نمبر ۽ سينٽر هن خط پهچڻ شرط علي اڪبر ڏانهن ڏياري موڪل. آءٌ هن کي بہ لکندس. خدا چڱي ڪندو.

هتي هينئر سيارو پنهنجي جوڀن تي آهي. برفباري شروع ٿي وئي آهي. وقت تيزيءَ سان گذري رهيو آهي. مختصر خط ۽ جواب لاءِ معافيءَ جو طلبگار آهيان.

تنهنجو

ع. ق. شيخ

(9)

برسٽل
28 ڊسمبر 1960ع
11.PM

پيارا فتاح! خوش هجين شال.

25-26 ۽ 27 تاريخن تي ڪرسمس هئڻ جون موڪلون هيون. بازار، آفيسون، ڪاليج، اسڪول ته ٺهيو پر پوسٽ آفيسون به بند هيون. تنهنجي خط جو بروقت جواب ڏيڻ چاهيم ٿي، ته جيئن توکي اتي لاڙڪاڻي ۾ ئي پهچي. پر خط نه هئڻ ڪري ائين ڪري نه سگهيس. ڪرسمس هتي تمام ڌام ڌوم سان ملهائين ٿا، مجلسون، محفلون، راڳ، ناچ، هر هنڌ موجود ڪاٽڻ پيئڻ جو دؤر، عيد ڪارڊن وانگر ڪرسمس ڪارڊ ۽ سوغاتن جي ڏي وٺ. رڳو برسٽل شهر ۾، جنهن جي اڌ ملين آدمشماري آهي. اٽڪل 1500 ملازم وڌيڪ پوسٽ آفيسن ۾ انهيءَ ڪري هفتو ڪن رکيا ويا. ماڻهن جي بي صبريءَ جو اهو ڪمال هو ته پوسٽ ۾ 25 سيڪڙو خط ۽ پارسل اهڙا هئا، جن تي ائڊريسون غلط هيون.

زندگيءَ جا واقعات، جن جي بنياد تي پنهنجن جن خيالن جو تو اظهار ڪيو آهي، واقعي دلچسپ آهن. مگر جڏهن زندگي خود انهن واقعات ۽ حادثن جو مرڪب هجي، ته پوءِ ماضيءَ کان سبق وٺبو ۽ مستقبل لاءِ همه تن انتظار ڪرڻ ۾ لطف آهي. باقي خلش جو احساس بجاءِ خود يادگيرين جو ڪفن بنجي دل جي مزار ۾ پل پيو رهي. ان تي ويهي آنسو ڪين وهائبا. حياتي خوشيءَ جو پيغام آهي. ان ڪي ڪوشش ڪري به ماتم خاني ٿيڻ کان بچائبو.

پيارا فتاح! صرف هڪ هفتي لاءِ هر ڪنهن سان پريت ڪري ڏس. محبت جي خيرات تي خرچ ڪونه ٿو ڪرڻو پوي. ڀلا جي ائين نه سهي ته ان جو ڊونگ ئي رچاءِ ته ڇا ٿو نتيجو نڪري. دنيا ۾ هر ڪنهن قسم جا انسان

نا عنوان ٺي مون لاءِ تصور ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿيندا.

ڏس پنهنجي حال احوال کان واقف نہ ڪيو اٿيئي. اڳتي جا ڪهڙا ارادا آهن؟ ڪيسين تائين آخر تون رڳو دادوءَ ۾ لاڙڪاڻي پيو ڦيريون ڏيندين.

ڪم لاءِ اڪبر کي بروقت لکيو هوم. هن جو تازو خط بہ آيو آهي.

عزيز محمد وريل کي گهڻا گهڻا سلام.

دوست معشوق عليءَ کي سلام. جي هڪڙي مهرباني ڪري سگهين بہ چار اردو غزل معشوق عليءَ کان نوان مون ڏانهن موڪلي ڏي.

وڌيڪ موڪلائي ڪانهي. تو لاءِ پيار.

تنهنجو

ع. ق. شيخ

(10)

2/2/1961

12 بجي رات

مٺڙا دوست! خوش هجين شال.

تنهنجو محبت نامو ٻن ٽن ڏينهن کان ور ور ڪري پيو پڙهان. تعجب حيرت، نفرت، حقارت ۽ محبت جا جذبا عجيب طرح سان هن هما همي ۾ رنگين دؤر ۾ دل ۽ دماغ تي اچ وڃ ڪري ڏيئي وٺي بيهي رهيا آهن، ۽ ٻه آءُ هن تنهائيءَ جي لمحن ۾ توسان چار چونڪ ڳالهين جا ڪرڻ چاهيان.

ديوان حافظ ڪوليو اٿم. چا لڳي برسٽل چا لڳي ديوان حافظ. مگر . اهو ديوان ڏنو آهي. ڪاش تون ڏسين سگهين ته هوش حواس ڦرائي ديوا تي وڃين. مگر آءُ هڪ ٻي حس ۽ عمر رسيده ان ڪي صحيفو سمجهي ڪڏهن ڪڏهن ورق گرداني ڪري پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪند آهيان. تازو ٻه چار ڏينهن ٿيندا ته هتي ڪنهن سوپاريون ڏنيم. اف ! سوپاريون... ڪيتريون وسريل يادگيريون... تري آيون... ڏيڻ واري خيران ويئي... مون ڳالهه پئي ڪئي ديوان حافظ جي، ڪوليو اٿم. ٻڌ چا پيو چوي:

بوی خوش تو ہر کہ ز باد صبا شنید
از یار آشنا سخن آشنا شنید
ای شاہ حسن چشم بحال گدا فکن
کہ این گوش بس حکایت شاہ و گدا شنید
ساقی بیا کہ عشق ندا میکند بلند
کہ آنکس کہ گفت قصہ ماہم زما شنید

وڏيڪ ڪجهه ڪونه ٿو لکان. ديوانا پنهنجي ديوانگيءَ ۾ شل

سرشار رهن. پنهنجي سمجهڻ کان ٻاهر مٿي آهي. ڪيئن نہ هجي! قسمت ڪڏهن اهڙو موقعو ئي ڪونہ ڏنو آهي. ڪجهہ احوال ڏنو اٿئي. باقي ٻڌڻ جي آرزو اٿم.

مون کي فخر آهي جو باوجود پنهنجي پريشانين جي مون جهڙي خشڪ مزاج کي نہ وسارڻ جي دعوي ڪئي اٿئي. مرحبا! شل خوش هجين.

منهنجو ڪو خاص احوال ڪونهي. دستور مطابق ڏينهن بلڪل تيزيءَ سان گذري رهيا آهن. نظارن جو ڇيهہ ئي ڪونهي. مگر اهو سارو عرصو هڪ رنگين، حسين ۽ جميل خواب آهي. جاڳندس اتي ئي اتي هوندس. پنهنجي سرزمين ۽ پنهنجي دوستن سان ملڻ لاءِ واجهايان پيو.

اڄوڪو ڏينهن بلڪل بور گذريو. ڪيڏي ڪيڏيءَ مهل تہ پاڻ کان نفرت ٿيندي اٿم. پاڻ کي ملامت ڪندو آهيان تہ هتي ڇو آيس؟ خبر ناهي ڇو؟

فوٽو روانو تہ ڪري وينس. شل توکي ملي. پر اهو اهڙو ڪونهي، جنهن جو هرون ڀرون توکي انتظار ڪرڻ گهرجي. پر ڏسان تنهنجون اکيون ڇا ڇا ٿيون ڏسن.

ڀلا ٻيا ڪهڙا حال آهن. موڪل تي ڪيترو عرصو هوندين؟ عزيز شاهہ مليو اٿئي يا نہ. ٻڌو اٿم تہ حيدرآباد ۾ موٽر رڪشائون وڃي رهيون آهن.

ها، ايڏانهن راڻي صاحبہ انگلنڊ جي آئي آهي. توکي پارٽ هجي. خبر ناهي اِتي توهان وٽ اچي رهي آهي يا نہ. گهر ٻاري ڏياري ڪئي هونداءُن.

چڱو هاڻي موڪلائي ڪانهي.

سڄيءَ حيدرآباد ۽ دوستن لاءِ پيار.

تنهنجو

ع. ق. شيخ

(11)

برسٽل
8/2/1961
8.PM

پيارا فتاح! خوش هجين شال.

تنهنجي خط جو واقعي انتظار رهيو پر تنهنجي خط جو انتظار سڪ پريو انتظار هو. پڪ هُيَم تہ جيئن خط توکي پهچندو تون جواب ضرور ڏيندين. تنهنجو ڪهڙو قصور، ڪيترن ئي دوستن وساري ڇڏيو آهي. شل خوش هجن. ”رنائي رهن، پر هجن حياتي.“ دوستن کي سڀڪجهہ مباح آهي، تنهنجي نوازش جو وساريو تہ ڪونہ اٿيئي.

”ڇا اوهين عنوانن کي پنهنجي خيالي دنيا ۾ سمائي سگهندا؟“ واري سوال جو ڪهڙو جواب ڏيان؟ واقعي منهنجي خيالي دنيا اهڙي وسعتن کان خالي آهي. مگر هن بيوس دل کي ڪير سمجهائي، لاچار قلم لکي ويٺو. محبت جي حجت هئي. گستاخيءَ لاءِ معافي طلب آهيان.

باقي سوال رهيو حقارت جو پيارا! ايتري قدر سنگدلي تہ آءٌ سکيو ناهيان. تنهنجي يعني منهنجي وطن جي خاڪ بہ مون لاءِ اڪسير آهي. منهنجي زندگي هتي هڪ بانديءَ جي آهي، قيديءَ مثل آهي. جڏهن ڇوڪرو ملندو تڏهن منهنجو جسم اتي ڏسندين. باقي رهيو روح، سو تہ هينئر بہ ايڏانهن ۽ اِتي روزانو پتڪڻ ايندو آهي. تو ڪو ڏٺو! نہ، تہ چڱو اکيون پوري ڏس. منهنجو ضعيف ۽ نحيف چهرو توکي ضرور ڏسڻ ۾ ايندو. ڇا چيئي، ڪجهہ ڪونہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي! هائو برابر توکي ڪجهہ ڪين نظر ايندو. هيءَ ۽ اِهو تصوراتي فريب صرف منهنجي ئي نگاهن ۾ سمايل آهي. سڀ ڪنهن جي پنهنجي ڪائنات آهي. تون تہ انهيءَ نعمت کان زياده مالا مال آهين ۽ آءٌ تنهنجي پيٽ ۾ صرف هڪڙو پينو فقير گداگر. نصيب نصيب جو ڦير آهي، ڪي ذري تي راضي ۽ ڪي سون ۽ مين جا سوداگر!

مدو ٿي ويندو. هڪ ٻزائين هٿ ۾ آهي. هالن جي جنبيءَ واري ٻزائين ڦير ڦار سار ڪپڙي تي آٽڻ جو ارادو اٿم. مس روما هٿ جوڙيا بہ صبح سان اتي پهچندي. مور بہ نمستي ڪئي. ايجنتا جي اپسرا آهي. پوءِ تون ضرور پڇندين هوءَ ڪير آهي؛ هوءَ هڪ پنهنجي ئي سرزمين بنگال جي دوشيزه آهي. يارهين بجي چانهن جو وقفو ٿيو. مسٽر چارلس ٽرينيڊاڊ جو دوست آءٌ ۽ روما گڏجي ”ڪافي“ پيتيسين. چارلس پنهنجي ملڪ جو هڪ گرئموفون رڪارڊر آندو هو سو ڪاليج جي ئي بجليءَ جي رڪارڊ تي لئبريريءَ جي روم تي چاڙهيوسين. روما چيو دروازو بند ڪري ڇڏ. رڪارڊ پئي وڳو. روما جي واسينگ وانگوڙي ۾ چانديءَ جا ننڍڙا گهنگهرو ٽڙڪڻ لڳا. چارلس جو سڄو بت لوڏا کائي رهيو هو ۽ آءٌ آهستي آهستي پيرن سان زمين کي ٺپڪيون ڏئي رهيو هوس. ڪافي ختم ٿي وئي. سگريٽ سڙي ويا. خبر ناهي رسيس ڪيڏيءَ مهل پوري ٿي وئي.

ٻزائين جي ڪچي خاڪي کي پوري ڪرڻ کي لڳي ويس. روما اسان واري ڪمري ۾ ٻہ ٽي دفعا آئي. استاد بہ ٻہ ٽي دفعا آيو. ٻزائين پوري ڪانہ ٿي. چار لڳي ويا. آءٌ اٿي ڪڙو ٿيس. چارلس ۽ روما وري رڪارڊن وڄائڻ جي تياري ڪري رهيا هئا. مون کي جهليائون. پر آءٌ هليو آيس. گهر اچي چانهن پيتي. لائونج ۾ ٿورو وقت اخبارون ڏٺيم. راڻي صاحبہ سوات رياست ۾ پهچي وئي آهي. 6½ بجي ماني رات جي کاڌيم. مسٽر گمبي نائجيريا جو دوست آيو ڇي تيار ٿي ”بار“ ڏانهن هليو. اتان ڏهين بجي موٽنداسين. ٻاهر مينهن ۽ برفاني طوفان هُوها ڪري رهيو آهي. ڇڱو الوداع.

تنهنجو
ع. ق. شيخ

پيون انهن جون جايون اچيو والارين ۾ ائين ئي زندگيءَ جو چراغ روشنيءَ جي سهاري پرندو رهندو ۽ جلندو رهندو.

هن خط ۾ نه، پر اڳئين خط ۾، تو ڪن ڳالهين تي لکڻ ٿي چاهيو. پر نه لکيئي. آءٌ چاهيان ٿو ته تون بيڌڙڪ جيڪي چاهين سو لکي موڪل. مون کي نه ته ارمان ٿيندو. ڏس آءٌ انتظار ڪندس.

هينئر ذري گهٽ رات جا ٻارنهن لڳي رهيا آهن. گهر جا ٽيهه ڀاتي بسترن تي ليٽي چڪا آهن. چپ چپات آهي چوڌاري. ٻاهر سرد طوفان لامارا ڏيئي رهيو آهي. آءٌ ٿورو وقت ٿيندو ته هڪ اطالوي سازينڌڙ جا دلسوز نغما ٻڌي آيو آهيان. هن فنڪار جو نالو آهي ذرا ڏڳهو Axnunzo Paolo Mantovani سندس ٽوليءَ ۾ 45 فنڪار هئا. هزارن جي پبلڪ هئي. سندس سازن جو سوز ٻڌڻ لاءِ هڪ ٽرنيڊاڊ جو دوست ٽڪيٽ وٺي آيو. گڏ هئاسون. تو وٽ ته هينئر رات جا 4:30 لڳا هوندا ۽ تون بي خبر ستو پيو هوندين. بي خبر ته تو سان ڪو روح رهاڻ به ڪري رهيو آهي.

دوست واقعي شايد توکي نوڪري ڪرڻ جو خيال نه آهي. جنهن کي ضرورت هوندي آهي، اهوئي ڪوشش ڪندو آهي. هن خود غرض زماني ۾ نه ته ڪير ڪنهن جي همدردي ٿوري ٿو ڪري. بهتر ته ائين آهي ته توکي درخواست نه پر درخواستون هڪبئي پٺيان رجسٽر ڪري روانيون ڪرڻ گهرجن.

تنهنجا چند عنوان پهتا تنهنجي تصويرن متعلق. نهايت وٽيمر. "الله ڪري زور قلم اور زياده" ڪو اردو غزل، ڪا سنڌي ڪافي ته لکي موڪل، ڏاڍو ٿو اُنهن لاءِ سڪان. آءٌ آگسٽ جي ٻئي هفتي ۾ گهٽو ڪري پهچي ويندس. اجڪلهه هيٺيون شعر ورد زبان آهي:

*پاکر بھی تمہیں ہم پا نہ سکے، بہت مجبور تھے*
*غم اپنا تم کو سنا نہ سکے، بہت مجبور تھے۔*

چڱوا هاڻي موڪلائي ڪانهي. تنهنجي دوست رضوان لاءِ سڪ ڀريا سلام ۽ تو لاءِ پيار.

تنهنجو
ع. ق. شيخ

(13)

برسٽل
31/3/1961
6.PM

عزيز فتاح! خوش هجين شال.

تنهنجو ۽ عاشق وارو عيد مبارڪ جو خط، انهيءَ سان گڏ مختصر خط، اردوءَ وارو شعر ۽ تنهن کان پوءِ هڪ وڏي همدرديءَ وارو محبت نامو. سڀ مليا اٿم. نهايت مشڪور آهيان ۽ تمام ٿورائتو آهيان.

فتاح تو جا هتي جي ماحول جي لفظي نقاشي ويهي ڪئي آهي، سا ڪنهن حد تائين صحيح به آهي. پر بهشت جنهن جو تصور اسان جي ۽ ٻين جي ذهن ۾ آهي، سو رڳو پاڻ کي تسڪين ڏيڻ جي برابر آهي. حقيقت ۾ اهو رڳو خيالي ۽ مصنوعي نڪسات آهي، جنهن جي تصور سان اسين پاڻ کي وندرايون ٿا. ڀلا تون ئي سچ، پوءِ ان بيتاب دل جي تمنا جيڪا بهشت ۾ رهندي، تشنه ۽ پياسيءَ جي پياسي رهي ته اداسي ۽ بيقراري پوءِ ڪيئن نه ٿيندي. ٻي ڳالهه به آهي ته بهشت ۾ رهندي رهندي جيڪڏهن ڪنهن کي دوزخ ۾ ڪيرايو وڃي ته ان جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟

جيئن زماني جو لحظو لحظو اسان جي اکين اڳيان کسڪندو هليو وڃي، تيئن منهنجي اداسائيءَ وارو زمانو به گذري ويو. جذبات کي چٽي حقيقت جو جائزو ورتم. عقل ٿورڙي رهبري ڪئي. آءٌ وري اهڙي جو اهڙو نؤد. سيڪجهه وساري ڇڏيم. تنهنجي خط وري اها ياد تازي ڪئي. پر هن يادگيريءَ ۽ گذريل ارمانن ۾ ڪيڏو نه فرق آهي. زخم جيڪو ڇٽي وڃي، وري جيڪڏهن اٿلي پوي ته؟ مٺو مٺو درد ۽ دردن جو سوز. انسان الائجي پاڻ کي راضي رکڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا نه بهانا ٿو تراشي. عجيب احمقُ، ۽ جڏهن هو محبت جي دام ۾ ڦاسي ٿو پوي ته سچي پچي وڏو احمق ٿيو پوي.

سمجهان ٿو ته توکي اها پڇاڙيءَ واري ڳالهه ڪين وڻي هوندي. آءٌ ته ائين

ئي ٿو سمجهان. تو دادوءَ ۾ اچڻ کان اڳ حسرتن جو ٻڌايو آهي. تو حسرتن کي ٻاهر ڪيي اچلائڻ جو ذڪر ڪيو آهي. دعوي تہ وڏي بهادريءَ جي ڪئي اٿيئي. پر هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نٿي اچيم. تہ انهيءَ هوندي بہ زندگيءَ جو مسئلو تو لاءِ ڇو پيچيده ٿي رهيو آهي. صحرا نوردي، پرخار رستو همدم ۽ همسفر جي موهوم آرزو همدرديءَ جا بہ چار لفظ۔۔ آخر اها حسرت نہ آهي تہ وري ڇا آهي.

مر کے چھوڑیں گے، تیری دام محبت کے اسیر،
کہ یہ وہ قید ہے، جس کی کوئی معیاد نہیں۔

---

نہ نہ...... مکتب عشق کا دستور نرالا ہے،
اس کو چھٹی نہ ملی، جس کو سبق یاد رہا۔

---

اجا بہ نہ نہ... کہدو یہ کوہکن سے کہ مرنا نہیں کمال،
مر مر کے ہجرِ یار میں جینا کمال ہے۔

خير اهي شاعرانہ ڳالهيون آهن. پيارا! تو مون کان ڪجهہ پڇيو آهي. گونگن جا اشارا گونگائي سمجهندا. مون تہ جيتري قدر مون کي ياد آهي، اها ڳالهہ صاف پر مختصر لکي هئي. منهنجو عقيدو ڪو ڍڪڻ ۾ لڪائڻ جو تہ آهي ئي ڪونہ. قصو بہ مختصر هو تہ ڳالهہ بہ مختصر هئي. ابتدا بہ مختصر تہ انتها بہ مختصر. هڪ فوٽو يادگيريءَ طور اٿم. ڇوين تہ توکي ڏياري موڪليان. وڌيڪ سچ پچ تہ ڪجهہ بہ ڪينهي. حجت ۽ گستاخيءَ جا گمان ڪيي ڇڏ. آخر توکي پنهنجو سمجهي تہ لکيم.

اسان جي ڪاليج کي ايسٽر جي موڪل آهي. هتي جي رنگين ڪائنات جو هڪڙو حصو جڻ آهي ئي ڪونہ. آءٌ اڄ ڏينهن جو 4 بجي توسان مخاطب ٿي رهيو آهيان. پنهنجو بهترين سوٽ پاتل اٿم. تازو چانهن تي هڪ دوست چيو ”شيخ! ڪنهن جي واعدي تي ويجي رهيو آهين ڇا؟“ تون ڇا ٿو

سمجهين؟ مون ڪانئس پڇيو: هن جواب ڏنو ”تنهنجي چهري جي خوشي ۽ تنهنجا ڪپڙا اهي اهوئي ظاهر ٿا ڪن.“ مون ڪلنلي چيو: ”ٺيڪ ٿو چوين..... مگر ٻاهر نڪرڻ کان اڳ ۾ توسان ڪجهه روح رهاڻ ڪرڻ ٿو چاهيان!“

آءٌ تازو ٻاهر ”ڪارڊف“ ويو هوس. اهو شهر ويلس جي گاديءَ جو هنڌ آهي. مون سان گڏ چار ڄڻا ٻيا ٻه هئا ٻه چوڪريون ۽ ٻه نوجوان. مسافري، سفر، گهمڻ ڦرڻ، ڏسڻ وائسڻ، ڪافي دلچسپ رهيو. هن شهر جا ماڻهو ”ويلش“ انگريزن کان وڌيڪ قربائتا آهن. ڪارڊف آرٽ ڪاليج، هاورڊ رابرٽ آرٽ گئلري، نئشنل آرٽ گئلري، ميوزم، گينسبرو جي نمائش، ڪارڊف جو قلعو لئنڊلاف ديول ۽ عوامي ميوزم ڏٺاسين.

وري ڪئمبرج وڃڻ جو ارادو آهي. تون پنهنجو احوال ڏي. واعدي ڪيل ۽ اڇلائي ڇڏيل مسئلن جا جواب جن جا هر ڪنهن خط ۾ دلاسا پيو ڏين، اهي ڪڏهن ملندا؟

تو هڪ نئين آرٽسٽ جو نالو ورتو آهي. جميل. جميل جو نالو جهڙو پنهنجو پيو لڳيم. اهو ساڳيو دوست ته نه..... جيڪو..... جنهن جي..... پڪ اٿم تون ڪين ٻڌائيندين. نه ٻڌاءِ. زور جي ميندي ٿوري لڳندي.

هتي هڪ وڏي تحريڪ جي ابتدا ٿي رهي آهي. جنهن جي وسيلي هتي جا شاگرد ۽ استاد، ٻين ملڪن جي شاگردن سان ناتا قائم ڪندا، خط لکڻ، تصويرون مٽائڻ، هڪٻئي جي قريب اچڻ. ممڪن آهي ته نيٺ اهي ٽوليون مستقبل قريب ۾ هڪٻئي جي ملڪن ۾ وينديون.

استاد محمد وريل جي مرضي هجي ته آءٌ هت سندس نالو ڏيان. پوءِ پاڻهي سڄي سگهي ڪي پئي سوريندي.

چڱو فتاح! هاڻي موڪلاڻي ڪانهي. استاد محمد وريل، عاشق ۽ جميل کي گهڻا گهڻا سلام ۽ جهجهو جهجهو پيار.

سيف واري شعرن لاءِ عاشق جو شڪريو. ٻيا ڪڏهن ملندا؟

تنهنجو

عبدل

(14)

برسٽل
13/4/1961
11.PM

منڻا ۽ پيارا فتاح!

پورا اٺ ڏينهن برسٽل کان ٻاهر هوس. هينئر موڪلون آهن ايسٽر جون. ٻه هفتا گذري ويا آهن. باقي اجا ڏهه ڏينهن آهن. آءٌ اڄ موٽيو آهيان. پنهنجي ايڊريس ڪونه ڇڏي ويو هوس. اهوئي سبب آهي، جو جواب ڪجهه دير سان ڏيئي رهيو آهيان.

عجيب اتفاق آهي مون سان به ڪجهه اهڙي روئداد تي گذري آهي. تون ضرور پڇندين ڪهڙي؟ بس اهائي ساڳي، جهڙي توسان تي گذري. معاف ڪجا آءٌ ان کي احمقپائي سڏي چڪو آهيان ۽ اڄان به ان کي ائين ئي سمجهان ٿو. تون جڏهن پنهنجي دل جو احوال اوري چڪو آهين، تڏهن آءٌ وري توکان ڇا لڪايان؟ ڇڱو ويجهو تي ته توکي پڌڻ ۾ سولائي ٿئي.

آءٌ انگلينڊ جي اولهه ۾ رهان ٿو پر گهمڻ اوپر طرف ٻئي ڇيڙي تي ويو هوس. بس ڪوچ جي سواري، پورا ست ڪلاڪ سفر، انگلنڊ جي ٻهراڙي ڏسڻ جو موقعو مليو. جابلو ملڪ پر هينئر بهار آهي. ڪوبه زمين جو ٽڪرو خالي ڪونه هو. ساوڪ ئي ساوڪ ڪئمبرج جو شهر، ڪاليجن جو شهر آهي. ڪيم نديءَ جي ڪناري تي ٻنهي ڪنارن تي گويا ڪنهن ساوا مخملي غاليچا وڇائي ڇڏيا آهن. رنگ برنگي وڻ، جن ۾ ڳاڙها، گلابي ۽ اڇن گلن جا صوفن جا وڻ، چيري ۽ جئپانيڪا ۽ ٻيا weeping willows جا جهڪندڙ نديءَ تي پاڇولا، Daffodils and Tulips جا بيشمار گل، نديءَ ۾ ننڍڙين ٻيڙين جا ٽولا. بدڪن ۽ آڙين جا ترندڙ ولر ۽ موسم خوشگوار.

اتي اهڙي ماحول ۾ گهمندي ڦرندي، ڪاليجَ، يونيورسٽيءَ، لئبريريءَ، ميوزم، آرٽ گئلريءَ کي ڏسندي، پنج ڏينهن گذريا هئا ته جيئن هڪ ڪلب ڏانهن ويجي رهيو هوس ته هڪ ڇوڪري لنگهي وئي. مگر خبر ناهي، ڇو آءٌ ان ڏانهن ايسين

تائين نهاريندو رهيس، جيسين هوءَ منهنجي نظرن کان غائب ٿي ويئي. ڇوڪريون— هتي هڪبئي کان وڌيڪ ۽ گهٽيئي آهن. ڪن ساٿين جو انتظار ڪندي ڪلب ۾ پهتس ۽ ويٺس ته هوءَ پرسان بنهه ويجهو موجود هئي. ڳالهيون شروع ڪيون سين، بي تڪيون. ڪجهه پيتوسين. هوءَ به مون وانگر اجنبي هئي. ٻه ٽي ڪلاڪ اک ڇنڀ ۾ گذري ويا. عجب ته اهو آهي جو هن سان گڏجي سندس گهر تائين ڪيس پهچائڻ ويس ۽ خبر ناهي ڇو ۽ ڪيئن ائين چئي ويٺس، ”اي اٽليءَ جي حسينا! تنهنجو نالو ڪهڙو نه پيارو آهي 'ازابيلا'. ازابيلا اسپين جي راڻي هئي ۽ تون راڻي نه پر اڄ رات منهنجي خوابن جي ديوي ٿي رهي آهين. توکي هميشه هميشه ياد ڪندو رهندس.“— هن شوخيءَ ۽ شرارت جي نظرن سان گهوري، ٿورو مشڪيو ۽ ڪنڌ ڦيرائي چيو: ”فريبي— مڪار تون هر ڪنهن حسين ڇوڪريءَ کي ائين ئي ساڳين اکرن سان پنڀلائيندو هوندين.“

آءُ حيران ٿي ويس. دل ئي دل ۾ پڇتائڻ لڳس. هوءَ مون کي عجيب نگاهن سان تڪي ۽ توري رهي هئي. منهنجو ڪنڌ شرم کان هيٺ جهڪي ويو. مون پنهنجي پيرن ڏانهن نهاريندي چيو ”ازابيلا! تون ڇا به سمجهين. اها حقيقت آهي.“

بس انهيءَ کان وڌيڪ آءُ ڪجهه ڪڇي نه سگهيس. زبان تي ڄڻ تالو لڳي ويو هو ۽ دل ڌڙڪي رهي هئي. ڪي گهڙيون انهيءَ طلسم ۾ گذري ويون. گهر يعني رهڻ واريءَ جاءِ تي موٽي آيس. ڪپڙا به ڪين مٽايم. بتي وسائي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. هن جو چهرو، هن جون اکيون، هن جا وار، هن جو مٺو مٺو آواز ۽ مختصر ملاقات ۽ الائجي ڇا جو ڇا— هرهڪ واري وٽيءَ تي ياد ڪندو رهيس. هوش آيم ته ميز واري بتي ٻاري وقت ڏٺم. رات کسڪي چڪي هئي- ظالم رات، ۽ صبح ٿي رهيو هو. پٺ تي ٽنگيل آرسيءَ ۾ پنهنجو چهرو ڏٺم ۽ چيم، ”احمق، بيوقوف، نالائق، هاڻي سمهي رهه ۽ سڀڪجهه خواب سمجهي وساري ڇڏ.“

هن جي ائڊريس، سندس نازڪ هٿن سان لکيل آهي، مون وٽ موجود آهي. هن مون کان خط لکڻ جو واعدو به ورتو هو پر مون هن حقيقت کي واقعي هڪ خواب سمجهي وساري ڇڏيو آهي..... ڪيئن، اها به

احمقپائي آهي يا نه؟ ٻئي ڏينهن هڪ ساٿيءَ Miss Hew ملايا جي حسينه چيو "رات واري ڇوڪري ڏاڍي حسين هئي."

"ڪهڙي ڇوڪري؟" مون ڪائنس پڇيو.

"ازابيلا!" هن جواب ڏنو. مون کيس مشڪندي چيو: "هائو مس ملايا... پر توکان گهٽ."

هن شرمائيندي پڇيو پنج ڏينهن گذري چڪا آهن. پاڻ گڏ به آهيون، تو نه مون سان پنج منٽ به ڪين ڳالهايا آهن. مون وري شرارت مان کيس چيو: "محترمه تو مون کي اهڙو وجهه ڏنو به ڪٿي آهي. اڄ ئي نه منهنجي پرسان ويٺي آهين."

هتي اڄ شام جو جئميڪا جي Miss Cormen مون کان پڇيو خبر ڏي. هن ڪو تو ڏانهن خط به لکيو آهي؟

"ڪنهن"؟ هن چيو: "ڪنهن وري ڪنهن؟ تنهنجي ڊئفنيءَ، تنهنجي ڊئفنيءَ هوءَ جرمنيءَ ڏانهن ويئي آهي نه تنهنجي دل گهري." مون کيس مختصر جواب ڏنو: "آءٌ نه ڪيس ائين ڪونه ٿو سمجهان جيئن تون ٿي سمجهين...."

فتاح! هيءُ خط محض بڪواس آهي. محبت واقعي ڪرڻ جي لائق آهي. پر تو ڪڏهن محبت جي انتها تي به سوچيو آهي. منهنجو نقطئه نگاهه هن مختصر روئداد مان واضح نه ڪري سگهيو هجين ته نه ڪر آءٌ هرهڪ فرد سان محبت ڪرڻ جو آرزومند آهيان. مگر ڪنهن انتهائي مقصد کان سواءِ. ڪنهن مطلب کان سواءِ.

وڏيڪ ڇا لکان! ٻئي دفعي لکندس. نمائش جون ۽ ميلي جون مبارڪون. انعام پئسن سان نه ڪٽبو آهي. توکي انعام کان وڌيڪ ٻيو جيڪي مليو آهي، سو ڇا گهٽ آهي. مگر "اديءَ جن کي ڪن نه جن، ادي جن کي عشق ڪٽي انڌو ڪيو آهي." معاف ڪج، اها ڪهڙي دانائي آهي؟

تنهنجو

ع. ق. شيخ

(15)

برسٽل
20/5/1961

پنج بجي شام

هونءَ ته تنهنجي اڪثر خطن ۾ نڪتل لڪيرن کي ڏسي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. ڪجهه پلئه پوندو اٿم، پر تنهنجو تازو خط، جو طويل مدت کان پوءِ نصيب ٿيو اٿم، تنهن مان خبر نه آهي ڇو ڪجهه به ڪين حاصل ڪري سگهيو آهيان. شاهه صاحب جي لفظن ۾:

"ڪا مونهين ۾ گهٽ، نه ته سڄڻ سڀاجهو گهٽو."

شڪر آهي جو ازابيلا جي واقعي توکي ڪجهه لکڻ جو موضوع ميسر ڪري ڏنو آهي. انهيءَ کان اڳ جو آءٌ ڪجهه لکان، آءٌ توکي وري ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اهو واقعو منهنجي زندگيءَ جو نهايت حسين هو ۽ هميشه حسين ترين رهندو. تازو هڻ جو هڪ خط پڙ مليو. هوءَ عنقريب هڪ يا ٻن راتين لاءِ هتي ايندي.

دوست تنهنجي عورت ذات لاءِ هيتري همدردي واقعي پرستش جي قابل آهي. ڪهڙو ڪافر انهيءَ کان انڪار ڪري سگهندو. مگر انهيءَ سڄي طلسم پٺيان صرف هڪ ئي قوت جا ڪارفرما آهي، اها آهي جنسيت. مصور، سنگيتڪار ۽ شاعر جي رواجي ٻين انسانن کان وڌيڪ احساسمند آهن. تن کي چوٽيءَ تي پهچائڻ ۾ به جنسيت جو وڏو هٿ آهي. هيءَ دنيا، هن ۾ جيڪڏهن رڳو هڪڙي ئي جنس رهي ها ته هوند قدرت جون سڀئي رنگينيون بيڪار ٿي پون ها. عورت ۽ مرد، مرد ۽ عورت ٻئي لازم ملزوم جنسون آهن. جي هڪٻئي کان ڇني ڌار ڪري نٿيون سگهجن. مرد هميشه مطلبي ۽ مڪار رهيو آهي، ڇو جو سماج ان کي اهڙا اختيار ڏيئي ڇڏيا آهن. مگر مغربي عورت اها عورت مشرق واري ناهي جا خود چو ديواريءَ اندر قيد و بند ۾ جڪڙيل آهي. آءٌ ان کي آزاد ڏسڻ ٿو چاهيان. ڇو؟ بس ته، مک وانگر ڦري هر هنڌ غلاضت ۽

(16)

برسٽل
25 مئي 1961ع

اڄ عيد جو ڏينهن آهي. رات 11 بڄي کان پوءِ سٽڙ ڏوئي سڪا وڌي هيم، جا پهرين اٺڙ سان استري ڪيم. نيرن ڪري اسٽيشن ڏا 9-30PM بجي تيار ٿي نڪتس. هڪ منٽ جي دير ٿي، جو بس اکين اڳيا پاڪستاني دوست کي ڏهين بجي اسٽين تي ملي وٺي اچڻو هو جو دعوت ڏني هئم. بهرحال ٻيءَ بس لاءِ ٻئي اسٽاپ ڏانهن وڌي رهيو هوس سامهون هو حضرت مليو ڇو تہ هُو پوري وقت کان اڳ ۾ ئي پهچي ويو هو شڪر ٿيو نہ تہ هن کي ءِ مون کي انتظار ڪرڻو پوي ها. ڪيس وٺي آيس ڪجهہ ترسي ڪارائي پياري، عيد نماز ادا ڪرڻ وياسين. 150 جي قريب پاڻ مٿي مسلمان هئا. 12.30 بجي نماز خطبو ءِ اسلامڪ ائسوسئيشن چونڊون ختم ٿيون. هتي هڪ لاهور جي صمد صاحب سان ملاقات ٿي هن جو لنڊن ۾ غاليچن جو دڪان آهي. ائڊريس ڏنائين.

عيد نماز کان پوءِ ڪوهنور انڊين (ايسٽ پاڪستانيءَ) ريسٽوران تي ماني کائڻ وياسين. عجب اهو هو جو هيءُ دوست آ پاڪستاني، پر ڪوهنور انڊين ريسٽورانٽ جو نالو. پڇڻ ءِ سمجهائڻ چيائين تہ "پاڪستاني" اکر ڪري اهو ڌنڌو نہ ٿي سگهندو.

وري سسپينشن برج تي وياسين. اتان موٽي وري تابنده اختر دعوت تي چانهن پيئڻ وياسين. پٽاٽي چاپ ڪيڪ، پيسٽري کاڌيسين.

ع.ق.

(17)

برسٽل
3/6/1961

رات جا يارهن

عزيز فتاح! خوش هجين شال.

هڪڙي اردو شاعر جو شعر آهي:

چھیڑ کر ان کو سنتیں ہیں گالیاں،
ورنہ سر پھرا ہے کسی کا۔

سو تو ڏانهن خط لکندي ڪيترائي موضوع توکي ميسر ڪري ڏيندو آهيان. انهيءَ آسري تي تہ توسان خط و ڪتاب جو ناتو ڪٽي ائين اڌورو رهجي ڪنجي نہ وڃي. اجهو هينئر تو ڏانهن لکڻ کان اڳ ۾ ديوان حافظ کوليو اٿم. برسٽل ۾ ديوان حافظ؟ هائو ديوان حافظ ايران جي هڪ نازنين کان مليو اٿم. ڇا پيو چوي حافظ

نفس باد صبا مشک فشان خواهد شد
عالَم پير دگر بار جوان خواهد شد.

اهو شعر منهنجي دل جي پوري ۾ عين بين ترجماني ڪري رهيو آهي دوستہ عورت انسان جي زندگيءَ جو اهم جزو ٿي رهيو آهي. ڪھڙي ڪافر کي انڪار آهي. مگر جنسيت جو جيسين تائين تعلق آهي. اها حقيقت مسلم آهي. منهنجي ڪا توسان ۾ تنهنجي شخصيت سان شڪايت نہ آهي نہ ڪو شڪوه. اها تہ هڪ عام ۾ اصولي ڳالھ آهي، جنهن ڏانهن مون اشارو ڪيو هو جا توکي ناگوار گذري ۾ تو پاڻ ڏانهن منسوب ڪئي آهي. هرون پرون!

هر ڪنهن شيءِ جا روشن ۾ تاريڪ پهلو آهن. عورت بہ هڪ جزو آهي، جنهن ۾ خاميون بہ آهن تہ خوبيون بہ آهن. حسن آخر رڳو عورت ۾ مرڪوز ڪونهي. اهو هر هنڌ ۾ هر شيءِ ۾ جلوه گر آهي. پوءِ اسين عورت جي ايتري جا پرستش ڪيون ٿا. تنهن جو ڪو تہ سبب هوندو؟ تون ئي ٻڌاءِ ڇو؟

هر دفعي ۽ هر خط ۾ تو آئينده لکڻ جو اقرار ڪيو آهي ۽ ڪيترائي نقطا ائين ئي خيال آرائيءَ کان پاسيرو رهجي ويا آهن. خير اها ئي غنيمت آهي، جو هيترو دور دراز تنهنجا، تنهنجي هٿن سان لکيل خط تہ ملي رهيا آهن. مهرباني. شڪريو نوازش.

پيارا فتاح! هتي زندگيءَ جو آب داڻو عنقريب ختم ٿيڻ تي آهي. جولاءِ جي ٽئين هفتي ڌاري ايڏانهن پنهنجي پياري وطن ڏانهن اچڻ وارو آهيان. مصروفيت جيئن پوءِ بي انتها آهي. بيو تہ ٺهيو خط لکڻ جو بہ مشڪل سان وقت پيو ملي.

دوست تو روحاني ۽ جسماني غم جو ذڪر ڪيو آهي. غم ۽ خوشي تہ دنيا جون لازم ملزوم شيون آهن. قسمت وارا اهي آهن، جي هر حالت ۾ خوش آهن. مگر اها قسمت اسان جي پنهنجي وس بہ آهي. سو ڪيئن؟ تون ضرور پڇندين. دوست خوشي دل ۾ صحيح جائزي جي حقيقت سان وابستہ آهي. هر حالت ۾ قانع ۽ پاڻ ۾ پروسو ۽ اڳتي وڌڻ جي آرزو ئي اسان کي بلنديءَ تي پهچائي سگهي ٿي.

منهنجي تہ اها دعا آهي تہ شل هميشہ خوش هجين.

استاد محمد وريل جو ڪهڙو حال آهي؟ محمد عيسيٰ ڪو توکي خط پٽ لکندو آهي يا نہ. ہي ڪا خاص ڳالهہ هجي تہ ضرور ٻڌاءِ. تنهنجي خطن ۾ هڪ عجيب سرور هوندو آهي. هتي زندگيءَ ۾ هر مرحلي تي حادثا ئي حادثا. افسوس رڳو اهو آهي، جو اهو خواب جلدي ۽ بلڪل جلدي پورو پيو ٿئي.

ٻڌو هٿم تہ اتي جي ڊرائنگ ٽيچر محمد رمضان کي هيڏانهن اچڻ لاءِ انٽرويو تي گهرايو هئائون، پر ڪيس ڪونہ چونڊيائون. خبر ناهي اهو ڪيتري قدر سچ آهي. هن سال سنڌ مان ڪوبہ هيڏانهن آرٽ جي واسطي ڪونہ اچي رهيو آهي. البت پنجاب ۽ بنگال مان ٽي ڄڻا ۽ هڪ ڇوڪري ٽئين سال ۾ اچي رهيا آهن.

ڇڱو دوست رضوان کي گهڻو گهڻو پيار. عيد مبارڪ جي وڏي مهرباني ۽ رنگين تصوير بلڪل خوبصورت آهي.

تنهنجو
عبدل

(18)

برسٽل
23/6/1961

تازو توکي لکي چڪو آهيان. تو وٽان جواب مليم. تنهن کان اڳواٽ ئي خبر ناهي، ڇو ايترو اڄ توکي ساريو اٿم. جو توسان مخاطب ٿيڻ جي حسرت کي روڪي نٿو سگهان. تون ياد ڪرين يا وساري ڇڏين يا لکين، نہ لکين، اهڙو حساب ڪتاب ۾ ليکو چوکو نہ هجي تہ چڱو.

پهرين تہ اهو ٻڌاءِ، تون ڪيئن آهين؟ زندگيءَ جو الم ڪهڙيءَ ڪڙيءَ تي آهي؟ خوش تہ آهين؟ پلا ڪا ڪاوڙ آهي ڇا؟ آخر ڪوتہ سبب هوندو؟ ڪالهہ تنهنجا مڙيئي خط گڏ ڪري نمبر وار نظر مان ڪڍيم. ڇا ڪريان، پاڻ کان ڏاڍن سان ارهہ زورائي ڪيسين تائين ڪم ڏيندي.

هفتي کن کان هتي موسم نهايت خوشگوار آهي. سج چمڪندو رهي ٿو ۽ آسمان نيرو آهي. فضا ۾ گرمائش، گلاب جي گلن جي مهڪار ۾ پکين جي لات آهي. حسن بي پرواهہ ۾ عشق ارزان. جنت جو فريب جابجا، پوءِ هوش، عقل، دل ۽ دماغ تي ڪهڙو اختيار.....

ايندڙ مهيني جي 23 تاريخ آءٌ ڪراچيءَ يا حيدرآباد ۾ هوندس. هيترا سارا مهينا گذري ويا، هاڻي ڪن چند ڏينهن جو هن سرزمين ۾ مهمان آهيان. اهو احساس ٿيندي ئي.... خبر ناهي ڇا ٿيو وڃي. پانيان تہ..... مگر مسافر.... ضرور موٽندو.

اسان جو امتحان تہ پورو ٿي چڪو آهي. مگر ڪم جي اُهائي رفتار قائم آهي. اُها هڻ وٺ آخري ڏينهن تائين رهندي. 12 تاريخ جولاءِ جي لنڊن ۾ گارڊن پارٽي آهي. معزز ماڻهن مان هڪ شهزادي اليگزينڊرا هوندي. 13 جولاءِ هتي ڪاليج ۾ پارٽي آهي. 14 جولاءِ هتي برسٽل ۾ آخري ڏينهن هوندو.

25 تاريخ کان اسان جي ڪاليج جي ساليانی نمائش ٿيندي، جا هفتو کن هلندي. ڪاليج جا مختلف حصا انهيءَ ۾ زور شور سان تياريون ڪري رهيا آهن.

ھن ٽن هفتن کان هتي جا مختلف ڪاليج، ادارا ۽ يونيورسٽيون، هڪ ٽي بند ٿي رهيا آهن. جنهن گهر ۾ رهان پيو تنهن مان ڪيترائي دوست پنهنجي پنهنجي وطن ڏانهن موٽي ويا آهن ۽ اهي جن سان ڪجهه عرصو ڪل خوشيءَ ۾ گذريو هو اهي هميش هميشه لاءِ جسماني طور جدا ٿي چڪا آهن. طبيعت اداس آهي ۽ وطن جي دوستن به بنهه وساري ڇڏيو آهي. مگر انسان پٿر کان به وڌيڪ سخت جان آهي.

ھن چئن ڏينهن کان هيٺان شعر زبان تي آهن. تون انهن ۾ حصيدار ٿي:

خیال منگشی مجھ کو، نہ ہوش عاشقی مجھ کو،
یہ کن راہوں سے یا ربّ، لے چلی ہے زندگی مجھ کو۔

---

تیرے کرم کی بھیک لے، ایسا حقیر غم نہیں
جا او ستم شعار جا، آرزوں کرم نہیں
آہ میں گرمیاں نہیں، دیدۂ شوق نم نہیں
اک دلِ غم پرست کو، آج کسی کا غم نہیں۔

---

دلِ ناشاد! یہ پھر عرضِ وفا کی خواہش
تیری باتوں کو نہ مانے گا، نہ مانے گا کوئی۔

فتاح! شل خوش هجين. وڌيڪ ڇا لکان. لکڻ جون ڳالهيون ته ڪيتريون ئي آهن. پر جيڪو ھتي ئي نه تنهن کي ڇا ٻڌايان. بهرحال مختصر احوال هن طرف جو اهوئي آهي، باقي هاڻي موڪلائي ڪانهي. سدائين گڏ.

تنهنجي دوستن کي سلام ۽ تنهنجي لاءِ.

الراقم

عبدل

سمجهڻ گهرجي. فتاح تنهنجي صاف گوئي، تنهنجي بي باڪي ۽ تنهنج
جذبات گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نظرن ۾ توکي اهائي بيچيني ڏيئي سگهر
ٿا، جو توکي بهتر کان بهتر حالات ۾ ڏسڻ جو آرزومند آهيان. باقي سوا
رهيو طفلانہ هڪبئي جي خيال رکڻ جو پاٿهئي پاڻ کي لقب ڏيڻ جو سـ
اڳتي هلي وقت ۽ زمانو ثابت ڪندو. تنهنجي محنت ۽ تنهنجو اخلاص
توکي جلد ئي وڏي درجي تي رسائيندي ۽ هينئر بہ هن وقت بہ تون جنهر
اوحد مقام تي آهين اُتي هر ڪو رواجي انسان رسڻ جي دعوا نہ ڪري
سگهندو.

توکي مون سان ڪابہ شڪايت ڪانهي. ڇو؟ آءٌ بہ هڪ توئي جهڙ
رواجي انسان آهيان..... انڪساريءَ جو ايترو جذبو ڪو نهي ته ڇا؟ تون
منهنجي لاءِ ڪهڙي معيار جو دوست آهين؟ تون پاڻ کان پڇي ڏس. منهنج
سادا سودا خط تو ڏانهن لکيل بہ توکي گهڻو ڪجهہ ٻڌائي نہ سگهيا آهن
تون منهنجي لاءِ ڇا آهين سو آءٌ توکي پڇڻ کان ٻهرين چاٺان ٿو.

ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير تئن مون من ماروئين.

وڏيڪ ڇا لکان توکي؟

تنهنجو عبدل

(20)

برسٽل
12 جولاءِ 1961ع
هڪ بجي رات

ارادو هئم تہ توکي بروقت ۽ پرپور جواب ڏيان، مگر انهيءَ ارادي کي عملي جامو پهرائي نہ سگهيو آهيان، نهايت افسوس اٿم. هل هلان جي وقت دوستن احبابن ۽ قريبي رشتيدارن وچڻ واري کان هميشہ جي اڻ سونهندڙ ۽ حيرتناڪ موڪلائي لاءِ جدا ٿي نہ ٿيندا آهن تيئن واقعي گذريل هفتي ۾ بلڪل اها گهڙي چين جي نصيب نہ ٿي سگهي آهي جو توسان ويهي ٿانيڪو حال اوريان ۽ مفصل خط لکان، هينئر هڪ لڳي ويو ۽ صبح جو وري لنڊن وڃڻو اٿم ۸ وڳي، جو شهزادي اليگزينڊرا جي گارڊن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻو اٿم.

خواب تي خوب لکيو آهي گهٽيءَ بئي خط ۾ هن متعلق لکندس. بهرحال هن مختصر خط لاءِ معافي. ہ تازا فوٽا موڪليان ٿو پنهنجا تاثرات لکندا، توهان جي خط جو انتظار هتان ٿي شروع آهي، مهرباني ڪري تون ڪراچيءَ اچڻ جي تڪليف نہ ڪج، ڇو؟ شايد آءٌ پاڻ تو وٽ اچان. ڇگو دل نٿي چاهي، پر خدا حافظ.

نيازمند
عبدل

(21)

حيدرآباد سنڌ
2/9/1961

عاشقی صبر طلب اور تمنا بے تاب
دل کا کیا رنگ کروں خونِ جگر ہونے تک۔

هيءَ ڪو پهريون دفعو ڪونهي، ته پنهنجي خط جو اڪثر انتظار ئي ڪرڻو پوندو آهي. صرف ايترو اظهار ئي دل کي قناعت ۽ ڪفايت جو درس ڏيڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. شڪر آهي جو وري به ڪو ڪنهن کي ياد ڪرڻ کان روڪي ته نٿو سگهي. ڇا اها گهٽ آساني آهي، جو جيڪي چاهيان ٿو سو توکي لکيو ڇڏيان ۽ ڪنهن حد تائين بيقراريءَ کي قرار اچيو وڃي.

شل نه ڪو مجبور ٿئي. اهي ته رڳو آهن لفظي پيچ گهڙون. عاشقي، تمنا، دل خونِ جگر، آهه سرد ۽ رنگ زرد. خبر ناهي ڪهڙين بلائن جا نالا آهن. آءُ ائين ٿو سمجهان انسان جڏهن اڪيلو آهي ته بس بيڪار آهي. دنيا جون بيشمار دلچسپيون پوءِ محض عذاب ٿيو پون. پوءِ انهيءَ عذاب جو علاج؟

اڄ هيءُ خط نارمل ڪلاس مان لکي رهيو آهيان. اهو ڪلاس، جتي ڪڏهن تون به هوندو هئين. هينئر به ڪي منجهس دادوءَ جا دوست ويٺا آهن. ها هينئر عاشق به آيو آهي. وهندي شرط خط کي پڙهڻ شروع ڪري ڏنائين. ٿورو نوڪيومانس. معافي گهرڻ لڳو چيومانس: "دوست، ڪي گناهه اهڙا ٿيندا آهن" جي ناقابل معافي هوندا آهن.

هن دوست کي هن آچر تي نه پر بئي آچر تي ريڊئي تي اردو غزل جو پروگرام مليو آهي، ڏهين سيپٽمبر تي 8.45 صبح جو. تون به ٻڌي سگهين ته

برابر مون کي هتي ڪافي ڏينهن ٿي ويا آهن ماحول کان اڳ ۾ انتهائي نفرت هئي ۽ هاڻ بہ آهي. البت انسانن سان محبت اٿم تنهن ڪري نڀاهيندو رهندس. پلا تفصيل وارا احوال ڪهڙو لکان ها خبر نہ آهي ڪهڙي تفصيل جو ٻڌائڻ مون کا رهجي ويو آهي. اها ساڳي زندگي، ساڳيو ڪاليج ۽ اهوئي نارمل ڪلاس، پڙهڻ وري شروع ڪيو اٿم. مگر اهو بہ نالي ماتر.

اڳئين هفتي چند دوستن سان محفل مچائڻ جو فيصلو ٿيو هو. ڏينهن مقرر ڪيوسين، پڪ پڪاٽي ٿي. مگر ڪوبہ ڪونہ ميدان تي آيو. هڪ ڪلاڪ انتظار ڪرڻ کان پوءِ سوچيم تہ آءٌ ئي وڃن حاضر ٿيان. اٿين ڪيم. عذر بهانا جام! نيٺ همراهہ رات آيا. ڪافي رَلياسين ۽ رهاڻيون ڪيوسين. ڏس تنهنجو خط بہ قسطن ۾ لکي رهيو آهيان. سستيءَ کي وري سڱ ٿيندا.

فتاح! آءٌ حيران آهيان، نيٺ صلاح مشوري لاءِ ۽ مون کان راءِ وٺڻ لاءِ، منهنجي رضامندي جي آخر اهڙي ڪهڙي ضرورت آهي. شايد آءٌ اجا تو لاءِ اجنبي آهيان. اهو بہ ٺيڪ آهي. مهرباني ڪري جلدي حال احوال ڏي، جيڪي جيڪو هجي تنهن کي دل مان ڪڍي ڪر ٻاهر.

پلا تنهنجا ڪهڙا حال احوال آهن. خوش تہ آهين؟ نہ! ڪنهن کان رنج تہ نہ آهين؟ چوڻ گهرجي پڇڻ گهرجي. عزيز علي اڪبر جا سلام.

دوست رضوان کي سلام

الراقم

ع. ق. شيخ

(22)

حيدآباد سنڌ
18/9/1961

جتي ٿي پيرا معافي طلب ڪئي اٿم، اتي چوٿون دفعو به سهي: ”معاف ڪجو.“ پنهنجي فطرت ۽ طبيعت کان مجبور آهيان. تو ڏانهن آڏو ابتو خط لکندي جڏهن توکي پوريءَ ريت سمجهائڻ جي ارادي سان سمجهائيندو آهيان ۽ سمجهائي نه سگهندو آهيان ته نهايت الجهن ٿيندي اٿم. پوءِ پنهنجي ڪمزوري لڪائڻ لاءِ يا ته خاموشيءَ جو بهانو يا مختصر ڪلامي جو دائرو يا ته ماڳهين اقرار ڪري معافيءَ جو طلبگار ٿيڻو پوندو اٿم. هن حالت ۾ پوءِ جيڪڏهن ڪو سنگدل بنجي، اهڙيءَ طرح جيئن هڪ اميرزادو ڪاوڙ ۾ ڪيني سان ڪنهن بکئي ۾ ڏکئي تي ڪروڌ ڪري ۽ ڏمرجي پنهنجي درِ دولت تان لوڏي ڪڍي، ته ڪنهن جي دل تي ڇا ٿي گذرندو هوندو.....؟

منهنجا خط غلطين کان صاف هجن ته هوند غلط فهمين ۾ توکي ڪيئن مبتلا ڪن ها؟ ڀلا منهنجا اهي لفظ توکي جيڪڏهن پسند نه آهن ته آئيندي خاموش رهندس. پوءِ ته ٺيڪ آهي نه؟ هن سمجهاڻيءَ ۾ به توکي مبالغو نظر ايندو پر اها اٿئي حقيقت پر سراسر سچ.

شڪسته زندگيءَ تي ڇا لکان؟ بلند حوصلو ڇا آهي؟ توکي اڳ خبر آهي. انسان جون خوبيون ۽ خاميون. انسان کي ڄائي ڄمر کان قدرت طرفان ورثي ۾ ملن ٿيون. پوءِ آهي تربيت تي مدار جهڙي پرورش تهڙي شخصيت. اهو آهي بنيادي اصول. انهيءَ کان پوءِ آس پاس ۽ ماحول، سوسائٽي، سماج، رسم و رواج، قاعدو قانون، حڪومت پنهنجي جاءِ تي زندگيءَ کي ٺاهڻ ۽ ڊاهڻ ۾ ڪافي اهميت رکن ٿا. پر ڪي باغي روح سڀني عنصرن سان بغاوت ڪري خود قدرت سان ٽڪر کائيندي ڪين گسن ٿا.

(23)

حيدرآباد
7/10/1961

خبر نہ آهي تہ اڄ ڇا ٿي ويو اٿم. الجهن، مايوسي ۽ طبيعت تي بار، ڪم نہ ڪار، سارو عرصو صبح کان شام تائين بيڪار تہ بہ بي قرار، زندگي محض گذارجي پئي. خير ڪلاس وارو ميز جو خانو کوليم تہ تنهنجو لفافو ڏٺم. گويا ڇٽي رهيو هو تہ، ڇو هيترو عرصو گذري ويو آهي، "جواب ڇو ڪونہ ٿو لکين. ڪنهن کي انتظار هوندو، بيزار ٿي ڇيم، جواب نہ ڏنم تہ ڇا ٿي پيو ۽ هن دنيا ۾ سواءِ بيوقوفن جي ڪير ڪنهن جو انتظار ڪري بہ ڇو؟ "اهو جواب لکڻ پورو ٿي نہ ٿيو هو تہ ٻيو سوال اڀري ڪڙو ٿيو. "فتاح کي بہ خط نٿو لکين." "هائو، پر فتاح ڪير آهي. آءٌ ڪيس سڃاڻان ئي ڪونہ ٿو، هوندو پر منهنجو ڪهڙو واسطو، مون کي ڪهڙو فائدو؟ مون کي ڪهڙو نقصان؟"

انسان ڪيڏو نہ خود غرض ۽ مطلبي آهي. قدم قدم تي نفعي ۽ نقصان جا حساب ڪتاب. تنهن هوندي بہ انسان سواءِ ڪنهن مطلب ۽ مقصد جي..... هيءَ وري ڪهڙي بڪواس شروع ڪئي اٿم؟ ڇڏ انهن ڳالهين کي جن مان نَڪي وري نَڪي سَري مطلب آهي خط لکڻ سان. ٻيون سڀ آهي بهاني بازيون!

فتاح! تنهنجو خط پهتو. مهرباني نوازش! تو جيترو تڪڙو جواب ڏنو آهي، اوترو ئي دير سان ڏئي، معافي نٿو گهران، جو تون ناراض ٿو ٿين. واقعي ناراض ٿيڻ جهڙي ڳالهہ آهي. عقلمند ماڻهو اهڙو ڪم ئي ڪين ڪندو جنهن لاءِ پوءِ پڇتائڻو پويس.

تون اڄان ٻاڻ کي ٻار سمجهي رهيو آهين. اها حقيقت تہ نہ آهي. البت ائين محسوس ڪرڻ حوصلي منڊي ضرور آهي. باقي رهيو منهنجو

سوال. آءٌ پاڻ کي اهڙو ڪونہ ٿو سمجهان جهڙو تون مون کي ٿو سمجهين. ائين هرون پرون تہ آهي ئي ڪونہ. آئون بہ هڪ معمولي انسانن جهڙو انسان آهيان. فوٽن متعلق صحيح تہ لکيو اٿم. اعتبار ڪرين يا نہ ڪرين. ٺهيو! هڪ ٻئي دوست کي بہ فوٽا موڪليا هئم. چند مهينا انهيءَ موضوع تي خط و ڪتابت ٿي. مون سمجهيو ٿي

غزل اس نے چھیڑا مجھے ساز دینا
ذرا عمر رفتہ کو آواز دینا

مگر جرئت ڪن ٿورڙن کي ئي هوندي. ٿلهي عقيدت انڌي تقليد، انسان کي واقعي بيڪار ڪيو ڇڏي.

تنهنجو ڪهڙو حال آهي. نئين ڪا خبر چار؟ ڪهڙي ڪم ۾ مصروف آهين؟ وقت ڪيئن ٿو گذري!

هاڻي خدا حافظ. تنهنجي دوست رضوان کي سلام.

الراقم
ع. ق. شيخ

(25)

حيدرآباد
16/11/1961

تنهنجو خط پهتو. سوير يا اوير جو ليکوئي ڪهڙو. غنيمت آهي، جو جواب تہ ملي ٿو. مهرباني ۽ نوازش. نئين نوڪريءَ لاءِ مبارڪ. مگر باوجود ڪوشش جي اهو سمجهي نہ سگهيس تہ تون خانگي اسڪول يا سرڪاري داري ۾ ڪم ڪري رهيو آهين. شايد اهو ٻڌائڻ تو ضروري نہ سمجهيو. هرحال هن دؤر ۾ جي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو موقعو ملي سگهيو آهي تہ چڱي ڳالهہ چئبي.

توهان تفصيل سان لکڻ جي تقاضا ڪئي آهي. منجهي پيو آهيان ہ آخر ڪهڙي ڳالهہ انهيءَ انداز سان توڏي لکان. زندگيءَ کي گهلجي پيو. هڙي مرحلي تي نہ اڳتي وڌي سگهجي ٿو البت پنتي هٽڻ لاءِ هر لمحي ءُون سامان تيار آهي. زندگيءَ انهيءَ موڙ تي هر ڪا رنگيني ڦري ورتي آهي. حسرتون پائمال تہ بہ لازوال. بس اهوئي سهارو آهي.

اج طبيعت بلڪل اداس آهي. وڌيڪ ڇا لکان؟ تنهنجي نون دوستن ۽ تنهنجي نئينءَ سرزمين کي سڪ پريا سلام.

تنهنجو
عبدل

(26)

نارمل ڪلاس، حيدرآباد سنڌ
19/2/1962
9 بجي رات

ڪلاڪ کن ٿي ويو آهي. گهران اهي خط پاڻ سان کڻي آيو آهيان ته ٽانيڪو ٿي ويهي جواب لکان. مگر صرف هڪ خط لکيم ته علي اڪبر مٺي ميوزيم ۾ بتي ٻريل ڏسي چڙهي آيو ۽ پوءِ بس ڪيوسين ڳالهيون شروع. تنهنجو اڳيون ۽ پويون خط علي اڪبر کي ڏيکاريم. ڪيس چيم ته تون به ڪجهه لک فتاح کي. هن پنج ڇهه سٽون لکي ڪاغذ موٽائي ڏنو جو هن سان شامل آهي.

هينئر به علي اڪبر سامهون ويٺو آهي ۽ پاسي کان وري هڪ ٻيو دوست، جو هن وقت ٽريننگ ۾ آهي، سي ويٺا آهن. علي اڪبر کي چيو اٿم ته يا ته "وڃ هليو يا ويهي ڪم ڪر" ڪهڙو ڪم ڪريان؟ هن ٻي تڪو سوال ڪيو ۽ جواب وٺڻ کان اڳ ۾ چوڻ لڳو ته "آءُ به ٿو ويهي خط لکان." سو هو به خط لکي رهيو آهي ۽ آءُ به مس مس توڏانهن رجوع ٿيو آهيان.

خبر ئي نٿي پويم ته هاڻي تو ڏانهن ڇا لکان. ڪيئن خط کي شروع ڪيان ۽ توڏي ۽ توکي ڪيئن ويهي پنهنجي مجبورين جو داستان ٻڌايان. ٻيهرين ته تنهنجي نوازش، جو تو وري ياد ڪيو آهي. دوستن سان ليڪا ٽيندا آهن ڇا؟

گناهه، گناهه جا اکر ٻڌي، منهنجا ته ڪن ئي ٻوڙا ٿي ويا آهن. اٿندي گناهه ويهندي گناهه کلندي گناهه ڳالهائيندي گناهه مطلب ته هر مرحلي ۽ قدم قدم تي گناهه تنهنجي سر تي به اِنهيءَ گناهه جو ڀوت سوار آهي. ڇا؟ انسان جي سرشت ئي جڏهن گناهه جي سزاوار آهي ته پوءِ احتساب ڇا

چا هي چنڊ ۾." تنهنجي خطن ۾ بقول تنهنجي ڪي تلخ حقيقتون مليون هجن. نہ نہ ائين تہ ڪونهي. پر جي توکان ڪجهہ مليو تہ بہ اکين تي شڪوه شڪايت تي تہ بس. وڌيڪ تہ ٻيو ڪجهہ بہ ڪينهي. تہ پوءِ ڪجهہ بہ ڪينهي مان انديشا ۽ انسنا بيڪار آهن. فضول آهن.

سچي! ڪيتري وقت کان توکي عرض ڪرڻو هوم. هڪ فوٽو آهي جو توکي پيسٽل يا جيئن توکي وڻي تيئن تيار ڪري ڏيڻو آهي. هائو ڪرين تہ موڪلي ڏيان.

ذهن جو گهگهو وڃي رهيو آهي. علي اڪبر پٺاڻ وٽان چانهن گهرائي آهي. ننڍيون ننڍيون پياليون- واهہ واهہ! پر هاڻي لاچار خط بند پيو ڪيان. سامهون ديوار تي تو واريون تصويرون "نفرت" ۽ "جواب نفرت" مون ڏانهن گهوري ۽ تڪي رهيون آهن.

محترم علي اڪبر جا خاص ۽ گهڻا گهڻا سلام

تنهنجو

عبدل

(27)

حيدرآباد سنڌ
22/2/1962

”چڱن سان چڱايون تہ هر ڪو ڪري، برن سان ڀلائي ڪو ورلي ڪري.“ مون توکي خط جو ڪافي انتظار ڪرايو ۽ تو پنهنجي اصول جي برخلاف ياد ڏهاني ڪري گويا هڪ طرف تہ پنهنجي درگذر ڪرڻ واري طبيعت جو ثبوت ڏنو ۽ ٻئي طرف منهنجي ڪوتاهيءَ ڏانهن مون کي متوجهہ ڪيو. هاڻي تون ئي ڪٿي ٻڌاءِ تہ انصافي انصاف. ٿورو ڪنهن جو؟ آءٌ واقعي شرمسار آهيان جو هن دفعي خط ملڻ کان پوءِ ڏسان ٿو ۽ محسوس پيو ڪريان تہ اڃا پراڻي رنجش ڪي قدر قائم آهي. واقعي آءٌ آهيان بہ قصوروار. توهان احتساب ڪيو. سزا لاءِ هيءُ بندو هميشہ تيار رهندو.

ڪهڙي نہ سولي ڳالهہ تون ضرور چوندين. غلطي ڪري پوءِ جهٽ پٽ معافيءَ لاءِ درخواست ڪرڻ. اها آهي اسان جي تهذيب! هڪ ڳالهہ جو فخر اٿم تہ تون بي ڏڙڪ جيڪي محسوس ٿو ڪرين، سو چئي تہ ڏين ٿو ورنہ اهڙا بہ انسان آهن، جي ٻاهران تہ مٺا مٺا پر اندر اٿلائي ڏسون تہ زهر سان ڀريا پيا آهن.

ڪمزوريءَ جو اقرار بهادر ئي ڪندو آهي. وڏو گناهہ آهي اٽڪاٽائي. اٽڪاٽائيءَ جي حالت ۾ غلط ڪم ڪري انهن تي ضد ٻڌي ويهي رهڻ دنيا کي ايترو تہ نقصان پهچايو آهي، جنهن جو صحيح ڪاٿو بہ لڳائي نٿو سگهجي. پرکڻ، پروڙڻ هر نيڪ انسان جو شيوو آهي. گناهہ ۽ ثواب منهنجي خيال ۾ انسان جو هڪ تيار ڪيل هٿيار آهي. هر دؤر ۽ هر سماج پنهنجي دائري اندر اهڙا چار وچائي ڇڏيا آهن جنهن ۾ ڪيترائي معصوم گرفتار ٿيو ڦٿڪيو ڦٿڪيو دم ٿا ڏين. قدرت طرفان ڏوهہ ۽ ثواب لاءِ ڪو خاص نشان لڳل ڪونهي، جنهن سان اهي شيون يا ڳالهيون توري تڪي سگهجن. هڪ ڳالهہ جا هتي اسان وٽ گناهہ آهي، سا پر واري ملڪ ۾ ثواب آهي. ائين ڇو آهي؟ هيءَ دنيا انهيءَ ڪري ئي واقعي تڪساٽ پئي لڳي. هڪ انڌيءَ طاقت سان

مناسبت ۾ هلڻو آهي. ڪيڏو نه وڏو ظلم آهي! مذهب منهنجي نظر ۾ به هڪ مهاچار آهي. پوءِ ڪٿي اهو ڪهڙو به هجي. اسان ۾ توهان جهڙن انسانن ئي ان کي جنم ڏنو. هيءَ هندو ڌرم آهي، هيءَ مسلم مذهب آهي، وغيره. جيئن جين، سِڌ، آتش پرست، عيسائي ۽ يهودي مطلب ته مذهب جي نالي تي جيڪا گندگي اڇلائي ويئي آهي، تنهن سان تاريخ جا صفحا اڃا به بدبو دار آهن. مذهبن جي ابتدا به جهالت جي پيداوار آهي. ڪڏهن زمين، هوا، باهه، پاڻي، ۽ آسمان جي پوڄا ٿي ته ڪڏهن رشنين، مُنين، مها پرشن، پير پيغمبر ۽ خدائن جي ايجاد تي هرڪو پنهنجي پنهنجي عقيدي کي حرف آخر ٿا سمجهن. سڀ ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ جا ناٽا هيءَ مختصر جواب شايد توکي تسلي ڏيئي نه سگهي. بهرحال هن موضوع تي تون وري به پڇين سگهين ٿو.

اڳئين دفعي علي اڪبر کي مصروف رکڻ لاءِ خط لکڻ تي مجبور ڪيو هوم. هينئر اهو حضرت ڪونهي، ٿورو وقت اڳ ۾ ويو ۽ تنهنجو خط کيس ڏنم. هن وقت هو ”ماسترس“ جون Specimen ٺاهي رهيو آهي. هن وقت شام جا 7.30 لڳا آهن ۽ آءٌ هي خط ميوزم هال جي ڊرائنگ ڪلاس مان لکي رهيو آهيان. رات پئجي چڪي ۽ مڇرن جي ڀون ڀون جو ترنم خودبخود ڪنن تائين پهچي رهيو آهي.

مهرباني ڪري اوهين روشن سان گڏ ضرور اچجو. توکي ڏني ڀانيان ٿو ته ڪي صديون گذري ويون آهن. هونءَ ته هت ڪلاس ۾ تو واريون تصويرون پتين تي اڃا به لٽڪيل آهن. ان کان سواءِ تنهنجا فوٽا پڻ خاني ۾ موجود آهن. پر اهي صرف دل بهلائڻ جون ڳالهيون آهن. جي اوهين نه ايندا ته پوءِ روشن جو خير ڪونهي. ڪيئن ڪاوڙ ته ڪونه لڳيئي!

اڃهو هينئر هڪڙا به بي ٽيءَ جا استاد علي اڪبر جي پڇا ڪندي پهتا آهن. هڪ وٽ ٽرانسزسٽر آهي، جنهن کي عرض ڪيو اٿم ته هلائي ڏيکار. هن چالو ڪيو آهي ۽ خبرون انگريزيءَ ۾ اچي رهيون آهن.

چڱو هاڻي موڪلائي ڪانهي.

تنهنجو

عبدل

(28)

حيدرآباد سنڌ
26/3/1962

انهيءَ شام جڏهن جدا ٿيا هئاسون تہ آءٌ وري نصير جي ڪوٺيءَ تي توسان رهاڻ ڪرڻ جي خيال سان ڪجهہ دير بعد پهتس. پر تون اڳ ۾ ئي نڪري چڪو هئين. خير پنهنجي قسمت ئي اهڙي آهي.

بروقت ئي جواب نہ ڏيئي سگهيو آهيان. خبر ناهي خط جو اوڏي مهل جواب نٿو ڏجي تہ پوءِ ڇنو ڪم وڃي ٿي پيا. هينئر تون نئين اسڪول ۾ نئين ماحول ۾ هوندين. خبر ڏي آهي ڪو مزو. توهان جي گذشتہ تاثرات يا حالات جو منتظر آهيان.

توهان پنهنجي متعلق پڇيو آهي؟ حيران آهيان تہ توکي ڇا لکان؟ پهرين تہ آءٌ معافيءَ جو خواستگار آهيان. تون آئين ۽ آءٌ الجهن ۾ هوس. تنهنجي پوري مرحبا بہ نہ ڪري سگهيس. دل جون حسرتون ائين ئي رهجي ويون. خير مجبوريءَ جو ٻيو نالو آهي معذوري.

توهان جي طبيعت ۾ ڪافي تبديلي آئي آهي ۽ جلدي تون ڦري هڪ نئون انسان ٿي پوندين. منهنجي لاءِ تہ تنهنجي واسطي دل ۾ جيڪڏهن مبالغو نہ ڪيان تہ هڪ عزيز ترين هستي آهين. نهايت پيارو نهايت مٺڙو.

هاڻي تنهنجو وارو آهي.

الراقم
ع. ق. شيخ

ڪاليج سينٽر آهي، تنهنڪري نارمل ڪلاس بند آهي. وڏي مصيبت اها آهي تہ شاگردن کي هاسٽل ۾ رهائڻ کان پرنسپال صاحب صاف انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

تصوير مهرباني ڪري جلدي تيار ڪري موڪل، جو اها امانت موٽائڻي آهي. ڪيئن توکي احساس ڏياريان؟ جو توکي قسم آهي ڪيئن بہ ڪري جلد پورائي ڪر ۽ مون ڏانهن فوٽو ۽ تصوير واپس ڪر. ڏس فتاح توکي وري بہ منٿ ٿو ڪريان.

خدا رحم وارو آهي. مگر هن انساني دنيا ۾ انسان انسان تي ظلم روا رکيو ويٺو آهي. سماج، قاعدو ۽ قانون ماٺ ڪيو ويٺا تماشو ڏسن. گهٽيون پريشانيون تہ اسين پاڻ لاءِ پاڻ ٿا پيدا ڪريون. تون بہ سمجهان ٿو تہ ڪنهن اهڙيءَ الجهن ۾ ڦاٿل آهين. ذرا سوچ ائين صحيح آهي ڇا؟ پنهنجي پريشانيءَ جو سبب ڳول ۽ انهيءَ مسئلي جا اسباب ويچار پوءِ حل ڪرڻ جا وسيلا جانچ. جي ناممڪن ڳالهہ هجي تہ دل تي پٿر رکي وساري ڇڏجي. جي ڪوشش جي ضرورت سان اهو مسئلو ممڪن طور حل ٿي سگهي ٿو تہ ويهن ئي نهن جو زور لڳائبو. هر مسئلي کي مڙس ٿي منهن ڏيڻ جو نيون ڪو طريقو ئي موجود ڪونهي. بهرحال هيءَ خط روشن کي ڏيکارجانءِ، ڪيس جدا نٿو لکان، جو مطلب جي ڳالہ ۔ " ويٺي آهي. روشن ۽ فتاح لاءِ پيار.

نيازمند

ع. ق. شيخ

(30)

حيدرآباد سنڌ
29/5/1962

نہ جواب نہ سوال! حيران آهيان! آخر هيءَ ڇاجي سزا آهي؟ ممڪن آهي تہ گذريل خط توکي ڪاوڙايو هجي. پر.......

شل نہ ڪو مجبور ٿئي! تنهنجو وڏو احسان ٿيندو مهرباني ڪري ورندڙ ٽپال ۾ ڏنل فوٽو واپس موڪل. مون انلارجمينٽ جي پچر ڦٽي ڪئي. ڪاش توکي ٻڌائي سگهان ها تہ انهيءَ فوٽي نہ ملڻ ڪري ڪيڏو وڏو نقصان پهچندو.

هيءَ رحم جي درخواست ڪري سمجهندا.

نيازمند
معصوم

(31)

حيدرآباد سنڌ
10/6/1962

توهان جو موڪليل فوٽو ۽ خط، امانت با سلامت پهتا. مهرباني ۽ نوازش. هيتري دير مدار ۽ خاموشي پُر اسرار جو ڪو سبب نہ ڏيندي بہ توهان مون کي ڪافي ہڏائي ۽ سمجهائي چڪا آهيو.

شل نہ ڪو مجبور ٿئي ۽ شل نہ وري مجبوريءَ جو احساس ٿئي. بزدل ۽ بهادر جو فرق تہ اتين ئي ظاهر ٿيندو آهي. انسان جي زندگي سراسر مجبوري ئي سهي، پر ڪي سودا اهڙا بہ ٿيندا آهن، جيڪي اهڙن ليکن کان بالاتر هوندا آهن.

پر هڪڙي هٿ جي تاڙي ڪا وڄي سگهندي آهي؟ تنهنڪري شڪوو ۽ شڪايت ڇا جي؟ بقول شاهہ صاحب: "ڪا منهين ۾ ڏيئ_ نہ تہ سڄڻ سپاجهو گهڻو." سو آڻ ميجي ۽ جهڳڙا نوناه وڏيڪ بحث مباحثو فضول.

موجوده خط و ڪتاب جو سلسلو ئي ڪجهہ مختلف نوعيت جو آهي. واقعي ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي. هر انسان جڏهن صرف پنهنجي ذاتي غرضن ۾ انڌو ٿيو پوي تہ پوءِ پنهنجن ۽ پراون جي تميز ڪٿي ٿي رهي. پنهنجي يعني منهنجي تہ ازل کان ڪا تقدير ئي اهڙي رهي آهي. تقدير وري ڇا جي؟ آءُ تقدير کان وڌيڪ تدبير جو قائل آهيان. تنهن هوندي بہ نصيب ڪجهہ ڪونہ ٿو ٿئي. ٻئي ڪنهن کي ڏوهہ ڏيڻ جي بدران اهڙن موقعن تي آءُ پاپئي پاڻ تي ملامت ڪندو آهيان ۽ پاڻ کي سزا ڏيندو آهيان. سزا ڪاٽيندڙ جا احساس ڪهڙا هوندا؟

”موجوده حالات جي رفتار سست آهي!“ هائو پر دنيا جي رفتار ته دستور مطابق قائم آهي. عمل نه آهي ته اتي موت جي حڪومت آهي. پوءِ زنده لاشو تي پيو رهڻ گويا پنهنجي شڪست تسليم ڪرڻي آهي ۽ توهان جهڙو انسان ائين محسوس ڪري مون کي اعتبار ڪونه ٿو اچي. پر منهنجي اعتبار ۽ بي اعتباريءَ ڪري ڪو فرق ته ڪونه ٿو ٿئي.

شل خوش هجين.

نيازمند

عبدل

(32)

حيدرآباد سنڌ

20 جون 1962 رات جا پوڻا ٻارنهن

هتي حيدرآباد ۾ دادوءَ کان واپس پهچڻ کان پوءِ ذري گهٽ 2 ڏينهن ٿي ويا آهن. نمائش جي سلسلي ۾ رڳو پيو ڦيريون ڏيان, موڪلون آهن. تنهنڪري ڪاليج ۾ ڪڪڙو ڪو لڳي پئي آهي. ٻيا جيڪڏهن آهن ته ناظم يا نگران آهن. جيڪا ڪم جي يادگيري ڪجي ٿي ته بس جواب اهو ٿو ملي ته ”انشاءَ الله سڀاڻي ڪم ۾ هٿ ڳنڍيبو. توهان جهڙا ماهر موجود آهن. هيءَ حيدرآباد جي بهترين نمائش ٿيندي.“ اها ته ٿي هڪڙي ڳالهه, جيڪو به واسطيدار مسئلو ڪٺو انهيءَ جو حشر اهوئي ساڳيو. ڪهڙو ويهي تفصيل ڏيان!

هوڏانهن منهنجو اهو حال آهي ته آءٌ اجان به پاڻ کي دادوءَ ۾ پيو محسوس ڪريان, ذهن ۽ تصور ۾ توهان, فاروق, وريل, عباس, ڪرشن, سريش, رفيق, جميل, مهدي, نورچشمي رضيه ۽ ٻيا چهرا واري وٺيءَ تي پيا اچ وڃ ڪن. ٻن ڏينهن جي گڏجاڻي, توهان جي خلوص, عزت ۽ همنوازيءَ ۽ پنهنجائپ مون کي هر لحظي ننڍڙين ننڍڙين ۽ پيارين پيارين يادگيرين سان پيون نوازين.

خبر نه آهي هينئر آءٌ پاڻ کي ڇا پيو سمجهان؟ واقعي آءٌ ايڏي وڏي آدرياءَ جي لائق به هوس؟ توهان جي ڪرم فرمائيءَ منهنجي محدود ۽ مايوس زندگيءَ کي نئين حياتي بخشي آهي. هتي هينئر آءٌ پاڻ کي هڪ نئون ماڻهو پيو پائيان. اهو سڀڪجهه توهان جي طفيل ئي ٿيو آهي. معاف ڪجو اهو حقيقتن جو اظهار ۽ اعتراف آهي.

سچي. توهان کان موڪلائيندي هتي خير سان اچي پهتو آهيان, سڀئي تصويرون به سلامتيءَ سان پهچي چڪيون. توهان جي چئڻ ئي وڏن فريمن کي سفيدي جو هٿ ڏياريو اٿم. جيڪو به تصويرون ٿو ڏسي, سو

تعريف ٿو ڪري. توهان جي ہن تصويرن جا ۽ جميل جي ننيڙي ميڻ واريءَ تصوير جا رنگيل "بروچر" لاءِ فوٽا بہ تيار ٿي مليا آهن. جن جا سياٽي شام تائين بلاڪ بہ ٺهي ويندا. انعامن ڏيڻ وارا جج شايد 2 تاريخ سيئي تصويرون نظر مان ڪڍي فيصلو ڪندا. افتتاح واري ڏينهن تي وجهہ مليو تہ توهان جي تصويرن تي بہ ڳالهائڻ جو ارادو نہ پر پڪو پهہ ڪيو اٿم. ثل ائين ٿئي.

دادوءَ ۾ اچڻ کان اڳ ۾ جيڪا آرزو هيم، سا اوهان جي واعدي مطابق مڪمل طور پوري نہ ٿي سگهي. شايد اهو منهنجو ئي قصور آهي، جو اوهان پنهنجي زندگيءَ جو تفصيلي احوال نہ ٻڌائي سگهيا. ڇا اهي ڳالهيون خط و ڪتابت جي وسيلي ٻڌائي نٿيون سگهجن؟ آءٌ تہ اهو عرض ڪندس تہ بشرطيڪ اوهان رضامند ٿيو تہ فرصت جي گهڙين ۾ مون کي بہ پنهنجو سمجهي صحيح حالات کان واقف ڪريو.

سائين وريل جي هاڻي طبيعت ڪيئن آهي؟ مهرباني ڪري سندس صحت جو حال احوال ڏيندا ۽ پنهنجي تندرستيءَ جي پڻ خبر چار ڏيندا.

چڱو هاڻي موڪلاڻي ڪانهي. سدائين گڏ. خدا حافظ

الراقم

ع. ق. شيخ

(33)

27- جون 1962ع
ڊيئر فتاح!

سچ پچ ته اڄ ويٺو هوس ته سائين جن لفافو ڏنو ته خط لک. ڀلا لکان
ته ڪنهن کي لکان! سائين چيو لک نه! فتاح کي ئي لک, سو دوست اوهان
کي خط لکي رهيو آهيان. پر لکان ته ڇا لکان, ڪهڙي موضوع تي لکان.
وهان ته اسان وانگر بلڪل سست ٿي ويا آهيو ڇو ڀلا آخر ڪهڙي ڳالهه
هي. اوهين ته خط لکڻ جا چست آهي. پوءِ ڇو ايتري دير ڪئي اٿو. هائو!
سائين ئي ڪٽي ڇڏ ته وساري ڇڏيو اٿئي. ڀلا ناراض آهين ڇا؟ آخر ڪوئي ته
سبب هوندو. اڳ ته ائين ڪڏهن ڪونه ڪيئه. هينئر ڇو ايترا سارا ڏينهن
خاموش ٿي ويو آهين. مان ته سمجهان ٿو ته شايد قلم هٿ ۾ کڻڻ کان توبهه
ڪئي اٿيئي ائين نه! ڀلا آخر آءٌ ڇا سجهان- خير.

اميد ته جواب جلد ڏيڻ جي ڪندا. اگر مصروف هجين ته به من ڪو
دائيم ملي وڃيئي, جنهن ۾ به ٻي سٽون لکي دل کي سڪون ڏياري ڇڏين.
چڱو خدا حافظ.

اوهان جو
اڪبر

سلام عليڪم سائين شيخ صاحب جا مطالع ڪندا.

❋ ❋ ❋

غالب جو شعر آهي:

ہم ہیں مشتاق، اور وہ بیزار،
یا الاہی یہ ماجرا کیا ہے!

هيءَ شعر شايد توڏانهن اڳ ۾ لکي چڪو آهيان هي احسان جا
شاعر به عجيب مخلوق آهن. 'ماں نہ ماں میں تیرا مہماں' درد پنهنجو سُور پرايو. خير

اجان ڪيترو وقت خاموش رهندين. ڪو حال احوال ته ھڏاءِ. ڀيو نه ته ب
ڪاوڙ جا ھ ني اکر ئي سهي، مون کي احساس آهي ته ھ ني خط توکي
سخت لکيا اٿم، مجبور هئس، پر هينئر نهايت شرمسار آهيان ۽ معافي ج
طلبگار. اميد اٿم ته هيءَ انڪساريءَ جو عرض قبول پوندو.

ع.ق.شيخ

سگهندو. يقين نہ اچي تہ رڳو هڪ هفتو ئي آزمائي ڏس.

***

نمائش پراڻين تصويرن جي بہ ٿي سگهندي ۽ تنهنجو قسم آ
صحيح حالات کان ناواقف هئس ۽ نہ اچا آهيان. تنهنڪري لاچار اٿڇاٿائي
۾ انگل ڪري ويٺس. نادم آهيان وري اهڙي گستاخي نہ ڪندس. بهرحال
جڏهن تون تيار ٿين تہ هڪ هفتي جو اڳواٽ اطلاع ڏج. تہ هتي حيدرآباد ۾
صرف تنهنجي نجي نمائش ڪجي. پر اهو سڀ تنهنجي مرضيءَ تي ڇڏيل
آهي.

***

خط مختصر ڪندي بہ طويل ٿيو آهي. معاف ڪجو.

نيازمند

عبدل

(35)

حيدرآباد سنڌ
12/7/1962

ڪالهہ هتي ڪلاس ۾ عاشق آيو هو. دستوري حال احوال پڇندي تنهنجو پڇيومانس. يڪدم چيائين فتاح جي اک نڪري پيئي آهي. منهنجي ۽ علي اڪبر جي واتان صرف هان! نہ نہ! جا اکر نڪتا. آءُ تہ ڪا مهل هڪو ٻڪو ٿي ويس تہ دماغ ۾ مختلف تصورات سواليہ تصويرون ٺاهي سامهون پيش ڪرڻ لڳا. هيئن ٿيو هوندو هونءَ ٿيو هوندو. نہ نہ بلڪ ٿي ويو آهي. انسان حالات ۽ حادثات جو شڪار ڇو آهي؟ مصيبتون رڳو هڪ ئي شخص کي پريشان ٿيون ڪن. خبر ناهي ڇا ڇا سوچي رهيو هوس. نيٺ عاشق کي وري ڏنم ۽ وٽانس تفصيل جي تقاضا ڪيم. سوڙ ڪلي رسي ٽٽي، پٽي ٻڌل، جميل رت، نظر ۾ ڏنڊ....... ۽ ڪراچيءَ علاج...... اهي اکر بس ٻڌم.... مگر ڪير بہ ڪنهن جو ناهي، ڪير بہ ڪنهن جو ناهي..... انسان ڏاڍو سخت جان ۽ ڏاڍو خود غرض آهي.....

گرمي، افسوس ۽ اڪيلائي، گويا ڪالهہ کان ڪنهن پريشانيءَ ۾ مبتلا آهيان. مهرباني ڪري تفصيلي احوال ٻڌاءِ. صحيح حالتن کان آگاهہ تہ ڪر.... سچ تہ تنهنجي جواب لاءِ منتظر هوس.... خير....

تنهنجي تصويرن جو هتي one- man show ڪرڻ جو ارادو ۽ خيال آهي. بشرطيڪ تون هائو ڪرين.....

ڪاليج کلي ويو آهي.... گرميءَ جي ٻنڌ ٽٽل آهي.... خبر ناهي گهڻن سالن کان پوءِ هڪ افسانو لکيو اٿم، عنوان آهي: ”محبت جي راهہ تي.......“

نيازمند
ع. ق. شيخ

(36)

حيدرآباد سنڌ
14/8/1962

آج ہم اپنی پریشانی خاطر ان سے
کہنے جاتے تو ہیں، پر دیکھئے کیا کہتے ہیں۔

عيد ميلاد ۽ آزادگيءَ جو ڏينهن! پر هڪ نامعلوم اداسائي آهي، جا صبح کان هيسين تائين نہ جاڻان ڇو رڳو اداس ئي رهيو آهيان. ڇون تا تہ انسان انهيءَ ڪري ئي اداس ٿو رهي جو هن جون مرضيون ۽ خواهشون پوريون نٿيون ٿين. پنهنجي تہ ڪابہ مرضي ۽ خواهش ڪڏهن بہ ڪا پوري ٿي آهي يا ٿيندي؟ شايد انسان جي فطرت ئي اها آهي. ڪهڙو نہ عجيب هيءُ جانور آهي انسان! هميشہ اجايل ۽ دائمي آرزومند!

هيءُ ڇا لکي رهيو آهيان؟ ڇا تون پڙهي رهيو آهين ۽ ڪجهہ سمجهہ ۾ بہ اچيئي ٿو؟ ضرور...... هر انسان جي طبيعت ۽ فطرت جدا آهي تہ بہ ڪيترين ئي ڳالهين اسان ۾ مشترڪ آهن! ۽ جڏهن ڪنهن مرحلي تي مسئلو عقل جون مڙيئي حدون لتاڙي بہ بيهو رهي، تڏهن تسليم ۽ رضا کان سواءِ ٻيو چارو بہ آهي ڇا؟

روس جا ٻہ هوائي خلا باز آسمان جي گهرائين ۾ تجسس سان گهمي ۽ گهوري رهيا آهن. بلندين جي وسيع ڪائنات جي عجائبات جو منظر ڇا هوندو؟ مگر اڄ بہ دنيا جي پستين ۾ ڪيترا انسان ذلت جي زندگي گذاري رهيا آهن! حالات ۽ حقيقتون بہ اسبابَ تي سگهن ٿيون. پوءِ ڪج بحثي ۽ هن هُنَ سان الجهڻ دانشمندي تہ نٿي ٿي سگهي.

تنهنجي تفصيلي خط جي مهرباني ۽ نئين ناصح جي لقب جو بہ احسان. تنهنجي ذاتي ڊائريءَ جا ورق بہ ڀهتا مزيد نوازش. تاريخ 26-7-62 وارو احوال نہ وڻيم. اميد کان سواءِ باقي اسان وٽ رهي بہ ڇا ٿو؟ تنهنجو چوڻ بجا تہ

اهو فريب آهي. مگر دوست ڪي اهڙا به فريب ٿيندا آهن. جن جي هٿان هزارين دفعا ٺڳجڻ کان پوءِ وري ٺڳجڻ جي ضرورت باقي رهندي آهي.

اڪبر جو خط مون برابر ڦاڙي ڇڏيو. اها منهنجي ئي ڪمزوري چئبي ۽ نه تنهنجي. سچي ڳالهه ته اها آهي ته اهو خط صرف رسمي هو. ان ۾ ڪا به پنهنجائپ ڪانه هئي. پوءِ اها شيءِ آءُ پنهنجي لاءِ پسند نه ڪيان. تنهن جو تنهنجي مٿان بار ڇو وجهان؟ باقي سوال رهيو سالن جي تعلقات ۽ طبيعتن جي نا آشنائيءَ جو. واقعي مون ۾ اها خامي آهي. ڇا، تون مون کي اڃان به فرشتو ٿو سمجهين؟

هر انسان هر حالت ۾ جيئرو انهيءَ ڪري رهڻ چاهي ٿو ته زندگي پياري آهي ۽ هڪ دفعو ئي نصيب ٿئي ٿي.

اسڪيچ جي تشريح جي باوجود آءُ توسان متفق نه آهيان. "اهي سرجڻهار جا هٿ آهن......" منهنجي نظر ۾ اهو تصور ئي غلط آهي. انسان جيترو هن دنيا ۾ چند انسانن جي هٿن ۾ مجبور آهي، اوترو ئي ٻئي ڪنهن به هستيءَ جو ڪونهي. غلط تصور ۽ غلط عمل مان بي سود نتيجا ئي نڪرندا. دنيا ۾ انسانن کي صحيح حقيقتن جي ضرورت آهي. خرابيون ۽ نقص، انهن ۾ واڌارو ڪرڻ ڪيڏو گناهه آهي! ۽ جڏهن تو جهڙو پيارو دوست به ضد ڪري ويهي ته سواءِ خاموشيءَ جي ٻيو چارو به ڪونهي. سچ تي هلڻ ايترو سولو نه آهي، جيترو ڪوڙ تي. اوهين پلي تصوير ٺاهيو من انهيءَ جي ٺاهڻ مان ڪو خوشنما پهلو به نڪري سگهي. نفرت جيڪڏهن تعمير جي بدران تخريب جي ترغيب ڏئي ته؟ بغاوت ۽ بي مقصد بغاوت منهنجي نظر ۾ حماقت آهي.

فتاح! تنهنجي خدا واري سمجهاڻي مبارڪ! مگر آءُ تنهنجي ٻڌايل تشريح کان منڪر آهيان. دنيا دارن سان دنيائي تعلقات ته رهندا. مگر پنهنجا ذاتي عقيدا ٻين تي مڙهي ڪونه سگهبا. اهو وقت ئي ختم ٿي ويو. برابر دنيا جي هر دؤر ۾ طاقت ڪي وڏو اثر رهيو آهي. مگر تاريخ شاهد آهي ته ناروا طاقت هميشه نابود ٿيندي رهي آهي.

لکڻ تہ گهٽو ئي ٿي چاهيم، پر جواب مخصوص ۾ تشنہ ئي رهجي ويو آهي. انهيءَ ڪري معافي جو طلبگار آهيان.

تون تصويرون گڏ ڪر فريم پيدا ٿي پوندا. ڪو ايڏانهن اچڻ وارو آيو تہ سگريٽ بہ پيش ڪبا. في الحال تہ رڳيون زباني ڳالهيون آهن. چڱو هاڻي خدا حافظ.

اڪبر جا سلام.

الراقم

عبدل

(37)

حيدرآباد سنڌ
19/9/1963

تنهنجو قسطن وارو خط پهتو. عنايت، ڪرم ۽ مهرباني. خط پڙهي خوش ٿيس ۽ ڪجهه پريشان پڻ. خوشي انهيءَ ڪري ٿيس جو ڪافي عرصي کان پوءِ تنهنجي هٿن سان تازا لکيل اکر ڏٺم ۽ پريشان انهيءَ لاءِ ٿيس، جو ڪي الجهنون ڏسڻ ۾ آيم ۽ دل کي صدمو رسيو تہ تو جهڙا دوست معمولي ۽ رواجي ڳالهين ۾ جڪڙجي وڃن ٿا ڇا؟

وري سوچيان ٿو تہ تنهنجو ڪهڙو قصور؟ اسان جي سوسائٽي سماج، ماحول، تهذيب و تمدن، رسم و روايات........ ڪا هڪڙي ڪل سنئين سنواٽي آهي؟ ڇا اهو معجزو نہ آهي جو اسين جيئرا آهيون؟ زندگي ڪيڏي نہ حسين ۽ انسان ڪيڏو نہ سخت جان! زندگي ڪيتري نہ ذليل ۽ انسان ڪيترو نہ رذيل!

پر خود هن قسم جو احساس ۽ بيداريءَ سجاڳيءَ جو ثبوت آهي. مگر اها سجاڳي ڪهڙي ڪم جي، جنهن ۾ ڦهر درويشان بر جان درويشان وارو نتيجو نڪري. ڪٿي، ڪهڙو ۽ ڪونہ ڪو رستو ۽ وسيلو ضرور موجود هوندو. مگر مستقل مزاجي، اڻ ٿڪ ڪوشش، جستجو جو ذوق ۽ شوق شل سلامت رهي.

پر اسين آهيون جو ٿوري پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ٿڪجيو پئون. نااميدي ۽ مايوسيءَ ۾ مبتلا ٿيو روشنيءَ کي اونده ۾ تبديل ڪندا ٿا رهون. هن گروه جي انبوه ۾ تو مون جهڙا هزارين نہ پر بيشمار آهن. پوءِ اهي جيڪي اڳيئي اٽڃاڻ اونده ۾ پيا هٿوراڙيون هڻن، انهن ۾ ۽ ٻين ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

ماحول کان نفرت ۽ بيزاري، بيوسي، ڪم همتي ۽ بزدلي آهي. مون

کي يقين آهي تہ تون انهن مان نہ آهين. پيار ۽ محبت جي شمع کي دل جي تهخاني مان ڪڍي ٻاهر رک. محدود ۽ مخصوص عشق، ڏي وٺ جي آرزو عيوضي ۽ معاوضي جي حسرت ۽ لالچ تہ 'يهودين' جو شيوو آهي.

انسان اڃا جڏهن پورو انسان ٿيو ئي ڪونهي، تڏهن ان سان ڪي انتهائي خوش فهميون نہ ڳنڍجن تہ چڱو. توسان نہ پر مون سان بہ ساڳي حالت آهي. ڪافي سٺمر ڪافي وڃايم. هينئر جڏهن هوش آيو اٿم تہ پنهنجي ڪم فهميءَ ۽ بيوقوفيءَ ۽ ناداني‍ءَ کان نفرت ۽ ان تي ڪل ايندي اٿم. ڇا تو ڪڏهن ائين پنهنجو جائزو ورتو آهي؟

مون کي تہ پنهنجي سرزمين جي ذري ذري سان محبت آهي. اسان جي سنڌ جا رهاڪو سادا سودا ۽ ابوجهہ. اهي همدرديءَ جي لائق آهن. هنن جي نفرت ۽ ڌڪار پنهنجي جاءِ تي. پر جي تون بہ انهن کي ساڳي نظر سان ڏسندين تہ پوءِ ماحول ڪيئن نہ دوزخ بنجي پوندو.

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اڃي بوءِ بهار جي. بهار حسن، سچ ۽ سونهن تہ هر هنڌ ۽ چوڌاري پکڙيل آهي. رڳو اسان جي دل کي اسان جي دل ۾ محبت وسيع تر ٿئي.

اڪبر جو دڪان تہ ڪليل آهي، مگر گراهڪ ٿورا. نفعي کان وڌيڪ نقصان، پر بازار ۾ پڪ آهي ڪونہ ڪو سودي ڪرڻ وارو ضرور ايندو. ضرور ايندو انهيءَ آسري تي هو آس لڳايو ويٺو آهي.

ڪاش تنهنجيون نيون تصويرون ڏسي سگهجن ها.

ع.ق. شيخ

(38)

حيدرآباد سنڌ
25/11/1963

نهايت شرمسار آهيان جو ايتريءَ دير سان جواب لکي رهيو آهيان. اهو تہ بلڪل سٺو ڇڪيو جو اوهان پنهنجيون تصويرون ڪراچيءَ ڏانهن موڪليون آهن. آءٌ تہ خوش ٿيو آهيان. فن جيڪڏهن صرف انفرادي دلجمعيءَ لاءِ مخصوص ٿئي، تہ پوءِ نہ تہ ان جي ترقي ٿئي ٿي ها ۽ نڪي عام ماڻهو ان مان محظوظ ٿي ٿين ها.

اوهان پنهنجا ترجما جلدي ڏياري موڪليو. آءٌ ڪوشش ڪري هتي ڪنهن اخبار يا رسالي ۾ شايع ڪرائيندس.

ماحول ۾ نفرت برابر آهي پر بديءَ کان نفرت تہ نيڪي آهي. هرهڪ شيءِ کي محض نفرت سان ڏسڻ تہ گناهہ آهي. انسان ماحول ۽ حالات ۾ پرورش حاصل ڪري اهڙيون ئي عادتون ۽ خصلتون ٿو سکي. اسان جي ملڪ جون حالتون ڇا آهن. ڇا انهن ۾ ڪا تبديلي نہ اچي سگهندي. نجات جو ڪو تہ وسيلو ۽ ڪو تہ رستو هوندو.

خط بلڪل مختصر آهي. معاف ڪندا. وڌيڪ حال احوال کان واقف ڪندا تہ عين نوازش ٿيندي.

فقط
ع. ق. شيخ

(39)

حيدرآباد سنڌ
6/3/64
6.PM

اڄ توهان جو خط مليو. مهرباني. فتاح، فطرت جي ڪارخاني ۾ ۽ سستيءَ ويچار ڪر جي سچ صبح جو نہ اڀري، رات وهامي ئي نہ، هيءَ هوا جنهن جو اسان کي احساس بہ ڪونہ ٿو ٿئي، سا جيڪڏهن ٿوري لحظي لاءِ ئي بيهي رهي تہ هوند ڇا ٿئي؟ باقي دهرائڻ واري ڳالهہ. توهان جي پسنڊ، پسند پنهنجي پنهنجي. حقيقت کي تسليم نہ ڪرڻ ڇا خود سريءَ ۽ زوراوري نہ آهي؟

واقعي فتاح، آءٌ ايترو تہ سست ٿي ويو آهيان جو مون تي ٻيا ملامت ڪن، تنهن کان اڳواٽ آءٌ پنهنجو پاڻ تي ملامت ۽ ڌتڪار ڪيان ٿو. مگر جتي ڪجهہ عرصي لاءِ ٿلهي شرمساري پيدا ٿئي ٿي تہ بہ اُهائي بيڪار. شايد زندگيءَ جا سيئي احساس ۽ ارمان لاوارث لاش وانگر دفن ٿيڻ جا بہ حقدار نہ آهن. خود فريبيءَ جي تمنا، تنهن هوندي بہ هميشہ حيات ۽ سرگردان...... ۽ وقت گذرندو ويجي.....!

شڪست خورده ۽ بزدل پنهنجي بيوسيءَ تي عجيب غريب غلاف چاڙهيندو آهي. آءٌ بہ انهن مان آهيان. البت ايترو آهي جو مون کان اهي غلط دعوائون ۽ فريب نٿا پڄن. سچ جو اقرار بهادري نہ سهي، پر ڪانئر پائي تہ هرگز ڪانهي.

ڀلا مون کي ٻڌاءِ تہ سهي تہ آءٌ پنهنجي غلطين جو اعتراف نہ ڪريان تہ ٻيو ڇا ڪيان؟ ايترو ڪٺور ۽ سنگدل ڇو ٿيو آهين فتاح! ڇا محبت جي جهوليءَ ۾ رڳو پٿر وجي رهيا آهن؟ جي ها تہ خدارا اهي هڪوار سڀيئي مون تي وساءِ. يقين رک انهن جي ايذاءَ مان مون کي سرور ايندو ۽ انهن جي ٿيل

زخمن مان جيڪو رت نڪرندو سو گلن کان گهٽ رنگين نہ هوندو. پر توکي ڪهڙي پرواهہ. توکان شايد اهو بہ نہ پڇندو. ٺلهي ڇيڇلائڻ مان ڇا ورندو.

تنهنجو مضمون ٻن حصن ۾ آهي. پڇاڙيءَ وارو حصو نهايت سٺو آهي. خيال اٿم تہ آءٌ اهو وري نئين سر لکان، پر انهيءَ ۾ دير مدار ٿيندي. اڳيان تنهنجو ڏاڍ ڏمر سجهيم ٿو. بهتر ٿئي تہ اهو تون پاڻ پنهنجو ويهي ٻيهر لک ۽ مون ڏانهن موڪل.

رزلٽ تہ دستور مطابق نڪري ها، پر هن سال اها ڊئريڪٽر جي آفيس ۾ چڪاس هيٺ آهي. منجهس غلطيون آهن، جن جي درستيءَ تي ڪافي ڇڪتاڻ ٿي آهي. جهڙيون حالتون آهن تہ آءٌ سمجهان ٿو تہ اهو اينڌڙ هفتي ۾ ضرور ظاهر ٿي ويندو. تڪليفون تہ برابر اجايون آهن، پر ڪير آهي جو هام هڻي؟

توهان جيڪي ڪراچيءَ تصويرون موڪليون هيون، تن جو ڇا ٿيو؟ تنهنجا ٻيا ڪهڙا حال آهن؟ ڪهڙيون مصروفيتون آهن؟ علي اڪبر جا سلام قبول ڪندا.

نيازمند

عبدل

(40)

حيدرآباد سنڌ
16/9/65

عزيز عبدالفتاح! خوش هجين شال.

تنهنجو نوازش نامو مليو. بر وقت جواب لاءِ مهرباني. منهنجي وجڻ ۾ اجان ڪافي رڪاوٽون آهن. 19 تاريخ اندر مون کي اُتي پهچڻو آهي. ڪوشش ۾ لڳو پيو آهيان. دعا ڪندا.

درخواست جي باري ۾ مون کي هيءُ چوڻو آهي ته هڪ سادي سودي درخواست D.E. Hyderabad ڪراچيءَ موڪل، جنهن ۾ جاڻاءِ ته ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ ڊرائنگ ماستريءَ جي جاءِ ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته عنقريب خالي ٿيڻي آهي ۽ بس. هن معاملي ۾ ڪابه پَس پيش نه ڪندا. جي قسمت ۾ داڻو پاڻي اوڏانهن جو آهي ته اتان وڃڻ شرط تو ڏانهن خط لکندس، پوءِ احوال ڏيندين ته جواب پيو ڏيندس.

توهان کي هرون پرون نارمل ڪلاس ۾ ڪونه رکندا ۽ جي رکيائون ته به مون لاءِ فخر جي ڳالهه تيندي. وڌيڪ پيار.

الراقم
ع. ق. شيخ

ريو آهي.....

ته هاڻي.... هاڻي توهين پنهنجي خبر چار ڏيو. هيترو وقت ته مون پنهنجي لباڙ پئي هنئي. اڄڪلهه جوش جنون ڪهڙيءَ ڊگريءَ تي بيٺل آهي؟ طبيعت ڪيئن آهي. مون ٻڌو هو ته جوهيءَ جو اسڪول گورنمينٽ ڪنيو آهي. آئيندي جا ڪهڙا پروگرام آهن.

ڪالهه هڪ همراهه توهان جون تصويرون هتان توهان ڏانهن ڪٽي ريو آهي. اميد اٿم ته اوهان کي پهچي وينديون. هن غير معمولي غفلت لاءِ درگذر ۽ معافيءَ جي درخواست آهي. براءِ ڪرم قبول ڪندا.

نيازمند

عبدل

(42)

حيدرآباد سنڌ
8/11/1965

توهان جو خط پهتو. تصويرن متعلق خبر پيم. بس پيرن هيٺان زمير
نڪري ويئي. مون کي ڪهڙيءَ ڳتيءَ ڪنيو جو ائين ڪيم. آءٌ نهايت شرمسا
آهيان جو هڪ اهڙي ماڻهوءَ تي ڀروسو ڪيم جو سچ پچ ڀروسي ڪرڻ
جهڙو نہ هو.

توهان جي ناراضگي ۽ ڪاوڙ برحق آهي. اهو ڏوهہ منهنجو ئي ڇٽبو
مون کي تہ ڪا واهہ ئي ڪانہ سجهي جو هن همراهہ مان ڪا اميد رکان ۽
توهان کي ڪو تسلي بخش جواب ڏيئي سگهان. پنهنجي وس کان ڳالهہ
نڪري وجي، ٻين بيدردن جي حوالي ٿي.

آءٌ ڪيس خط لکي رهيو آهيان. ڏسان ڪهڙو جواب ٿو ڏئي. جواب
ڪهڙو ڏيندو؟ پر ٻيو ڪو رستو هجي تہ مون کي ٻڌائيندا. آءٌ پنهنجي سم
جيڪي ٻچي سگهندو سو اکين سان ڪندس.

وڏيڪ ڇا لکان. نهايت شرمسار آهيان.

نيازمند
ع. ق. شيخ

(43)

حيدرآباد
25/11/1965

توهان جو خط مليو- مهرباني. سڄي حال احوال کان واقف ڪيو اٿوَ. مون کي افسوس تہ رڳو اهو آهي جو هن ڪتراڱ جو بنيادي ڪارڻ تہ آءُ ئي آهيان. سزا اصلي گنهگار کي ئي ملڻ گهرجي.

باقي ڳالهہ رهي هُن دوست جي، مون کي بہ اوهان وانگر هن جي ڳالهين تي اعتبار ۽ ڀروسو نٿو اچي. البت ازلي نيڪي جيڪا هر ڪنهن جاندار ۾ موجود آهي، تنهن جي وجود جي آزمائش باقي آهي. ڪاٺي کي ڪاٺو چوڻ ۾ سو بہ منهن تي ڪا بهادري ڪانهي.

هن دنيا ۾ اسين سڀئي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين مڪار آهيون، ڪي گهٽ ڪي وڌ. ڇنڊل ۽ پاڪ پوتي ڪير آهي. پوءِ هن فريب جي نگريءَ ۾ ڪوئي معصوم حرص و هوس جي ناپاڪ ڄار ۾ ڪٿي اٽڪي پوي تہ ان جو ڪهڙو علاج؟ زخم جي ملم پٽي ۽ آئينده جو احتياط. خير اهي تہ آهن ڳالهيون. ذاتي واردات تہ پاڻ تائين محدود هوندي آهي. تماشبين تہ بڪواس ڪندا آهن. آءُ تہ ٺيس تماشائي.

بهرحال مهرباني ڪري تصويرن جي قيمت جيڪا ملي بہ سگهي سا ڀڏائيندا تہ وري آزمائي کي آزمائي ڏسجي. وڌيڪ هن ڪارڊ تي ڇا لکان؟

الراقم
ع. ق. شيخ

(44)

30/11/1965

هن کان اڳ ۾ ڪارڊ لکيو اٿم، جو اميد تہ پهتو هوندو. جواب جي انتظار ۾ آهيان. مهرباني ڪري پهرينءَ فرصت ۾ حال احوال ڏيندا تہ بهتر.

ٻيا ڪهڙا حال آهن. اڄڪلهہ ڪهڙي مصروفيت آهي؟ ڪيترائي دفعا ائين دل ۾ آيو اٿم تہ توکي چوان تہ تون مئٽرڪ جو امتحان ڏي. پر پوءِ خبر ناهي ڇو ائين هيسين تائين ڪري نہ سگهيو آهيان. اها گستاخي هن پيري ٿي رهي آهي. ڇا توهان هن باري ۾ ڪڏهن سوچيو آهي؟ اوهان جي هن متعلق ڪهڙي راءِ آهي؟

جڏهن آءٌ پنهنجي شخصي زندگيءَ ڏي ڏسان ٿو تہ اها ڳالهہ چٽي پئي ڏسڻ ۾ اچي تہ جيڪڏهن آءٌ نئين هوندي مئٽرڪ پاس ڪريان ها تہ زندگيءَ ۾ بهتر موقعا ملن ها. جڏهن ٻين دوستن کي ڏسندو آهيان تہ لياقتن هوندي بہ پنهنجي علمي لياقت نٿا وڌائين، تڏهن ارمان ٿيندو اٿم.

وڌيڪ ڪا نئين خبر چار هجي تہ لکندا.

الراقم

ع. ق. شيخ

ڪائنات کان محروم_ بدنصيب_ پنهنجي ڪئي جو ڪھڙو ويچ ۽ ڪھڙا علاج؟ ٿهر درويش بر جان درويش ۽ بس.

واھ واھ اوهان نيون تصويرون ٺاهيون آهن. مبارڪ مبارڪ. فنڪار جي انفراديت, اجتماعيت کان ڪيئن جدا ٿي سگھي ٿي. اصل نہ فرد ٿئي اجتماعيت جا جزا آهن ۽ جزا, "ڪل" جو حصو. ڪافي عرصو ٿي ويو آهي تہ نہ ڪا ملاقات ٿي آهي ۽ نہ وري توهان جي ڪم ڏسڻ جو وجھہ مليو آهي. ڇا ڪجي؟ وڏڻ وارا اڳيئي وڌندا رهن ۽ پوئتي بيهڻ وارا, پٺتي رهجي وڃن ٿا. شل اوهين زندگيءَ جي قافلي ۾ اڳيان اڳيان ۽ اڳتي اڳتي رهو.

Second LLB جي تياري آهي. تازو سکر ويو هوس. C.T امتحان جي سلسلي ۾ چار ڏينهن علي اڪبر سان گڏ هوس. اڄڪلھہ هتي ڪافي گرمي آهي. ٻيا مڙيئي خير لڳا پيا آهن. توهان لاءِ پيار.

الراقم

ع. ق. شيخ

(46)

1/6/1966

توهان جو ارشاد_ نمائش واقعي ٿي رهي آهي. پهريون مدو وڌايو اٿن. تاريخن جي مون کي خبر نہ آهي. هن نمائش جي مون کي بہ ٻين کان خبر پئي، پوءِ انصاري صاحب 'سيڪنڊري بورڊ واري ڪان' تصديق ڪيم.

اوهان اچو تہ ڏاڍو سٺو. ملاقات ٿيندي. باقي رهيو انعامن جو سوال، اهي تہ اهڙا ڪونهن.

الراقم

ع. ق. شيخ

(47)

حيدرآباد
8/6/1966

ڪاليج هونءَ بہ بند آهي. پر آفيس بہ پٽائي صاحب جي ميلي ڪري بند هئي. ڪالهہ شام جو توهان وارو خط پهتو. مهرباني- پنجينءَ تاريخ توهان جو انتظار ڪيم، مگر خط ملڻ کان پوءِ اهو انتظار بہ ختم ٿي ويو.

مون تہ توهان کي جهليو ڪونہ هو. بهاني واري ملاقات ئي سهي. جي تصور وري اوهان جي ياگيريرين کي تازو ڪيو ۽ بس. وري اهائي محرومي! قسمت کي ائين ئي منظور هو نہ پر حالات اهڙا ئي ٿيا. ڇا هر مجبوريءَ جي پويان مفلسي هڪي تڪي بيٺي آهي؟ واقعي اڪثر زندگيءَ کي انهيءَ جو ئي شڪار ٿيڻو ٿو پوي.

لالچ ۽ حرص بہ تہ انهيءَ ڪري ئي پيدا ٿو ٿئي. انسان جو ضمير انڌو ۽ گونگو ٿيو پوي. لعنت آهي غربت تي. اسان جو وطن ۽ اسين خبر نہ آهي، انهيءَ قيد مان ڪڏهن آزاد ٿينداسين؟

توهان انسان کي لالچي ۽ حريص سڏيو آهي. واقعي سچ آهي پر مفلسيءَ کان قطع نظر هر انسان، احساس خود نمائيءَ ۾ مبتلا آهي. اهو احساس فطرت طرفان عنايت ٿيل آهي. اهُو احساس، جي هرون پرون حدون نہ اُڪري تہ همدرديءَ طور ان کي نظر انداز ڪري سگهجي ٿو.

مرحبا، شابس هجي توهان جي عزم، ارادي ۽ همٿ کي. شل توهان جو حال توهان جي مستقبل پيغام ٿئي- آمين. شل خوش هجو. اڄ پنهڻ صاحب صبح جو سويري اچي در ڪڙڪايو. چي: اتي ٽريننگ ڪاليج ۾ نمائش ڪرڻي آهي. هن صاحب اها بہ ڳالهہ ڪئي تہ هو مائٽن ڏانهن، محمد وريل کي فون ڪري ڪانئس ڪجهہ تصويرون گهرائيندو. نئين ڊئريڪٽر

صاحب جن کي خوش ڪرڻو اٿس. آءٌ تہ انهن مهراڻ آرٽ سرڪل وارن جو ٿورو گهڻو واقف آهيان.

تازو هينئر خيرپور ميرس کان بہ محترمائون مذڪوره نمائش لاءِ سامان کڻي آيون آهن.

توهان جي صحت ڪيئن آهي؟ ۽ توهان جا ٻيا ڪهڙا حال احوال آهن؟

الراقم

ع. ق. شيخ

ڪيترين ئي ڳالهين ناروا نظر ايندين. پر انهيءَ وبال هوندي به زندگي جيڪا هڪ دفعو نصيب ٿئي ٿي سا حسين ۽ جميل آهي.

هڪڙي ئي ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي سا آهي ته هڪڙو ظلم ٻين جي طرفان ٿو ڪيو وڃي ته ٻيو ظلم اسين به پاڻ سان ڪيون ٿا. سمجهو ۽ سياڻو ماڻهو جيترو بچاءُ ڳولي سگهي ٿو اهو هٿيار ڪري ٿو ڪم آڻي. باقي نادانسته مريو ڪپيو وڃن.

مختلف سبب ٿي سگهن ٿا ته ماڻهو ڇانهن ۽ ٻيڙي ڇو ٿا پين. يا شراب ۽ نشو ڇو ٿا استعمال ڪن يا ٻيون ڪي عادتون ڇو ٿا پرائين؟ عادت ۽ قوت فيصله ۾ ڇڪري پوءِ ٿي لڳي. پوءِ انهن مان جيڪا وڌيڪ پختي هوندي اها زور ٺيندي. ضمير ۽ وويڪ به ته عقل وارن جو ساٿي آهي.

ڀڻ ٻري ۽ سٺي جو فرق ڇا جو ۽ ڇا لاءِ؟ قدرت جي ڪارخاني ۾ ڪابه شيءِ ٻري ڪانهي. اها تفريق انساني آهي. سماج جا پيشوا خود غرضيءَ سان احتساب ڪندا آهن. پوءِ منصفي ۽ عدالت جي فيصلي جي حقيقت ڪهڙي؟ الزام، سزا ۽ جزا ته پوءِ بي معني آهن.

اسين ڇو اهڙن ڪوڙن پيمانن سان پاڻ کي ماپي گنهگار ڇو سمجهون پاڻ کي؟ دوست تنهنجو ڪوئي ڏوهه نه آهي. هيءَ ذهني انتشار اسان کي سونپيو ويو آهي ۽ اسان لاءِ پيدا ٿيل آهي. اها امانت ڏٺين کي موٽي ملڻ گهرجي يا انهيءَ کي حقائق جي روشنيءَ سان ڏسي ڪو سمجهو تو اهڙو ڪجي جو گهٽ ۾ گهٽ هيءَ عارضي زندگي زحمت ته نه بنجي پوي.

پر ڪي ڪي مست اهڙا به آهن، جو رنج کي راحت ٿا سمجهن. پاڻ کي پرچائڻ لاءِ ڇا ڇا نه ٿو ڪرڻو پوي. ڇڱو سائين! هاڻي خدا حافظ.

الراقم

ع. ق. شيخ

(49)

ٽريننگ ڪاليج فارمين
حيدرآباد سنڌ
20/2/1967

جبران جيڪي شاديءَ ۽ نڪاح بابت فرمايو آهي، اهو هن جو پنهنجو ذاتي خيال آهي. ساڳيءَ طرح انهيءَ موضوع تي اوهان بہ پنهنجو اظهار ڪيو آهي. اهو اوهان جو پنهنجو انفرادي خيال آهي. حقيقت اها آهي تہ جبران خود ڪيترا عشق ڪيا، پر باوجود ڪوشش جي شادي نہ ڪري سگهيو هو.

لطيف فنڪار، مصور، شاعر، اديب، بت ساز رقاص ۽ سازندہ ۽ انهن جي تخليق ۽ فن پارا تہ هڪ پاسي، پر هو هڪ جاندار جو وڏڻ ويجهڻ، اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، ڪاڏا پوشاڪون، گهر ۽ ملڪيتون صرف هڪ جنسياتي تسڪين جي تمنا جون ڪرامتون آهن. هي خيال بہ اسان جهڙن انسانن جا ذاتي خيال آهن. جيترا منهن اوتريون ڳالهيون.

اسان جي پاسي جي هڪ سؤ فيصدي سچي ڳالهہ آهي. هڪ سردار بهادر ۽ جاگيردار جي نوجوان پٽ جي اولادي زال ڪوئن مان، سؤ سؤ جي ساون نوٽن جي پريل سوٽ ڪيس سان هڪ پنهنجي ئي معمولي ملازم موٽر ڊرائيور سان فرار ٿي ويئي. بدقسمتيءَ سان ڊرائيور ۽ هوءَ جهلجي پيا. موٽر ڊرائيور کي مارايو ويو ۽ هوءَ جاگيردار جي ننهن اڃان بہ زنده آهي.

ڪنهن ابهري ۽ ناتجربيڪار فقط "چيري" جو لفظ ٻڌو پر ڪجهہ وقت ٿيو تہ هڪ جج صاحب تي هڪ پوڙهيءَ زوريءَ زنا جو مقدمو داخل ڪيو.

عشق ۽ محبت جو ڪو دؤر هو ۽ هن وقت ڪو ان ۾ مبتلا ٿو ٿئي تہ محض بيوقوف ۽ خالص نادان ئي چئبو.

ڪا ڪم جي ڳالهہ ڪر. معمولي ۽ رواجي ڳالهين ۾ اٽڪي خوامخواهہ دربدر ٿيڻ مان ڇا ورندو...؟

هائو برابر سماج ۾ ڏاڍا ڏاڍ پيا ڪن ۽ هيٺا پيسجيو وڃن. پر ائين هميشہ اها اُرهہ زورائي ڪيسين قائم رهندي؟ حقيقتن کان آگاهي ظلم ۽ جبر کي ننگو ڪري نابود ڪندي.

هڪڙا انسان قدرت کان مليل ڏات يعني عقل کان ڪم وٺندا آهن. ٻيا ٻين جي هدايتن تي ۽ تجربن کان فائدو پرائيندا آهن. ٽيان وري غلطيون ڪري سکندا آهن. پر انهن انسانن کي ڇا ڪجي جي نہ عقل کان ڪم وٺن، نڪي ٻين جي ٻڌن تہ ساڳئي وقت غلطيون ڪري ڪري وري بہ ساڳيون نادانيون ڪندا وتن.

ڏاڍو همت کان ڪم ورتو اٿئي. سگريٽ پيئڻ ڇڏي ڏنا اٿيئي. مون کي تنهنجي هن بهادريءَ تي رشڪ ٿو اچي. مون ۾ بہ اها بري ۽ نقصان ده عادت آهي، پر ڇا ڪجي پاڻ بنهہ بيوس ٿي پيا آهيون.

هينئر مون کي البتہ ڪجهہ فرصت آهي. انهيءَ ڪري آئينده جلدي جواب ڏيندس. اميد اٿم تہ جلدي جواب سان نوازيندا.

سچي! تازو پرنسپال صاحب هڪ هال کي سينگارڻ جو حڪم اوچتو ڏنو. رکيل سامان ڳوليم ۽ حڪم جي پيروي ڪيم. تصويرن ۾ اوهان جون بہ تصويرون آهن، جي هن چڱي مڙس کي شايد ڏيڍ وسري ويون هيون. تازو لاهور سيڪريٽريٽ مان هڪ تعليمي سيڪريٽري وارد ٿيو. هن صاحب توهان جي تصويرن جي تعريف ڪئي.

الراقم
ع. ق. شيخ

(50)

حيدرآباد سنڌ
3/3/1967

عشق ۽ محبت جو موضوع ئي اهڙو آهي، جنهن تي بيشمار ڪاغذ ڪارا ٿيل آهن ۽ جيسين انسان جيئرو آهي، اهو سلسلو هلندو ايندو. مون کي خبر نه آهي ته ڪهڙي وڏي تقرير ڪئي آهي. ڪجهه به ڪين لکيو هوم، صرف پنهنجي پنهنجي پسند جا مثال هئا.

مون کي ته خبر ئي نٿي پوي. مهرباني ڪري مون کي سمجهائيندا ته انسان سکي ڪيئن ٿو؟ غلطيون ڪير نٿو ڪري. پر والله مون ته هميشه دوستن کي ڪڏهن به مجبور نه ڪيو آهي ته هو ڪي منهنجي نقش قدم تي هلن. البت ايترو ضرور تصور وار آهيان ته جن کي پنهنجو سمجهندو آهيان، تن کي البت عقل، فهم ۽ فڪر جي نظر سان ڏسڻ ۽ معاملي سمجهائڻ لاءِ حجت ضرور ڪندو آهيان.

ارمان رڳو اهو آهي ته اهي هجتون صرف خالي آواز بنجي هوا ۾ تحليل ٿي وينديون آهن. 'چري ڪيئن' چي ويران وير وڏ'. جواني زندگيءَ جو زرين دؤر آهي ۽ اهو جيڪڏهن بيڪار ۽ بيسود بيوقوفيءَ ۾ گذري وڃي ۽ پوءِ ان کي فطرت جا اڻ ٽر فيصلا قرار ڏيئي معصوم ۽ بي قصور بنجي، مستقبل کي برباد ڪري، هِن هُن ۽ سماج کي برو پلو چئي، همدرديءَ لاءِ واجهائيندو وتي، اهڙو ماڻهو سواءِ پنهنجي ڪنهن ٻئي کي ڏوهه ڏيئي به ڪيئن ٿو سگهي.

توهان اهڙا فقير ڏٺا هوندا جي زخمن جا خود ساخته ناسور ڪنيو ڏاهيو پنندا وتندا آهن. اسان جي دل ڦٽنڪ ۽ مجنون مزاج دوستن ۽ اهڙن فقيرن ۾ مون کي ڪوبه فرق نظر نٿو اچي. جڏهن زندگيءَ جي اڳيان ڪو مقصد ۽ اعليٰ مقام ئي نه آهي ۽ نه وري ڪا آرزو عظيم تر آهي، ته پوءِ

مڙي انسان مان ڪھڙي اميد رکي سگھبي ۽ ان تي ڪھڙي هجت هلائي
سگھبي. زندگي تہ جانور بہ پيا گذارين، پر جانورن ۽ انسانن ۾ فرق نہ رهيو تہ
وءِ انسانيت جي دعويٰ ڇا تي.

توهان جي بيماري دوائن مان ڪانہ لهندي. جيڪا ڳالهہ وس کان
اهر نڪري ويئي، انهيءَ تي صبر ڪبو. هيتايون ۽ مٿاهيون زندگيءَ ۾
وندديون آهن، دلير ۽ باهمت انسان اڳتي هلندا ئي رهندا آهن.

علي اڪبر سکر آهي. موڪل تي آهي. اُتي ڪنهن ڪارخاني ۾
Commercia ڪم ڪري رهيو آهي. دربدر ۽ پريشان خاطر بي چين ۽ بي
. تازو B.A پاس ڪري چڪو آهي. بس ڳالهہ مڙيئي ساڳي آهي. خط پٽ
وآهي. پيا مڙيئي سک لڳا پيا آهن. ٽيچرس ڪلاس جا امتحان ڇهين
رچ کان شروع آهن.

تو لاءِ پيار

الراقم
ع. ق. شيخ

ٽان سواءِ ٿوري جرات به گهرجي.

برھائے ہاتھ جو، تو مینا اُسی کی ہے۔

پر سائين! هتي اسان جي پنهنجي حالت ڇاهي؟ اهو ڪرشمو آهي جو اسين جيئرا آهيون. ورنه جتي 95 سيڪڙو ماڻهن کي پورو کاڌو ۽ پوري ربيت ئي ميسر ناهي ته اتي اهڙن ماڻهن وٽان يا انهن مان ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. پر زندگيءَ جو لاش اسان جي ڪلهن تي رکيو آهي، ۽ هن حسين ۽ دلفريب دنيا ۾ جيڪو دم گذري، غنيمت آهي.

جيڪو به وقت اسان کي مليو آهي، جي ٿوري گهڻي ۽ وقتي جدوجهد سان بهتر ٿي سگهي ته ان ۾ ڪهڙي اربع خطا آهي.

هونءَ ئي دنيا ۾ ٿورا عذاب آهن. پر جي اسين پاڻهئي پاڻ کي ڪنهن ۾ ڪيرائي پاڻهي پاڻ کي برباد ڪرڻ ۾ اڳتي وڌون ته پوءِ اهڙن کي ڪير ڍهليندو پليندو؟ مسخري وانگر ”مون کي جهل پل نه ڪجو آءٌ پنهنجي ۽ ٿي پاڻ هي ٿو ٻوڙيان.“

شل نه ڪو پنهنجي پاڻ جو دشمن ٿئي.

دوستا! منهنجي ته دعا آهي ته شل نه ڪو توکي ڪوسو واءُ لڳي.

پاڻ امين ٿي احتساب ڪر. ٻين کي ميار ڏيڻ بدران جيڪي وس آهي، تنهن سان ته نباهه ڪر. سياڻي نادان ٿيڻ مان ڇا هٿ

حصل؟

الراقم

ع. ق. شيخ

يوقوفيءَ وارو ضد چڙي، انهن کي چونڊ وري پنهنجو ڪجي. چني ته هر ڪوئي سکهي ٿو پر 'ڪرڪا ڳنڍڻ جي ڳالهه' چونڊ آزمائجي، ٻه چار اکر عتراف جا ڪري خلوص سان ڪين پرچائي سگهجي ٿو. آخر دوست ڪهڙو ئناهه ڪيو جو تون انهن کي سزا ڏيئي، خوش پيو ٿين؟

هاڻي منهنجا احوال ٻڌو. اٽڪل چئڻ مهينن کان بيمار هوس ۽ ريشان پڻ. علاج مان ڪجهه نه وريو. نيٺ جڏهن تجزيو ڪيم ته قصو اهو هو. "قاضي جي دبلے کیوں! جي شهر کے اندیشے!" انهن انديشن کي ذهني طور ڦٽو ڪري ڇڏيو اٿم ۽ هاڻي بلڪل ٺيڪ ۽ تندرست آهيان. ڇاجون دوائون ۽ ڇا جو علاج!

نمائش جو اعلان ڪيو هيوسين، پر پوءِ ڪن سببن ڪري نه ٿي ۽ هن سال نه ٿيندي. تنهنڪري سمجهي وڃو. دعوت ڏيئي به ڇا ڪجي ها. هن سال شاگرد مارچ بدران اپريل جي پڇاڙيءَ ۾ وڃي رهيا آهن. نيون داخلائون پهرينءَ مئي کان آهن.

آءٌ سياڻي سکر وڃي رهيو آهيان. جتان گهٽو ڪري آچر يا سومر ڏينهن موٽندس. پوءِ اچي تنهن جي One man show لاءِ ڪوشش ڪري، تو ڏانهن اطلاع موڪليندس. پر تنهنجي رضامندي ضرور گهرجي.

سگريٽ ڇڏي وري شروع ڪيا اٿئي، چڱي ڳالهه نه ناهي. بس توڙيءَ ڳالهه تان ٽڙڪي پيو آهين. هيڏانهن ڏس. تورو— تورو مسڪراءِ! چڱو— خدا حافظ

الراقم

ع. ق. شيخ

(53)

حيدرآباد سنڌ
13/5/1967

تنهنجو خط مليو هوم تہ چيم، هن خط جو جواب جلدي ڏيندس. پر جلدي اِها ٿي آهي جو پورا ڇهہ ڏينهن گذري ويا آهن. اج سياٽي ڪنديءَ خير هيترن ڏينهن جي تياريءَ کان پوءِ هيءُ خط لکڻ لاءِ ويٺو آهيان.

نوان شاگرد اچي ويا آهن. انهن کي ڪم سان لڳائي ڇڏيو اٿم تہ جيئن آءٌ ڪجهہ عرصو پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪو ڪم ڪري سگهان. ها تہ هاڻي توسان مخاطب آهيان. معاف ڪجوءَ توهان جو خط پڙهيم. جدا جدا، متضاد خيال. سيئي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ٺيڪ. پر هڪيئي جي ابتڙ پوءِ! ان مان ڪهڙو نتيجو ڪڍجي.

هن زماني ۾ اهڙو ڪو خوش نصيب ماڻهو ڪوبہ ڪونهي، جنهن کي هڪ نہ ٻي ڳڻتي، فڪر ۽ پريشاني نہ هجي. پر فرق رڳو اهو آهي تہ:

*گياني، مورکھ، دو جنے، دکھ دونوں کو ہوئے،*

*گياني کاٹے گيان سے، مورکھ کاٹے روء۔*

عجب آهي تہ زندگيءَ کي خواب سڏيو ٿا. هائو هوندو، اوهان کي ائين ئي ڏسڻ ۾ ٿو اچي. برابر! زندگيءَ جا حالات اهڙا آهن جو اُها جاودان نہ آهي. پر جيڪو محدود عرصو ملي ٿو انهيءَ تان سڀ ڪجهہ گهوري ڇڏجي!. دوست، هيءُ ۽ اهي يا اهڙيون ٻيون ڳالهيون توهين اِنهن کي نصيحتون سمجهيو ويٺا آهيو! ايترو جذباتي ٿي، ڪڏهن جيڪي ۾ جيئڻ وٺي ٿو سو سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ يا ٻنهہ هوشيار ٿي سيڪجهہ چئي ويهين ٿو! نتيجو ڇا نڪرندو ۽ ڪهڙو نڪري رهيو آهي؟

توهان جو چيو ڪيئن موٽائي سگهندس؟ آءٌ تو وٽ اچڻ لاءِ تيار ميان. پر هڪڙو شرط آهي. شرط اهو آهي ته اوهين دل کولي مون سان سيئي لهيون ڪندا. جي هيءَ ڳالهه منظور هجي ته ٻڌائيندا. تصويرون به ضرور سبيون، اها تي جدا ڳالهه.

مهرباني ڪري دادو پهچڻ لاءِ ضروري هدايتون. گاڏين وغيره جي وقت بت احوال، ڏيندا ته احسان. زياده خيريت و سلام

الراقم
ع. ق. شيخ

(54)

حيدرآباد سنڌ
2/7/1967

توهان ڏي خط لکڻ جو ارادو هو پر خود ساخته مصروفيت ۽ دنيائي هڻ وٺا توهان کان موٽندي، تيارين ۾ لڳي وياسين. ٻه پراڻا شاگرد ۽ ٽيون صاحب.

نمائش جي افتتاح تي ڪافي ماڻهن جو هجوم هو. ريڊيو رپورٽ توهان ٻه ٻڌي پر مون نه ٻڌي. اخبار ۾ به ڪجهه تفصيل توهان ڏٺو آهي. اهي سڀئي رسمي ڳالهيون آهن.

هڪ صحيح فنڪار کي انهن ڳالهين کان برتر ۽ بالاتر ٿي ڪم ڪرڻو آهي. انعامن ڏيڻ جو فيصلو جسٽس فيروز نانا صاحب ڪيو هو جو سندس ذاتي پسند مطابق ٿي هو. گهڻو ڪري جن به تصويرون ڏنيون آهن، تن سڀني کي حصه رسد انعام ڏنو ويو آهي.

ٿورو وقت ٿيو ته آءٌ ۽ مهدي گڏجي ويا هئاسين ته جن دوستن کي انعام نه مليا آهن، تن کي جلدي ڏنا وڃن. پر صاحب موصوف سان ملاقات نه ٿي سگهي. ٿلهيون چانهيون پي، پين سان ڳالهيون ڪري، خط ڇڏي موٽي آيا آهيون. انعامن جي وچور ٻڌو:

پهريون انعام =/150 رپيا، ٻيو انعام =/100 رپيا ۽ ٽيون انعام =/75 رپيا. اوهان جي قسمت ۾ چٽبو =/75 رپيا آيا آهن. باقي ڪن کي =/50 رپيا ۽ ڪن کي ٽيهه رپيا. هتي هڪ دوست توهان جي تصويرن مان هڪ تصوير خريد ڪرڻ جو انجام ڪيو آهي ۽ ٻن ٽن تصويرن ڇپائڻ جو پڻ ارادو ڏيکاريو آهي. پر آخري طور طئي نه ٿي سگهيو آهي ته ڇا ڏيندو ۽ ڪهڙي

تصوير ٿو پسند ڪري. جيڪي بہ سمجهدار ماڻهو هئا، تن توهان جي تصويرن کي ساراهيو آهي.

اسان جي پرنسپال انهيءَ نمائش واري هال کي مستقل آرٽ گئلري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جن دوستن هن نمائش ۾ حصو ورتو آهي، تن کان گهٽ ۾ گهٽ رضامندي سان هڪ تصوير بخشش ۾ وٺڻ جو ارادو آهي.

جميل ۽ سائين وريل جي تصويرن بہ ماڻهن جو ڪافي ڌيان ڇڪايو.

سائين ورِيل ۽ توهان کي ڏسي رحم ٿو اچي. پر ڇا ڪجي. نفسياتي بيمارين جو علاج نفسياتي طريقي تي بہ ٺيڪ ٿي سگهي ٿو. نفسياتي ڳالهہ توهان کي الائجي ڇونہ ٿي سمجهہ ۾ اچي. قدرت انسان کي ڪافي قوتن سان مالا مال ڪيو آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن انسان جي ذهن ۾ هڪڙا غلط مفروضا ويهي رهن ٿا تہ هو اٽڃاٽائيءَ وچان پاڻ ئي پاڻ کي وڏو ڇيهو ۽ نقصان پهچائي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾ قصور ڪنهن جو؟ توهان خود لکيو آهي- ”مگر مان سمجهان ٿو انهن پريشانين جو ڪهڙو حل!! جن جو ڪوئي حل نہ آهي.“

سائينءَ منهنجي کي ڇوان خدا جا بندا، جن پريشانين جو ڪو حل ئي ڪونهي، تہ پوءِ انهن لاءِ پريشان ٿيڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي مجبور سمجهڻ ۽ ساريءَ دنيا کان الڳ ٿي رکو انهيءَ مسئلي کي ڪڇيءَ کان جهلي ويهي رهڻ عقلمندي تہ نہ آهي، ۽ وري ڦري گهري موت جي آرزو ۽ تمنا ڪرڻ ڪيڏي نہ وڏي ناداني ۽ ابتي ڳالهہ آهي!

پيارا!! هن رنگين دنيا ۾ هڪڙو دم جيئرو رهڻ وڏي غنيمت آهي بشرطيڪ زندگيءَ جي حقائق کان آگاهي هجي. لاهين چاڙهين کي مڙس ٿي منهن ڏيو نہ ڪہ هاراءِ بازيگر وانگر هار کان پوءِ مايوس ٿي ويهي رهڻو آهي. قدرت اوهان کي ذات سان نوازيو آهي. جيڪو قدم کڻو سو اڳتي ۽

اڳتي ٿي هجي. وڌيڪ ڇا لکان؟ جيڪي ڪجھ لکڻ چاهيم ٿي سو سچ پچ تہ نہ لکي سگهيو آهيان. تنهنڪري معذرت خواهہ آهيان.

”سهڻيءَ“ جو رسالو موڪلي رهيو آهيان. انهيءَ ۾ هڪ ڪهاڻي آهي، جا مون پنج سال اڳ ۾ لکي هئي. پنهنجي ڪهاڻين جي مجموعي ڇپائڻ جو خيال آهي. مذڪور ڪهاڻيءَ کي خيال ۾ رکي ڪا تصوير تہ ٺاهي ڏيو جا سرورق طور ڪم اچي سگهي؟ ڪتابڙي جي اصل سائيز 7.5x5 انچ آهي. بلاڪ لاءِ تصوير گهربل سائز کان ڏيڍوڻي يا ٻيڻي ڪري ٺاهبي آهي. تصوير ٻن رنگن ۾ هجي. سيني دوستن کي سلام.

تنهنجو

ع. ق. شيخ

(55)

حيدرآباد سنڌ
20/7/1967

واقعي هن دنيا ۾ تڪليفون ئي تڪليفون آهن. اٽندي ويهندي، ڪائيندي سمهندي، اها تہ اصل ۾ ازل کان اسان جي قسمت ۾ آهي. پر ويچار ڪري ڏسو ماضيءَ ۾ انهيءَ کان بہ وڌيڪ تڪليفون هيون. وقت گذرڻ سان انسان جي همت ۾ جستجو گهڻيون آسانيون پيدا ڪري ڇڏيون آهن.

هاڻي بہ اهڙين حالتن کان نجات حاصل ڪرڻ جو اهوئي واحد طريقو آهي تہ جدوجهد جاري رکجي ۾ همت کي هٿان نہ ڇڏجي. هتي بہ ڀن ٽن ڏينهن کان سخت گرمي آهي. رات مينهن پيو آهي. جنهنڪري البت ٿڌڪار آهي.

مان وري نمائش جي ڪرتا ڌرتا کي پڏائيندس تہ انعام اجا تائين نہ پهتا آهن. اڪبر جي ائڊريس هن ريت آهي. هو هينئر لاهور يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺڻ جي چڪر ۾ آهي. ٿل سندس ڪوششون صاب پون:

Ali Akbar Mangi
Artist
C/o Mr. Abdul Aziz Mahar
Post man, General Post Office Sukkur @ Sukkur

وڌيڪ هن وقت لکي نٿو سگهان. معاف ڪندا. ٿل خوش هجو.

سيني دوستن کي سلام

الراقم
ع. ق. شيخ

(56)

حيدرآباد سنڌ
8/8/1967

معاف ڪجو توهان کي بروقت جواب نہ ڏيئي سگهيو آهيان. هتي سائين وريل آيل هو. هن کي تہ انعام جا پئسا ملي ويا. هتي بہ چار دفعا لاڳاپي رڪنڌڙ صاحبن کي پئسن رواني ڪرڻ لاءِ عرض معروض ڪيو ويو آهي، جي "موڪليون ٿا. مني آرڊر ڪيو اٿئون. سيئي مني آرڊر واپس موٽي آيا آهن. ڊاڪٽر بلوچ وٽ پئما آهن" وغيره وغيره. انهيءَ سلسلي ۾ بهتر ائين ٿيندو جو اوهان، ۽ جميل صاحب جي نالي تي هڪ هڪ ليٽر "ڪمشنر صاحب حيدرآباد، چيئرمن مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد" ڏانهن جلد از جلد روانو ڪريو تہ جيئن وڏن ماڻهن جون اهڙيون سستيون متعلق آفيسرن جي ڌيان تي اچي سگهن. ليٽر ۾ ائين چاڻائڻ گهرجي تہ "مهراڻ آرٽ ڪائر... ل نمائش ڪري فنڪارن کي همٿايو آهي، انعام ڏيڻ جا اعلان بہ ٿيا. جيڪي بہ چار حاضر هئا، تن کي مليا. باقي ٻاهر وارن کي اڄا تائين ڪجهہ بہ نصيب نہ ٿيو آهي. ذاتي طرح ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ انهن جي ڪارڪنن کي زباني چيو ويو آهي، پر هيسين تائين حيدرآباد کان ٻاهر رهندڙن کي رڳو دلاسي تي ۽ ڏنن تي رکيو پيو وڃي. پلا اها بہ ڪا ڳالهہ جو مني آرڊر ڏين ۽ ڪنهن هڪ کي بہ نہ ملي. وغيره وغيره. هن معاملي جي تحقيق ٿيڻ گهرجي ۽ جلدي جوڳو قدم کنيو وڃي."

مهرباني ڪري جلد از جلد اهي ليٽر رجسٽر ڪري روانو ڪريو.

توهان جي تصوير جي وڪري متعلق اڃا ڪو آخري فيصلو نہ ٿي سگهيو آهي، پر اميد آهي. ٽن تصويرن جي فوٽن ونڻ ۽ انهن جي ڇاپڻ جو فيصلو ٿيو آهي. ٻن چئن ڏينهن ۾ فيصلو ٿي ويندو.

ٻيلي هاڻي سستي ڇڏ، آب و هوا درست ٿي ويئي هوندي. هاڻ

افسانن واري مجموعي لاءِ ڪجهه ٺاهي ڏي.

ٻيا ڪهڙا حال آهن. توهان جي طبيعت ۾ تندرستي ڪيئن آهي؟ ڪالهه علي اڪبر هتي آيو هو. هو لاهور وڃي، اتي يونيورسٽيءَ ۾ فائن آرٽ ۾ داخلا وٺڻ جون تياريون ڪري رهيو آهي. عباس صاحب کي سلام ۽ ٻين توهان جي دوستن کي سلام.

نازمند

ع. ق. شيخ

قلم تازه:

وڪري واري تصوير "مارئي" واري آهي. تازو چاليهه کن هتي عورتون نمائش ڏسڻ آيون. مون کي ليڪچر ڏيڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ چيو ويو. تقرير ۽ سوال جواب ٿيا. هڪڙي ڇڪيءَ انهيءَ "مارئي" کي پسند ڪيو ۽ قيمت به پڇيائين. پر مون کين ٻڌايو ته اها وڪرو ٿيل آهي ٻي ڪا تصوير پسند ڪريو. پر پوءِ هن ٻي ڪابه تصوير پسند نه ڪئي ۽ نڪي وڌيڪ ڪڇيائين. صرف سرد آهه ڀري هلي وئي.

(57)

حيدرآباد سنڌ
30/8/1967

يادش بخيرا ڪافي ڏينهن گذري ويا آهن جو خط نه لکي سگهيو آهيان. وچ ۾ هتي ڪو عباس آيو هو. گهرتي به چار دفعا آيو هو شايد. پر بدقسمتيءَ سان آءٌ ٻاهر هوس جو ملاقات نه ٿي سگهي.

توهان جي تصويرن خريد ڪرڻ واري همراهه تازو پڇاڙيءَ جو ٿلهو جواب ڏيئي ڇڏيو. البت وڏين تصويرن جا فوٽا ڪيڏائي رسالي ۾ ڏيندو. مون کي افسوس آهي ڇا ڪجي جن وٽ پئسو آهي، اهي ايڏا پٿر دل ڇو آهن. آسري ۾ رکي رکي فوٽا ورتا ويا آهن، نه ته هوند آءٌ ته ڪيس فوٽا به وٺڻ نه ڏيان ها.

سائين وريل هتي آيل آهي. ڪيس چيو هوم ته ڊاڪٽر بلوچ وٽ وڃي. رات مليو هوس ۽ ٻڌايائين ته مني آرڊر رسيد ڏيکاريائون. هاڻ ته پئسا مني ويا هوندا ۽ شايد خرچ به ٿي ويا هوندا.

پنهنجا حال اهي ئي ساڳيا آهن. زندگيءَ کي پيو گهلجي يا زندگي پئي اسان کي ڇڪيو هلائي. غنيمت اها آهي بس زنده آهيون.

توهان جا ڪهڙا حال آهن؟ پيلي افسانن جي مجموعي لاءِ ڪا ڪور ڊزائين ٺاهي ڏي. علي اڪبر کي به چيو هوم، پر هائو جي بڪ ڪانهي.

ها، علي اڪبر لاهور وڃڻ لاءِ بلڪل تيار ويٺو آهي. ٻن ٽن هفتن ۾ وڃي لاهور جا وڻ وسائيندو. توهان جون تصويرون هاڻي بلڪل آزاد آهن. ڪنهن جي هٿان اوهان ڏي موڪليان؟

سيني دوستن کي سلام

الراقم
ع. ق. شيخ

(58)

حيدرآباد سنڌ
2/10/1967

اڄ اوهان جو ٻيو خط مليو آهي. وڏي مهرباني. توهان جي ناچاڪائيءَ جو ٻڌي نهايت افسوس ٿيو. تپ، بخار، ڪنگهه، زڪام ٿيندا آهن ۽ لهندا به آهن.

پر توهان جي تڪليف جو باعث اها ٿنگ ٿي آهي ۽ ان سان گڏ اوهان جي انتها پسند جذباتي طبيعت. انهن ٻنهي ڳالهين جو جيترو قدر صحيح علاج نه ٿيو آهي، حالتون ساڳيون ٿي رهنديون.

توهان جون تصويرون نه موڪليون اٿم. هن مهيني ۾ هن گرلس ڪاليج ۾ "بانو بازار" لڳي رهي آهي، جتي تصويرن جي نمائش ۽ خريد فروخت پڻ ٿيندي. توهان جون تصويرون اتي هجڻ گهرجن. پوءِ ترت ٿي واپس ڪبيون. اميد اٿم ته اها هجت ناگوار نه گذرندي.

ٻيو ساڳيو حال آهي پنهنجو پيا گهلجون. دعا ڪندا.

الراقم
ع. ق. شيخ

(59)

حيدرآباد سنڌ
24/11/1967

ٻہ چار ڏينهن ٿيا تہ تصويرن لاءِ هڪڙو ماٺهو خط کڻي آيو. ڇي آءُ مختيارڪار آهيان. کيس چيمر تہ ٿورو ترسي اچي کٽو تہ آءُ تصويرون بند ڪرائي سگهان. ڪجهہ مهڊيءَ کي چيمر، هن ڏاڳا وغيره ٻڌي بنڊل تيار ڪيو. مون کي ٿورو ڪمر هو ٻاهر نڪري ويس تہ پٺيان هو صاحب آيو سو تصويرن وارو بنڊل کڻي راهي ٿيو. ڪاوڙ بہ ٿيمر، پر ڇا ٿي ڪري سگهيس.

هن ڪل 11 تصويرون کنيون آهن. جنهن ۾ ٻہ تصويرون جميل جون آهن ۽ 9 توهان جون آهن. تفصيل هن ريت آهي:

| | | |
|---|---|---|
| 1. Village scene | - | Jamil |
| 2. Village girl | - | Jamil |
| 3. Marivee No.1 | - | Fatah Sahib |
| 4. Marivee No.2 | - | Fatah Sahib |
| 5. Octopus | - | Fatah Sahib |
| 6. Village girl | - | Fatah Sahib Taken from Md. Varial |
| 7. Sasui | - | Fatah Sahib |
| 8. Teddis | - | Fatah Sahib |
| 9. Sex | - | Fatah Sahib |
| 10. War | - | Fatah Sahib |
| 11. Dream | - | Fatah Sahib |

وري تازو هڪ هتي سچل ڪاليج ۾ نمائش ٿي هئي. توهان جون تصويرون گهريون هئائون، پر وچان اوهان جو ماٺهو آيو. وقت تمام گهٽو گذري ويو هو. ان ڪري واجب نہ پر ضروري هو تہ تصويرون موٽائجن.

توهان جي هڪ تصوير وڻ واري، جميل جي ميڻ واري تصوير ۽ سائين وريل جي گاڏيءَ واري تصوير ضبط ٿيل سمجهڻ گهرجي، جو هتي

رٽ گئلري ٺاهڻ جو ارادو آهي. هيءَ آهي تہ زيادتي، پر هجت سمجهي ڪئي
ڻئي آهي.

اوهان کي ڪور ڊزائين لاءِ چيل هو. ٿيندي ڪا مهرباني يا نہ؟
مهرباني ڪري سيوهڻ وارن ڪان تصويرون موٽائي وٺندا ۽ ھڏائيندا تہ
تي چا ٿيو؟

توهان جي تصويرن مان هڪ جو بلاڪ اينڊڙ مهراڻ رسالي ۾ شايع
ٿيندو. توهان کي تہ خبر هوندي علي اڪبر هن وقت لاهور يونيورسٽيءَ جي
رٽ ڊپارٽمينٽ ۾ B.A جو پهريون سال ڪري رهيو آهي. ها سچي! توهان
اعدو ڪيو هو. هن سال توهان کي مئٽرڪ ڏيڻي آهي.

مهدي صاحب وڏي چڪر ۾ آهي ۽ شايد هو شادي بہ ڪري چڪو
هي. ڪيئن ٿا ڀانيو؟

توهان جي دوستن کي سلام.

الراقم
ع. ق. شيخ

(60)

حيدرآباد سنڌ
15/1/1968

هن سان گڏ هڪ تصوير جي بلاڪ جو ڇپيل نمونو موڪلي رهيو آهيان. اهو تازو سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي مهراڻ ۾ شايع ٿيو آهي. رسالو اوهين خريد نہ ڪندا جو هڪ ڪاپي هو از خود توهان کي رواني ڪندا. افسوس رڳو اهو آهي تہ صرف هڪ رنگو بلاڪ هئڻ ڪري اهو پورو تاثر نہ آيو آهي.

ٻن تصويرن جا ٻيا بہ بلاڪ ٺهرايا اٿن. في الحال معاوضي لاءِ ڪجهہ بہ نہ چيو ويو آهي، پر ضرور ٿورو گهڻو ڪانئن وصول ڪبو.

هيلوڪي سياري تہ وڃائي ڇڏيو آهي. ڇا اوهان ڏانهن بہ سيءُ آهي؛ ڪيئن نہ هوندوا ٻيا ڪهڙا احوال آهن.

سرد ترين عيد مبارڪن جي مهرباني ۽ نوازش.

الراقم
ع. ق. شيخ

(61)

حيدرآباد سنڌ
2/5/196

توهان جا واقعي ٻه ٽي خط پهتل آهن. جواب ڏيڻ جي ڪوتاهي ٿي هي. تنهن جو سبب صرف اهوئي آهي اڄ سياڻ جي سستي. هينئر ته لڪل ڪاهل ٿي ويو آهيان. ڪم ڪار گهٽ، تنهن هوندي به واندڪائي ڪانهي. عجيب ڪشمڪش! زندگي الائي ڇا بڻجي وئي آهي؟ رڳو وقت جو زيان. ڪم جي ڳالهه ڪابه ڪانه!

تازو هتي ڪلاس جا امتحان ٿيا. ان ڪان پوءِ صدر ايوب جي ڏهه سالہ جشن ۽ نمائش جي تياري. خدا خدا ڪري هفتو پورو ٿيو ته پندرنهن ڏينهن وڏيڪ نمائش هلائڻ جو حڪم مليو آهي. بس سڄو ڏينهن ٻڌا ويٺا هيون.

توهين هتي آيا، نه مليا ته ٺهيو. وڏي ڳالهه ڪانهي ٿي ويو ته ان تي ڏو افسوس. اوهان تي ڪهڙي ميار. "مهراڻ" واري اهي پئسا جهيڙي سان نا. ٻڌي ٻيڙيءَ جو تختو ٿي ڇڱو. ٻيون به تصويرون شايد نه ڇپين. ڏڇٽا • جاءِ جا.
ٻيا ڪهڙا حال آهن؟

الراقم
ع. ق. شيخ

(62)

حيدرآباد سنڌ
20/2/1970

اڄ خلاف توقع توهان جو خط مليو. شڪر آهي، جو ياد ڪيو اٿوَ. مهرباني ۽ نوازش. ڇو ۽ ڇا جي ڪري؟ هن دؤر ۾ جڏهن هر ڪو پنهنجيءَ هڻ وٺ ۾ مجبور آهي. اتي ڪنهن دردمند جو ڪنهن کي ياد ڪرڻ غنيمت نہ پر احسان ئي چئبو.

مستن تي ڪهڙي ميار. هتي اڄ منهن نہ ڏيکاريو ائين ئي هليا ويا پوءِ پئي خبر پوي تہ فتاح آيو هو. چڱوا ائين ئي سهي. مثال طور آءٌ دادوءَ ۾ اچان. تو وٽ نہ اچان ۽ وري جي توکي خبر پوي تہ فلاڻو آيو هو..... پوءِ.....؟ پوءِ ڇا؟ ٺهيو.

*-*-*-*-

مورخہ 23/2/1970

قوم ۽ وطن پرستيءَ جي ديوتا کي تو هڪ ٺهار خدا جي حيثيت ڏني آهي. خبر ناهي توهان ڪهڙي خيال سان اهو اظهار ڪيو آهي؟ هر خود سر انسان هر پابنديءَ سان بغاوت ڪري ٿو. سو توهين جيڪڏهن ائين چئو تہ ڪا حيرت جي ڳالهہ نہ آهي. حساس طبع جو ٺيا. اها بہ جرئت چئبي جو جيڪي محسوس ڪجي، سو سواءِ ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي ظاهر ڪري سگهجي. مرحبا ۽ آفرين.

شهزادي سليم جي تصوير تحفي طور آندوَ. پوءِ ڇا ٿيو اهو تہ ڪولي پڏايو.

آءٌ بس پيو هلان. شڪر آهي خير جو وقت پيو گذري.

Continental Arts Council ناهي اٿوَ ڏاڍو چڱو. ان لاءِ بهتر ٿيندو تہ ٿورا قاعدا قانون ناهيو. اغراض و مقاصد بہ لکو ۽ هڪ منظم

جماعت سازيءَ وانگر ان جو ڍانچو ٺاهيو. ابتدا ۾ بنيادي طور ميمبر سازي ۽ فنڊ گڏ ڪيو. پوءِ رجسٽر ڪرايوس ۽ وڌيڪ ميمبر سازي ڪريو. انهيءَ کان سواءِ گورنمينٽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۽ ميوسنپالٽيءَ وغيره کان مالي امداد حاصل ڪري سگهبي. منهنجي خيال ۾ ته ائين وڌيڪ تعاون ۽ مدد ٻين جي حاصل ڪري سگهبي انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻه همراهه مڃڏ پيدا ڪبا ته گهٽو ڪجهه ڪري سگهجي ٿو. باقي ٺلهن ڳالهين سان ڳوٺ ڪين اڏبا. آءٌ هن سلسلي ۾ جيڪو ڪم مون تي رکندا، پوري ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندس.

توهان جي نالي سان گڏ "شرجيل" جو نئون اکر شامل آهي. مهرباني ڪري ان جو مطلب ٻڌائيندا. ٻيا ڪهڙا حال آهن؟ هتي اچڻ ۽ ملازمت جو خيال لاهي ڇڏيو اٿوَ ڇا؟ گذريل دفعي ملاقات جي دوران اهڙو ذڪر اوهان ڪيو هو. انهيءَ جو ڇا ٿيو؟

چڱو في الحال موڪلائي ڪانهي.

الراقم

ع. ق. شيخ

(63)

حيدرآباد سنڌ
30/10/1970

پيارا فتاح! خوش هجو شال.

توهان جو مزاج پرسيءَ وارو خط مليو. وڏي مهرباني جو ياد ته ڪيو اٿو. انسان محبت ۽ همدرديءَ جو گهرجائو آهي، جا ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اڃي بوءِ بهار وانگر جتي ڪٿي اٽلپ تي پئي آهي.

هن دفعي بيماريءَ ارڻ مان ڪيئي ڇڏيو. پاڻ مان آسرو لاهي ڇڏيو هوم، پر ڪي ڇوٽا هٿا جو هاٽي مڙئي رڙهي ڪاليج تائين پهچان ٿو. اچا دوائون پيو استعمال ڪريان. بيماريءَ وارو عرصو سچي ڳالهه ته اها آهي ته آءٌ دنيا جهان ۾ ڪونه هوس. سائين وريل صاحب سان افسوس اٿم هن ڪي ڪنهن سنگدل موٽائي ڇڏيو. آءٌ نهايت شرمسار آهيان ۽ معافيءَ جو خواستگار.

توهين هتي اچو ملو نه ملو ساڳي ڳالهه آهي. دل تي پٿر رکي ائين ئي چوٽو ٿو پوي. اوهين جلدي علاج ڪرايو. ڇو جو رڳو تندرستي هزار نعمت آهي.

منهنجي نه لکڻ جي شڪايت بجا آهي. ميارون پنهنجن تي ئي ٿينديون آهن. پر حقيقت اها آهي ته ”ڪي ويجها به ڏور ۽ ڪي ڏور به ويجها سپرين.“ سو ظاهري طور ته برابر ائين آهي، پر دلين جا لڳ لاڳاپا ڏاڍا مشڪل آهن، جو انهن کي ڇني ڌار ڪري سگهجي.

سچي! هتي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فائن آرٽس ڊپارٽمينٽ کولي وئي آهي. ورهن کان حسرتن جا خواب پورا ٿيا آهن. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. هاڻي اسان جي نئين نسل کي باقاعدي يونيورسٽيءَ ليول تي فني تربيت جا موقعا ملندا ۽ ترقيءَ جون راهون وڌنديون ويجهنديون. پر جڏهن تون ياد ٿو اچين ته ارمان ۽ افسوس وڪوڙي وجي ٿو. ڪاش تون هن

گمانيءَ جي ڳوٺ مان ٻاهر نڪرين.

آءٌ هاڻ خوش آهيان، جو هڪ ٻيرو وري هن رنگ ۾ ٻو جي دنيا ۾ موٽي آيو آهيان. دعا ڪندا. سڀني دوستن کي سلام. تو لاءِ ۽ سائين وريل لاءِ پيار.

الراقم

ع. ق. شيخ

قلم تازو:

پلا هڪڙي پلائي ڪريو. هن سال ماسٽرس امتحان ۾ ضرور وهو. اسپيسيمين تيار ڪريو. سستي نہ ڪندا انهيءَ ۾ تنهنجي بهتري آهي.

(64)

حيدرآباد سنڌ
12/2/1971

پيارا فتاح! شال خوش هجو!
جيئي سنڌ! مون تہ اوهان کي خط لکيو هو. عرصو گذري ويو هو شڪر آهي، جو اوهان ياد ڪيو آهي. مهرباني. توهان جا زبان متعلق جوشيلا جذبات پڙهي ۽ اخبارن ۾ دادوءَ جو احوال ڏسي دلي حسرت ٿي ته شل اسان جو هر فرد ائين سجاڳ ٿئي.
منهنجا احوال ڪهڙا ٿا پڇو؟ مڙيئي پيا گهلجون ۽ ڏينهن گذاريون.
هيءَ پهريون ئي دفعو آهي، جو اوهان تصوير بابت لکيو آهي هيڏانهن ڏياري موڪليو تہ ڪونہ ڪو گراهڪ پيدا ٿي پوندو.
توهين حيدرآباد هاءِ اسڪول ۾ اچڻ چاهيو ٿا. مهينو اڌ اڳوات ڳالهه ڪيو ها تہ معاملو بنهہ سولو هو. مسٽر جويو ڊپٽي ڊائريڪٽر هو. هاڻي تہ ڪو قريشي صاحب آهي، جنهن کي مون تہ زندگيءَ ۾ ڪونہ ڏٺو آهي. هاءِ اسڪول ۾ بہ ڊرائنگ ٽيچر آهن، هڪ پٺاڻ صاحب جو ڇوڪرو آهي، ٻيو محمد يعقوب آهي، جو نهايت چلتو پرزو آهي. ڪنهن صورت ۾ ڊپٽي ڊئريڪٽر يا ڊئريڪٽر صاحب يا انسپيڪٽر صاحب تي ڪو وڏو ٻار وجهي سگهو تہ ڪم ٿي سگهي ٿو. آءٌ عملي طور شرمسار آهيان تہ انهيءَ باري ۾ ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهان، نڪو ڪنهن ۾ اميد آهي.
توهان ان لائق آهيو يا نہ؟ اها بہ پڇڻ جي ڳالهہ آهي! آءٌ تہ ائين چوندس تہ تون گهڻو ڪجهہ لهين ٿو. شايد توکي پاڻ کي بہ خبر نہ آهي تہ تون ڪيترو ٿو لهين.
هتي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فائين آرٽ ڊپارٽمينٽ کليو آهي. اٺ ڏهہ شاگرد داخل ٿيا آهن. توکي ڪيتريون منٿون ڪيون هيم تہ مئٽرڪ ڏي

توهان واعدو به ڪيو پر انهيءَ ڪي به سال گذري ويا آهن. هوٽلن تي ويهي، چانهن پي، صحت ۽ پئسا برباد ڪري سگهو ٿا، پر وڏيڪ ڇا لکان؟

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ به جايون آهن، ٽن مهينن کان ظفر ڪاظميءَ، قاضي شاهه محمد ۽ علي اڪبر درخواست ڏني آهي، پر اجان ڪو ڪڙتيل ڪونه نڪتو آهي. علي اڪبر ته B.A به ڪئي آهي، پر سکر ۾ پينٽر ٿيو وينو آهي. بقول غالب:

عشق نے غالب نکما کر دیا
ورنہ ہم بھی آدمی تھے کام کے۔

واهه واهه ويهين صديءَ جا عاشق صادق — خدا مرهين. آمين

الراقم

ع. ق. شيخ

(65)

حيدرآباد سنڌ
17/9/1971

مٺيان ساڃي پاسي وارا اڪر صبح جو لکيا هئم. ڪلاس جي وقت پر پوءِ اُتي رهجي ويا. وچ ۾ سائين وريل آيو تنهن کي توهان وارو خط ڏيکاريم ۽ چيومانس تہ خط لکين تہ لکي گڏ موڪليون پر وريءَ کي دادوءَ جا استاد اچي ويا ۽ هينئر شام جا ست ٿي رهيا آهن. ٻاهر چڪر ڏيڻ جي خيال سان تيار ٿيس. وري اوهان جي يادگيري آئي ۽ ويهي وري هي چند سٽون لکي رهيو آهيان.

ڪم جي ڳالهہ. هتي شهر ۾ ڪمرشل ورڪ ڪافي آهي. آءٌ پاڻ ڪونہ ڪريان البت ڪو شاگرد يا دوست هوندو آهي تہ ان کي عرض ڪندو آهيان. ادبي بورڊ وارا بہ هاٿي...... اهي ماٺهو ئي هليا ويا...... مطلب تہ توهين ايترو پري رهي ڪيئن ڪم اڪلائي سگهندا؟ بهرحال توهان ٻڌايو آهي ڪو ڪم مليو تہ يڪدم اطلاع ڪندس.

ورندڙ نپال ۾ احوال ڏيندا تہ توهان جو اسڪول گورنمينٽ ڪنيو آهي يا نہ؟ اوهان جي هتي اچڻ جو هڪ امڪان آهي، جي سانگهڙ مان ڪجهہ شاگرد هيڏانهن موڪليائون تہ پڪ اوهين هتي هوندا. اوهين هتي رهڻ جو بندوبست پنهنجي لاءِ ڪري سگهندا يا نہ؟

